# سنڌي
# ننڍيون ڪهاڻيون

ليکڪ: ٺاڪر چاولا

Title:
**Sindhi Nandhyoon Kahanyoon**
**(sindhi Short Stories)**

**سنڌي ننڍيون ڪهاڻيون**

Author:
**Thakur Chawla**

**ليکڪ :**
**ٺاڪر چاولا**

Copies:- 500

ڪاپيون: ۵۰۰

Price:- Rs.100 /-

قيمت : -/100 رپيا

Year:- 2010

سال:2010

Publisher:-
Amrita Anand Publication
Mumbai.

پبلشر:-
**امرتا آنند پبليڪيشن**
ممبئي

Printer:-Impressions
212- Allied Ind. Estate.
Mahim, Mumbai- 400 016.
Tel: 66662315,

پرنٽر:- **امپريشنس**
۲۱۲، اَلائيڊ اِنڊسٽريئل اِسٽيٽ،
ماهيم، ممبئي- ۴۰۰۰۱۶.
فون:-- 66662315.

Cover:-
**Anand Lalchandani**

ڪور:
**آنند لعلچندائي**

# فهرست


قداورڪهاڻيڪار جون مني ڪهاڻيون-لڇمڻ ڪومل 5
مهاڳ ڪان پوءِ ٻه اکر - ٺاڪر چاولا 11
ريڊيائي تبصرو سنڌي ڪهاڻيون-ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي 13
سنڌي ڪهاڻيون-بنسي خوبچنداڻي 17
اِنٽرويو- وشنو ڀاٽيا 21
سنڌي ننڍيون ڪهاڻيون 27
انٽرنيٽ تي شادي.... 34
ڀاڪر ۾ هليو آيو..... 35
جهوني ڊائريءَ مان لڌل 37
هڪ اردو ۾ لکيل خط جو ترجمو 39
آشيانو ڪنهن ٺاهيو؟ 43
ڊڪ ڊوڙ 47
ڇوٽون گهر.... 50
چار گهنڊ 52
اڌ ۾ لکيل خط 55
بندرابن کان مٿرا 60
ڪئناڊا مان ٽي فون..... 60
سُياڻي چا ٿيندو؟ 63
بنا عنوان ڪهاڻيون 66
خدا جو گهر 68
ليپو 72
منهنجي پاسي 75
سلور جبلي 77
سوڪڙي 78
ڀڳڙيون 79
۵۰ سال اڳ لکيل خط جيڪو لفافي ۾ 81
دل شڪستو 83
دل جو ٻاءِ پاس آپريشن 86
هوءَ ڪير هئي؟ 89
امبولئنس 96
ٻه ڏينهن 99
موُت جو سڏ 101
ڏاڏي جو پوٽين ڏانهن خط 103
تون سنڌ ۾ رهي پئـہ! 106
جسم پرزا پرزا 108
دوست جو خط 115
ڪلاڪار سان فوٽو 118
119


ساهتيه اڪاڊمي طرفان اوارڊ مليل ڪونڪڻي ناول
ڪارميلين
ليکڪ : دامودر مؤزو
سنڌيڪار :
پارو چاولا

# قداور ڪهاڻيڪار جون مني ڪهاڻيون

عالمي ادب جي بهترين مني ڪهاڻي ٻن سٽن جي آهي-
”ٽرين ۾ هڪ همسفر سامهون ويٺل کان پڇيو: ”تنهنجو جنن ڀوتن ۾ وشواس آهي؟
جيسين هو ڪنڌ مٿي ڪري جواب ڏئي سوال پڇندڙ غائب ٿي ويو!“هن ڪهاڻيءَ کي سال جي بهترين ڪهاڻيءَ جو عالمي اوارڊ مليو هئو.
ڀارتي ساهتيه ۾ پڻ هنديءَ جي هڪ ڪهاڻيڪار جي ٽن سٽن جي مني ڪهاڻي آهي. ”هڪ ماءُ کي ٻه پٽ هئا:-
ماءُ مهيني جا پندرهن ڏينهن هڪ پٽ وٽ ماني کائيندي هئي ۽ پندرهن ڏينهن ٻئي پٽ وٽ.
پر جنهن مهيني ۾ ايڪٽيهه ڏينهن هوندا هئا، ماءُ کي بکيو رهڻو پوندو هو.“
منهنجي نظر ۾ هيءَ مني ڪهاڻي ٻه هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي، بلڪ هڪ جاذب مڪمل ناول آهي.
ٽيڪنيڪي طور ڪهاڻي ٻن سٽن کان ٻه سو سٽن تائين لکي سگهجي ٿي.
قوت العين حيدر (عيني) ۽ سريندر پرڪاش جي ڪا ڪهاڻي سو صفحن کان گهٽ نه هوندي آهي. عينيءَ جي ڪهاڻي ’ هائوسنگ سوسائٽي‘ ۽ سريندر پرڪاش جي ڪهاڻي ’’باز گوئي‘ (Story Retold) سوا سو کان ڏيڍ سو صفحن تائين ڦهليل آهن پر هڪ ليکڪ جو فن ڪهاڻي جي پڇاڙيءَ جي پوئينءَ پئراگراف تي پهچي عروج تي رسندو آهي.
آمريڪي ڪهاڻي ڪار او هينري پنهنجي ڪهاڻي جي پوئين ٻن سٽن ۾ پڙهندڙ کي ڇرڪائي ڇڏيندو هئو ۽ اهي سٽون پڙهندڙ جي ذهن ۾ نشتر جيان کُپي وينديون هيون. جيڪڏهن ذهين پاٺڪ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ جي اڳ ۾ پيش بيني ڪري ويو ته اها ڪهاڻيڪار جي ناڪامي نظر ايندي.
انهيءَ نظريي هيٺ ئي مغرب ۾ ’مني ڪهاڻي ‘ جو صنف وجود ۾

آئي،جنهن هن ننڍي ڪنڊ جي ڪهاڻيڪارن کي متاثر ڪيو ۽ سنڌيءَ سميت ٻين علائقائي ٻولين جي ڪهاڻيڪارن ان صنف کي آزمايو. هندي گجراتي ۽ بينگالي ساهت ان ڏس ۾ بهر حال، ٻين ٻولين جي ڪهاڻين کان اڳرو رهيو.

سنڌي ساهت ۾ 'مني ڪهاڻي ' جي صنف ڪجهه دير سان برابر آئي پر ان جلد ئي ساهتيه ۾ پنهنجي شناخت ۽ قبولڻ قائم ڪري ورتو ۽ اڄ مني ڪهاڻيءَ کي سنڌي ساهتيه ۾ سنجيدگيءَ سان ورتو وڃي ٿو.

منهنجو حافظو مون کي ساٿ نٿو ڏئي ته سنڌي ساهتيه ۾ پهرين مني ڪهاڻي ڪڏهن لکي ويئي ۽ ڪنهن لکي؟ ۽ مني ڪهاڻيءَ جي صنف ڪڏهن کان مروج ٿي؟ پر پندرهن ويهن سال اڳ مون ڪن رسالن ۾ مون هوندراج بلواڻيءَ جون مني ڪهاڻيون پڙهيون هيون ۽ ان بعد گجرات مان شايع ٿيندڙ ڪن سنڌي رسالن ۾ ڪيترن ڪهاڻيڪارن جون مني ڪهاڻيون سلسليوار شايع ٿينديون رهيون. گجراتي ساهتيه ان صنف شايد ڪين وڌيڪ متاثر ڪيو جو گجراتي ساهتيه جي ان صنف تائين اڪثر اديبن مني ڪهاڻيون لکيون آهن. حالانڪ هن وقت مني ڪهاڻي هندي، اُڙيا، تامل ۽ تيلگو ادب ۾ عروج تي آهي.سنڌيءَ جي شروعاتي دور جي مني ڪهاڻين ۾ هڪ ٻن ڪهاڻيڪارن کي ڇڏي اڪثر مني ڪهاڻين جو نه پر ٽوٽڪن جو ڏيک ڏينديون هيون. ڪنهن معمولي منظر، ڪنهن واردات ڪڻ پل جي نظاري اک ڇنڀ جي آزمودي، ڪنهن تلخ تجربي ۽ هڪ ڇرڪائيندڙ واقعي تي مڪمل مني ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي ، بشرطيڪ ليکڪ جون ذهن صلاحتيون ۽ قوتون ڀرپور ۽ جذبي جي شدت گهري هجي ۽ گڏو گڏ مشاهدي جي نظر پڻ تکي هجي جيڪڏهن ساهت سماج جي اک آهي ته ساهتڪار جي اک ته ڪليل هئڻ ضروري آهي جئن مون شروعات ۾ ٻن مني ڪهاڻين جو حوالو ڏنو آهي.

مان پڪ سان چئي نٿو سگهان ته ٺاڪر چاولا پنهنجي پهرين مني ڪهاڻي ڪڏهن لکي پر جيستائين مون کي ياد ٿو اچي ته مون هن جون مني ڪهاڻيون گذريل ٻن ٽن ڏهاڪن کان پئي پڙهيون آهن ۽ ٺاڪر جي هر

مني ڪهاڻي پڙهندي مون کي احساس ٿيو آهي تہ ٺاڪر چاولا جي دل ڇهندڙ مني ڪهاڻي ۾ اسانجي سماج جا عام خواهہ خاص مسئلا ۽ ننڍا ننڍا نفيساتي نقطا اسان جي نازڪ ۽ نفيس احساسن کي ڇهندا ذهينن ۾ کي ولوڙا اوس وجهندا رهيا آهن. سماجي مسئلن تي لکڻ لا ٺاڪر حقيقت نگاري ۽ ٻوليءَ جي سلامت کي برقرار رکيو آهي. ٻئي طرف انساني آزمودن سان واڳيل پنهنجن مني ڪهاڻين کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ ٺاڪر ڪٿي تجرباتي تہ ڪٿي ڊرامائي انداز پڻ اختيار ڪيو آهي ۽ ٻنهي صنفن جي فن سان بخوبي واقف آهي. هن جي ساهتڪ سوجهہ ٻوجهہ واري نظر پنهنجي آس پاس ڦهليل فضا کي هڪ نئين نظريي، رخ ۽ رويي سان ڏسڻ جي هيراڪ بڻجي چڪي آهي، جيڪا نظرئي هن ۾ ڪوزي ۾ درياهہ بند ڪرڻ جي قوت ۽ خصوصيت پئدا ڪري سگهي آهي.

خبر ناهي ڪهڙيءَ مصلحت هيٺ ٺاڪر چاولا پنهنجي هن مجموعي کي ’سنڌي ننڍيون ڪهاڻيون‘ سرو ڏنو آهي. شامل ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ تہ آهن ئي پر اهي ننڍيون ڪهاڻيون (Short Stoies ) ناهن.شارٽ اسٽوريز جا ٽي مختلف پهلو آهن:- ’شارٽ شارٽ اسٽوري،‘ ’شارٽ اسٽوري‘ ۽ ’لانگ شارٽ اسٽوري‘ اهي ٽيئي فارم ننڍي ڪهاڻي (Short Story) جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا.

ٺاڪر چاولا جي هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون، مختصر ڪهاڻيون Mini stories جي فارم ۾ ڦهڪيل آهن جن جي رچنا جي هڪ واڌو Additional آفريني ٺاڪر چاولا جي حصي ۾ ان ڪري اچي ٿي جو هن ڪهاڻي بہ ڏني آهي تہ ڪهاڻيءَ جو تجرباتي فارم پڻ ڏنو آهي. مجموعي جي مُهر ۾ منهنجي هن مختصر مقدمي سان گڏ سنڌيءَ جي ٻن ساهتڪارن جا ريڊيائي تبصرا شامل آهن آزمودگار اديب وشنو ڀاٽيہ جو ٻن حصن ۾ تيرهن صفحن تي ڦهليل ٺاڪر چاولا کان ورتل انٽرويو آهي، جنهن ۾ ٺاڪر جيڪي حقيقتن ۽ ماڻيل مشاهدن تي ٻڌل جواب ڏنا آهن يا وضاحت ڪئي آهي، ان مان اهو تاثر ملي ٿو تہ مجموعي ۾ درج ڪيل ڪهاڻيون خيالي، نصوارتي يا فڪشنل نہ پر ڪن حقيقتن يا حق پرستي

جي بنياد تي بيٺل آهن.

مون چاهيو ٿي تہ مان ڪن چونڊ ڪهاڻين جو تجزيو ڪيان يا گهٽ ۾ گهٽ جائزو وٺان پر منهنجن ٻن ساهتڪار دوستن تبصرن جي صورت ۾ اهو فرض اڳ ۾ ئي نباهي ڇڏيو آهي ۽ مان ورجاءِ کان پاسو ڪري رڳو ڪهاڻين جي اڻ ڇُتل پهلوئن تي پنهنجو ردعمل Not REACTION BUT RESPONSE واضح ڪيان ٿو.

ٺاڪر چاولا فطرتن هڪ رومانوادي ليکڪ ۽ شخص آهي. (شخص- حوالو: ”تون سنڌ ۾ رهي پئہ“ سفرنامي جو پويون باب) پر هن جو رومانوي رخ ۽ رويو رمز ڀريو پئي رهيو آهي. ان عمل ۾ شايد هن جي خاموش طبيعت جو پڻ ڪاجهہ دخل رهيو آهي. هن جون ڪهاڻيون پڙهندي مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ هن جي اندر جو ليکڪ رومانوي هوندي بہ پيار محبت جو اظهار ڪرڻ ۾ پنهنجي قلم کي قابوءَ ۾ رکي، پاڻ کي بچائي بچائي ۽ سٽن کي سنڀالي سنڀالي لکندو رهيو آهي. ٻين اڪثر اديبن وانگر دل جا داغ ڌوئڻ لاءِ هن پنهنجن ڪهاڻين ۾ ڪي ڌوٻي گهاٽ نہ کوليا اهن. شايد ان ڪري هو پنهنجين ڪهاڻين ۾ هڪ رومانٽڪ تہ رهيو پر رومانٽڪ رووليوشنري Romantic Revolutionary نہ ٿي سگهيو.

ڪا بہ ڪهاڻي فن جي بلندين کي تڏهن ڇُهندي آهي، جڏهن ڪا ڏکئي ۾ ڏکي واردات يا گهٽنا يا Situation سليس ۾ سليس عبارت ۽ ٻولي ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪئي وڃي جو عبارت جي سلاست Lucidity ۾ وڏيڪ گهرائي ۽ تاثر پئدا ٿئي ٿي بنسبت اکرن ۾ اٽڪيل ۽ الجهيل عبارت جي.

ٺاڪر چاولا کي پنهجين اوائلي تخليقن ۾ ئي نہ رڳو ان اصول جو احساس هئو پر هن ان تي عمل ڪري مني ڪهاڻيءَ ۾ ان عمل جي هڪ نئين واٽ ورتي. نتيجي طور هن جي هر مختصر ڪهاڻي پڙهندڙن جي ذهن تي امٽ ڇاپ ڇڏيندي رهي. پنهنجيءَ ان جا جاچنا کي واضح ڪرڻ لاءِ مان ٺاڪر جي ڪهاڻيءَ جون ڪي سٽون درج ڪيان ٿو:-

”اوچتو هن پنهنجو گهر، زال ۽ ٻار سيني کي چنبڙي ڏٺو ۽ ڪنهن مائٽ وٽ پيئنگ گيسٽ ٿي رهيو.

هڪ ڏينهن صبوح جو سوير اسڪول وڃڻ لاءِ ٻار اسڪول بس لاءِ تيار ٿي ترسيا بيٺا هئا ۽ پريم ان ويل اتان ٿي لنگهيو ۽ سندس ٻارن کي ماءُ پريان ئي رڙ ڪري پيءُ سان ڳالهائڻ لاءِ منع ڪئي. هو پاڻ هيٺ اوڪرو ويهي ٻارن کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ انتظار ڪري رهيو هئو پر ٻار ماءُ جي دپ کان وٽس نه آيا. پر سندس پاليل ڪتو (پپي) پُڇ لوڏيندو پريم جي ڀاڪر ۾ هليو آيو.“

ٺاڪر جي هن ڪهاڻيءَ جون پوريون سٽون سيسرات ٿيون پرائين. هتي اچي ڪهاڻي نه رڳو هڪ جاذب Absorbing تحرير ۾ تبديل ٿي ٿي وڃي پر هڪ حيوان جي وفاداريءَ کي انساني احساس مٿان ترجيح ٿي ڏئي.

هن مختصر مهاڳ ۾ مون به ٺاڪر چاولا جي مختصر ڪهاڻين وارو رخ اختيار ڪيو آهي ان ڪري هر ڪهاڻيءَ تي تفصيل سان جائزو وٺڻ کان عار ڪندي ٺاڪر جي هڪ نئين ٽيڪنڪ تي ٻڌل ڪهاڻيءَ کي هڪ ڪامياب تجربو قرار ڏيان ٿو. اها ڪهاڻي آهي

”آشيانو ڪنهن ٺاهيو؟“

هنديءَ جي برک ساهتڪار موهن راڪيش جي زندگيءَ جو پوريون مڪمل ناٽڪ ’آڌي اڌوري‘ جو ٽيڪنڪ لڳ ڀڳ اهڙو ئي آهي. جنهن ۾ پتي پتنيءَ وچ ۾ گهائيندڙ ڊائلاگ آهي. فرق اهو آهي جو ٺاڪر جي ڪهاڻيءَ جو مخالف ڪردار هر سوال کي قبول ڪندي هر اعتراف ڪندو ٿو رهي.

”آشيانو ڪنهن ٺاهيو؟“

”تو“

توکي ٻئرڪ مان اٿاري فلئٽ ۾ ڪنهن آندو؟“

”تو“

۽ ٻچاڙيءَ

”هيترو سڀ توسان ڪنهن ڪيو ؟“

”تو“

سچي ڪهاڻي مونو لاگ جي صورت وٺي اپرندي ٿي رهي ۽ ڪهاڻيءَ جو سچو سار تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو وچي پر جي مخاطب ٿيل ڏُر هر احسان کي قبول ڪري ٿي تہ پوءِ جهيڙو ڇا جو آهي؟

ڪهاڻيءَ کي ڪو ڇرڪائيندڙ موڙ (twist) ڏيئي پڇاڙيءَ ۾ مخالف مظلوم ڪردار کان ڪٿي ڪو اهڙو ڇتو جواب ڏياري. ناڪر ڪهاڻيءَ کي بلنديءَ تي پهچائي سگهڻ جي پوري قوت ۽ قابليت رکي سگهيو ٿي پر هن پنهنجيءَ ان قوت کي شعوري يا غير شعوري طور الائي ڇو ڪم نہ آندو آهي. يا شايد ڪنهن ڪوڙي جواب کان خوف کاڌو آهي. ناڪر جون اڪثر ڪهاڻيون ڪردارن کان ٻاهر نڪري پنهنجو پاڻ ٻڌائڻ ٿيون لڳن ۽ ثابت ڪن ٿيون تہ سٺي ڪهاڻي لکڻ لاءِ هرويرو ڦهلاءُ ضروري ناهي. بهر حال ناڪر ڇاولا جون هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون گهٽ ۾ گهٽ بہ ٻيرا پڙهڻ جي تقاضا ڪن ٿيون. هڪ ڀيرو ڪهاڻيءَ جي مواد جو مزو ماڻڻ لاءِ ۽ ٻيو ڀيرو ناڪر جي عبارت جو لطف وٺڻ لاءِ.

لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘

# مهاڳ ڪان پوءِ به اڪر.....

ٻن ڏهاڪن کان به سو کن ننڍيون ڪهاڻيون پي لکندو رهندو آهيان. 'شادي جي پهرين رات ۾' ئي پنهنجي من جي ڳالهه ظاهر ڪري چڪو آهيان ته مون ان رتا ڪي ئي پسند ڪيو آهي ته هڪ خيال، هڪ ڪهاڻي، هڪ واقعو، هڪ ڪهاڻي ۽ ان فيصلي سان هن مهل تائين ته نڀائيندو رهيو آهي. پوءِ وچ وچ ۾ ڪڏهين ٻن پئرائن ۾ ڪهاڻي پوري يا ٻنان عنوان ڪهاڻي لکي تجربا ڪندو پي رهيو آهيان.

جڏهن 'شاديءَ جي پهرين رات ۾' هڪ ڪهاڻي جنهن جي پڇاڙي واري پئرا اجهو هيئن هئي:

**”هوءَ صبح جو سوير ئي اٿي رنڌڻي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هلي وئي هئي ۽ جڏهن مان ننڊ مان اٿيس ته منهنجي چٻيءَ جا ٻٽڻ کليل هئا ۽ سڌو بيهندي ئي چٻي هيٺ پيرن تي ڪري پيئي.“**

ان ڪهاڻي جي 'ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجي.' پڙهندڙن ۾ طوفان مچائي ڏنو، ڪنهن سچڻ اسڪول جي ماسترن ۽ ماستراڻين کي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ لاءِ ڏنا ۽ واپسي ۾ ان تي رايو گهريو....ٻئي پاسي ڪن ليکڪن اخبارن ۾ ڪتاب بابت لکڻ شروع ڪيو جنهن ڪري هڪ ڇاپو ختم ٿي ويو، ٻيو ڇاپو به ختم ٿي ويو ۽ وري مون پڌرائي ڪري ڇڏي ته ڪو به ڪتاب خريد ڪري ۽ ان مان کهڙيون به ٻه ڪهاڻيون، ته پڙهي ڏسي. جيڪڏهن ڪيس وڌيڪ پڙهڻ لاءِ من نه لالچائي ته قيمت واپس ڪنهن به خريدڻ کانپوءِ به قيمت واپس نه گهرائي. ٽيون ڇاپو ڇپايان، اوستائين ٻيو ڪتاب 'اڄ جون ڪهاڻيون' تيار ٿي ويو، جنهن ۾َ به ڇاپا نڪتا.اڄ جي ڪهاڻين جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر' ارجن شاد'اجهو هيئن لکيو آهي.

'ڪهاڻيءَ جو فن اڄ جي حالتن مطابق ڪنهن تبديل جو واهڻ ڳولڻ لڳو، پر ان جا بنيادي اُصول قائم رکيا ويا. ٿاڪر محسوس ڪيو ته ڪهاڻيءَ کي حالتن پٽاندڙ ڪجهه ٻئي نموني ۾ پيش ڪرڻ ضروري آهي. اڄ جو زمانو آهي ٽي.وي ۽ انٽر نيٽ جو تنهن کان سواءِ زندگيءَ جي زياده ڪم سبب، ماڻهن وٽ وقت جي تنگي آهي. ان ڪريَ هن ڪهاڻيءَ جي ڊيگهه ۾ صرفي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ساڳئي وقت ڪهاڻين جي فن سان هٿ چراند نه ڪئي اٿس. ڪهاڻيءَ جا بنيادي اُصول بلڪل قائم رکيا آٿائين. مان سمجهان ٿو هي پهريون ڪهاڻي نويس آهي جنهن اهڙو

تجربو ڪري ڏيکاريو آهي. جنهن ڪي تواريخي اهميت رهندي.
ٺاڪر پنهنجي طرز بيان ۾ ڪڏهن فيلسوفي ڪهاڻي نظر رکي ٿو ته ڪڏهن شاعراڻي، انساني رشتن جي نازڪ ڪهاڻين ڪي هو جنهن نزاڪت سان ۽ ڪلاتمڪ نمونې ۾ پيش ڪري ٿو. تنهن مان سندس اعليٰ ڪهاڻيڪار جي ساکي ملي ٿي.'
ٺيون ڪتاب 'تون سنڌ ۾ رهي پئه' سنڌ جو سفرنامو، جنهن ڪتاب ظاهر ٿيڻ تي سنڌي ڇپيل سفرنامن جي پيٽ ڀرڻ لڳي. پر مون ان بحث ڪان پاڻ ڪي پري رکيو. ان ڪتاب ۾ ڇپيل لڇمڻ ڪومل جي مهاڳ لاءِ ائين ڇپائون سفرنامو تاجمحل آهي ته مهاڳ، ان ۾ وچڻ جو وڏو دروازو هڪ ڇاپو، ٻيو ڇاپو ۽ ٽيون ڇاپو، ته به ڪتاب بچيل ناهي. جڏهن سنڌ مان گھڻيڪ ڪلاڪارن ۽ سنڌ جي اديبن جي ڊيليگيشن هند ۾ به آئي هئي ۽ دهليءَ ۾ ڪهاڻي تي سيمينار وقت هند ۽ سنڌ جي اٽڪل هڪ سؤ کن ليکڪائن ۽ ليکڪن اڳيان ننڍي ڪهاڻي بابت مونکي ڳالهائڻ لاءِ مائيڪ اڳيان ڏنو ويو، مون صرف ٻن پئرائن واري بنان عنوان واري هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائي ۽ چپ ٿي ويس. سيمينار پورو ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جو وڏو ڪهاڻيڪار اچي ياڪر پاتو ۽ چيو "ٺاڪر واه جي وڏي مطلب سان هيءَ ڪهاڻي هئي."
"ايئرڪنڊيشن گاڏي ۾ چڙهيا، سامهون واري برٿ تي اچي ويٺا، ڪنوار برقي ۾ هئي ۽ هن وهڻ شرط برقو لاهي ڇڏيو، تڏهن خبر پئي هن جي پيرن تي ميندي لڳل هئي ۽ ڪراين ۾ رنگه به رنگي ڪانچ جون چوڙيون، لڳو شادي ڪري ڀوپال مان زيارت ڪري موٽي رهيا هئا. ٽرين هلي، ڪنوار گهوٽ جي ٽنگن تي ليٽي پئي، پر گهوٽ ڪيٻائڻ لڳو، جنهنتي هن چيس "شرم ڇو ٿو ٿيئي، هت تنهنجي امي ٿورئي آهي. جو پيار سان ليٽڻ به نٿو ڏين! گهر پهچي، ائين ئي پري ٿي ويندين."
چوٿون ڪتاب 'سنڌي ڪهاڻيون' جي مهاڳ ۾ عظيم شاعر' پريو وفا' اجهو هيئن ٿو چوي 'منهنجي هينئر اهو سوچيل سمجهيل پڪو پختو رايو آهي ته ٺاڪر چاولا عظيم ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي، هنجون ننڍيون ڪهاڻيون معياري آهن.
چاولا صاحب سنڌي ادب جي ڪهاڻي کيتر ۾ هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي آهي هاڻ هي پنجون ڪتاب 'سنڌي ننڍيون ڪهاڻيون' جنهن ڪي دوست لڇمڻ 'ڪومل' مني ڪهاڻيون ٿو چئي، اوهان جي هٿن ۾ آهي ٺاڪر چاولا.

# ريڊيائي تبصرو
# سنڌي ڪهاڻيون

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي

اڄ سنڌي ٻولي هڪ وڏي سنڪٽ مان گذري رهي آهي سنڌي ٻولي جو واهپو ڏاڍي تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هاڻي پاٺڪ رهيا ڪمڙا آهن؟ صرف ليکڪ ئي تہ وڃي پاٺڪ بچيا آهن. سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ حالتون سٺايون ڪونهن. پر پوءِ بہ سنڌي ڪتاب جهجهي انداز ۾ شايع پيا ٿين. ايڪويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾، ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇپجي شايع ٿي چڪا آهن؛ پر معيار جي لحاظ کان جيڪڏهن ڏسبو تہ ڪيترا ڪتاب پاسيرا رکي، صرف چند ڪتابن جي ئي چونڊ ڪري سگهبي. ان ڪسوٽيءَ جي مدنظر، مون هن ريڊيو-تبصري لاءِ هيٺيون ڪتاب چونڊيو آهي:

ٺاڪر چاولا جو سن 2006ع ۾ شايع ٿيل ”سنڌي ڪهاڻيون“

ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي لحاظ کان، ٺاڪر چاولا هند ۾ سنڌ جي هڪ مانائتي شخصيت جو نالو آهي. هن آوازي ڪلچر ذريعي، سورهن سالن کان سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ لاءِ، هڪ اهم ڪردار نباهيو آهي

۽ اڃا بہ نباهي پيو. ”سيتا سنڌو پون“ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪڏجاڻيون ۽ موسيقي پروگرامن ان جا زندهہ مثال آهن. هن جي ادبي مخزن ”سپون“ۀ بہ هند ۽ سنڌ ٻنهي ملڪن ۾ هڪ آبرودار آستان جوڙي ورتو آهي. پر اڄ مونکي ٺاڪر چاولا جي ”سنڌي ڪهاڻيون“ تي ئي ڳالهائڻو آهي.

ڪهاڻيءَ جي روايت انساني جاتيءَ جِي تاريخ جيان ئي قديم آهي. ڪهاڻيءَ جي ابتدا، ان ڪري تڏهن کان مڃڻ کپي، جڏهن کان ماڻهو ڳوڙن سان هلڻ سکيو. دنيا جي ادب ۾ ڪهاڻي منڍ کان وٺي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ملي ٿي. پر هاڻوڪي ڪهاڻي روپ، موضوع ۽ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان اڳين ڪهاڻين کان بلڪل ئي مختلف آهي. جديد ڪهاڻي، هڪ ادبي صنف جي حيثيت ۾ مغرب جي البت جديد حاصلات آهي، ۽ ان جي اوسر ۾ مغربي ڪهاڻيءَ جو وڏو هٿ آهي. هاڻي مان اچان ٿو ٺاڪر چاولا جي ڪهاڻين تي ٺاڪر چاولا جي ”سنڌي ڪهاڻيون“ ۾ ڪل ملائي پنجويه ڪهاڻيون آهن. ليڪڪ هنن ڪهاڻين کي مني مني ڪهاڻيون، بنا عنوان ڪهاڻيون ۽ ننڍيون ڪهاڻيون ٿو سڏي. پر مان اِنهن نالن کان ڪنارو ڪري، اِنهن کي ڪهاڻيون مڃي، ڪهاڻين جو جائزو وٺندس. مان اِهو مڃي هلان ٿو تہ ڪهاڻيءَ ۾ نالن ۽ نعرن جي ڪائي اهميت ڪانهي. اهميت صرف ڪهاڻين جي آهي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ پڙهندڙن اڳيان، اُهي چيزون ميسر ڪيون وڃن، اُهي ڪهاڻيون پيش ٿين، جو کين پنهنجيون لڳن. هڪ سٺي ڪهاڻي، پنهنجو پاڻ ڳالهائيندي آهي. ان جي هڪ دفعو نہ، پر ور ور ڪٿ ٿيندي رهندي آهي.

ڪهاڻي زندگيءَ جي تصوير آهي. اها حياتيءَ جي سنگهرش، ان جي اُلجهن، ذهني ڪشمڪش اِنساني من جي گهراين، ان جي لڪل پاونائن ۽ تصور جو من - چِيد ذريعي اِظهار ڪري ٿي. ڪهاڻي، زندگيءَ مان اُپري ٿي ۽ زندگيءَ جا پانت پانت پهلو ساڻ ڪري هلي ٿي. زندگي سدا بدلجندڙ آهي. اها هڪ هنڌ بيٺل ڪانهي، وهندڙ درياه آهي، ان ڪري ڪهاڻيءَ جو روپ بہ بدلجندڙ آهي.

ٺاڪر چاولا جي ڪهاڻين عام پڙهندڙن سان گڏوگڏ، ادبي حلقن جو ڌيان به پاڻ ڏانهن ڇڪايو آهي. ٺاڪر چاولا جون ڪهاڻيون پڙهڻ کانپوءِ، منهنجو قلم ازخود ڪجهه ڪاڇي ويو آهي ۽ مان هن جي ڪهاڻين تي لکڻ لاءِ آماده ٿيو آهيان. هن جي ڪهاڻين ۾ اجوڪي سماجي زندگي ۽ ان جا مختلف پهلو اثردار نموني آيل آهن. ٺاڪر چاولا، پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن، زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعن کي ڪهاڻين ۾ جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي حياتيءَ مان اُهي ڪردار کنيا آهن يا ٻڌل واقعن مان اُهي پاتر چونڊيا آهن، جن مان پڙهندڙن کي ڪجهه فيضرسي. اِنهن سادين - سودين ڪهاڻين نه صرف پڙهندڙن لاءِ وندر ميسر ڪئي آهي، پر سندن راه به روشن ڪئي آهي.

ٺاڪر چاولا جي ڪهاڻين جا ڪردار خيالي نه، پر آس پاس جي حياتيءَ مان ئي کنيل آهن. ڪهاڻين جا واقعا حقيقتن تي ٻڌل آهن. هن جي ڪهاڻي ’پنجتيه راتيون-ڇٽيه ڏينهن‘ هجي توڙي ’تو ائين ڇو ڪيو - مون ائين ڇو ڪيو؟‘ اهي رچناڪار جي نجي زندگيءَ سان وابسته آهن. ڪهاڻين جا ڪردار ڄاتل-سڃاتل آهن، ليڪ صرف ڪردارن جا نالا بدلايا آهن. ’اڪيلو اڪيلو‘، ’موڪلاڻي‘، پٽ ۽ پيءُ ڪهاڻين ۾ ليڪ، جديد سماجي قدرن جو اظهار فنائتي نموني ڪيو آهي. ’سڀ مرد هڪ جهڙا‘،’ هوءَ هلي ويئي‘ ۽ ’ٻچائو ٻچائو‘ ڪهاڻيون آهن. ’تناءُ تناءُ‘ ۽ هڪ جهٽڪو ٻن پيڙهين جي تفاوت کي اجاگر ڪن ٿيون.

ٺاڪر چاولا جي ڪهاڻين جا پلاٽ سڌا-سنواٽا آهن. اُنهن ۾ اجايو گهماءُ-ڦيراءُ ڪونهي. ڪهاڻين ۾ واقعن جو سلسلو اهڙي نموني رکيل آهي، جو اُنهن ۾ انتظار جو عنصر پڇاڙيءَ تائين قائم رهي ٿو. ليڪ ڪهاڻين ۾ وارداتن جي ترتيب کي ڪلاتمڪ نموني عروج تي رسائي ٿو. هو واقعن کي اڳيان پٺيان ڦيرائيندي پڙهندڙن کي منجهائي نٿو، پر سڌي سنواٽي ڦيرائيندي پڙهندڙن کي منجهائي نٿو، پر سڌي سنواٽي

آڪاڻيءَ ذريعي، پاٺڪن کي ساڻ ڪري هلي ٿو. ٺاڪر چاولا سنڌي ادب ۾ نئون ناهي، جهونو ليکڪ آهي. هن تاخميق ڪار زندگيءَ جي گهرائيءَ کي ماپيو آهي، ۽ جنهن رچناڪار زندگيءَ جي گهرائيءَ کي ماپيو آهي، جيڪو اکيون کولي هلي ٿو يعني جو ڏور نگاه آهي، تنهن کي زندگيءَ جي قدم قدم تي، ڪهاڻيءَ جا پلاٽ نظر ايندا آهن. ٺاڪر چاولا پنهنجين ڪهاڻين ۾ جدا جدا عبارتن جو استعمال ڪيو آهي. صرف بياني عبارت ليکڪ کي نا ڪافي لڳي آهي. آتم-ڪٿائي عبارت جو وڌ ۾ وڌ استعمال ڪيو اٿائين. آتم-ڪٿا ئي عبارت سبب، سندس ڪهاڻيون وڌيڪ پر اثر ۽ پنهنجيون ٿيون لڳن.

مونکي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ ليکڪ ڪهاڻين کي سنڌي ڪهاڻيون ڇو سڏيو آهي. هيءُ ڪهاڻيون تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جون ڪهاڻيون ٿي سگهن ٿيون. شايد ان ڪري ليکڪ اِهو عنوان ڏنو آهي جو ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ لکيل آهن ۽ انهن ڪهاڻين جو رچناڪار بہ سنڌي ئي آهي. پاڇاڙيءَ ۾ مان ائين چوندس تہ ٻولي هجي يا ڪهاڻيءَ جا ٻيا عناصر، ليکڪ سيني ڪيترن ۾ نيون نيون ڪوشش ڪرڻ لاءِ آزاد آهي، پر هن جي مثان صرف هڪ ئي ٻنڌن آهي، هڪ ئي جوابداري آهي تہ ان جي ادب جو زندگيءَ سان واسطو نہ ٽٽي.

■■■

# سنڌي ڪهاڻيون

ريڊيو تي تاثرات — ليکڪ : ٺاڪر چاولا

بنسي کوبچنداڻي

ٺاڪر چاولا سنڌي جڳ جي هڪ ڀهوڳڻي شخصيت آهي. رام پنجواڻيءَ جي سپيتڪ ڪيندر سيتا سنڌو ڀون ۾ هو سالن کان سانسڪرتڪ سپيتڪ ۽ ساهيتڪ پروگرام ۽ سيمينار ڪندو آيو آهي. ۽ درشڪن کي جهمائيندو آيو آهي. منهنجي خيال ۾ ڀارت ۾ ڪو ورلو سنڌي هوندو جنهن سيتا سنڌو ڀون ۽ ڀارو ٺاڪر چاولا جي جوڙيءَ جو نالو نہ ٻڌو هوندو. ٺاڪر چاولا سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي ڪيترن ڀين سنسٿائن سان بہ جڙيل آهي.

سنڌي ادب ۾ سندس آمد ليکڪ طور دير سان ٿي جا گهٽو اڳڀيڻ ڪپندي هئي جو هو سنڌي ادب سان تمام گهٽن سالن کان جڙيل آهي. ورهاڱي کانپوءِ شايع ٿيندڙ ”سهڻي“ ساهتڪ ماهوار مخزن جو هو ايڊيٽر هو ۽ هاڻي وري ادبي جڳ جي لاڏلي مخزن ”سپون“ جو ايڊيٽر آهي. سندس پهريون ڪتاب شايع ٿيو اهو هو ڪهاڻين جو ڪتاب جنهنجو نالو هو

”شاديءَ جي پهرين رات“ جنهنجا ٻه ڇاپا خلاص ٿي ويا آهن. اها ڳالهه سنڌي ادب ۾ هڪ انوکي ڳالهه آهِي. سندس پيو ڪهاڻين جو ڪتاب هو ”اڄ جون ڪهاڻيون“. (ٻه ڇاپا) اُن وچ ۾ ٺاڪر چاولا اسانکي هڪ ٻي ٻه ساهتڪ سوکڙي ڏني، پنهنجي سنڌ جي سفرنامي جي روپ ۾، جنهنجو نالو هو، ”تون سنڌ ۾ رهي پئُه“

اڳين ٽن ڪتابن تي ڪافي سمالوچنا ٿي آهي ۽ ڪافي ساهتڪ بحث مباحثو به ٿيو آهي، جو منهنجي سمجهه ۾ ٻئي ڪنهن ليکڪ جي رچنائن تي ويچهڙائيءَ ۾ نه ٿيو آهي. پر مان هتي سندس ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻيون“(ٻه ڇاپا) تي ئي ڳالهائيندس.

ٺاڪر چاولا جون ڪهاڻيون، ڪهاڻيون آهن؟ يا مني ڪهاڻيون آهن؟؟ يا مختصر ڪهاڻيون آهن؟ يا وري سنڌي ساهت کي ڏنل هڪ نئين صنف آهي؟ مان ته ان واد وواد ۾ نه پوندي بس ايترو ئي چوندس ته ٺاڪر چاولا جون ”سنڌي ڪهاڻيون“ ڪهاڻيون ته پڪ آهن جو اُنهن ۾ ڪٿن آهي، ڪردارنگاري آهي، پس منظر آهي، سٺي ۽ سپڪ ٻولي آهي، سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ بدلاو جي جهلڪ آهي ۽ ها ليکڪ پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪو سنديش ضرور ڏيڻ چاهي ٿو. هو اُهو سنديش ڪهاڻيءَ معرفت پاٺڪن تائين پهچائي ٿو. ليکڪ جون هي ڪهاڻيون يٿارت واد تي آڌارت هوندي به آدرشوادي ڪهاڻيون آهن!

ڪتاب جي اڳياڙيءَ ۾ پريو وفا، چوئٿرام لالچنداڻي، واسديو نرمل ۽ پدم راج شرما جا لکيل مهاڳ آهن. پيج ٣٧ تي هن ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي آهي، جنهنجو نالو آهي ”اڪيلو، اڪيلو“ جا ماڻڪلال جي ڪهاڻي آهي. هيءَ هڪ چريتر پرڌان ڪهاڻي آهي. ليکڪ جي جدائي ”اڪيلائي هوندي به من کي ڇلانگه مارڻ لاءِ پڙڪائيندي آهي. اڄ هو اڪيلو ويٺو آهي. هن پنهنجي وڏي فئڪٽري چاليهن سالن کانپوءِ بند ڪئي آهي. جو هو هڪ اوتر ۾ لکين رپيا وڃائي ويٺو آهي. وڏي آفيس ڏيئي ننڍي آفيس ورتي اٿائين، سو به هم ساٿڻ جي زور ڀرڻ تي.. ماڻڪلال هڪ هڪ پراڻو فائيل ڏسندو ٿو وڃي. ... هيترا آربر هيترا بل،

هيٽرن رپين جا ڊرافٽ ۽ چيڪ! هو فائيل ڏسندو رهيو ۽ انهن سالن کان وڏيڪ جن فائيلن جو مدو ٿي ويو هو اُهي ڦاڙڻ لاءِ رکندو ويو...''

هيءَ ڪهاڻي هڪ لاچار ۽ اڪيلي اِنسان جي ڪهاڻي آهي. جو ماضيءَ ۾ کوهاڻجي ڪنهن خوشيءَ جي ترورڙي جي تلاش ۾ آهي!

اِئين ''اڪيلو-اڪيلو'' ڪهاڻيءَ ڪانپوءِ ٢٢ پيون ٻه ڪهاڻيون آهن. ''پنهنجيهه راتيون- چتيهه ڏينهن'' ڪهاڻي آهي آشا جي شاديءَ جي محل کي کنڊهر ۾ تبديل ٿيڻ جي. آشا جو گهوٽ جسماني طرح ڪمزور آهي ۽ سندس کان اها ڳالهه لڪائي ويئي آهي. هوءَ ٽڏهن به گهوٽ سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ پيڪن ۾ رهندي چتيهين ڏينهن به رات جو هڪ ٻجي گهوٽ جي سڏ جو انتظار ڪري رهي آهي! ڇا اڃان تائين سنڌي سماج ۾ اِئين ٿيندو آهي؟ جي اِها حقيقت آهي ته اسانجي سماج سچ پچ هڪ پڇڙيل سماج آهي!

اچو ته هن ڪتاب جي ڪن ٻين ڪهاڻين تي ڳالهايون. ''موڪلاڻي'' ڪهاڻيءَ جو نايڪ شيام پاڻ ته ڏنڌي ۾ ناڪامياب وڃي ٿو پر پٽ کي پئسو ڪمائڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ ٻاهر موڪلي ٿو جو هڪ براهمڻ ڪيس چيو هو ته سندس پٽ هاٿي پئسي ڪمائڻ جي يوگ آهي. پٽ کي اُماڻي جڏهن هو گهر اچي ٿو ته براهمڻ جي پٽ کي ڏنل صلاح وري پڙهي ٿو جنهن ۾ لکيل آهي، ''هي سال تو لاءِ شپ آهي. توکي ڪمائڻ جو يوگ آهي پر آخرين مهيني ۾ تون پنهنجو هڪ پيارو وڃائڻ جو نياپو ٻڌندين.'' ها اِهو هڪ پيارو شيام پاڻ ئي ته آهي!

ڪهاڻي ''ڇو ڪيو مون ائين ڇو ڪيو'' ۾ ليکڪ اِظهار جو ڪمال ڪيو آهي. ڏسو هي ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو.

''... پر مون ڪڏهن به توکي ائين نه سمجهيو ته وقت ايندي ماڳهه منهنجي ساڃين پاونائن کي ائين لتاڙي ويندين جئن سڪل ڇڻي ويل پتن مٿان، بي رحميءَ سان لنگهي وڃبو آهي ۽ اُنهن پنن جا ٽڪرا ٿيڻ جا آواز به تنهنجي ذهن کي ۽ ضمير کي نه لوڏائيندا.''

”جڏهن هوءَ آئي“ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جي سونهن جي شيدائي هئڻ جو احساس ٿو ٿئي. ڏسو هو محبوبا جي ملڻ جي ڳالهه ڪهڙي نه شاعراڻيءَ انداز ۾ ڪري ٿو.

”... پوري پنجين بجي پنهنجي ساهيڙيءَ سان گڏ هوءَ ريشمي سلوار واري چمڪ چمڪ ڪندي آئي. اُن وقت ائين لڳو ڄڻ منڊر ۾ ٽنگيل گهنڊ زور زور سان وڄڻ لڳا اُتي لڳو وڻ زور زور سان پنن کي ڌوڏڻ لڳا سمنڊ جي لهرن ۾ جوش اچي ويو ۽ اُهي اُڇلي رهيون هيون. گلن جا ٻوٽا ٻه اُتي نه هئا، تنهن ٻه ڪٽان ڪٽان اچي زمين تي پيا جتي هن جا ڪومل قدم اچي پيئا....“ پوءِ اُن ملاقات کي ياد ڪندي ليکڪ چوي ٿو، ”اُن ويل نه هن ڪي اِنجام اقرار ڪيا ۽ نه مون... هلي وڃڻ ڪانپوءِ ائين پئي لڳو.... هي نه چيومانس هو نه چيومانس... شايد همت ئي نه هئي... ڪاش اُن ويل اِهو ته پڇانس ها، هنجو مون بابت ڪهڙو رايو آهي!“

”هو اڇٽو آهي“ هڪ مرد جي ڪهاڻي آهي جو هڪ شادي شد ناريءَ کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ هوءَ تباهي جي منهن ۾ وڃڻ کان اڳ پاڪي سنڀالي ٿي. ”شاديءَ جي ٽين رات“ اُن ڪنوار جي ڪهاڻي آهي جا شاديءَ کان اڳ ئي پنهنجي ننيي مامي جي ٻار کي پيٽ ۾ پالي رهي آهي. ”شاديءَ جي چوٿين رات“ اُن لالچي ماءُ جي ڪهاڻي آهي جا پئسي ۽ شان سوُڪت جي موه وس ٿي پنهنجي ڌيءَ کي فرانس ۾ شادي ڪرائي ٿي موڪلي، وڏي عمر جي اُن انسان سان جنهنکي فرانس ۾ پنهنجي ساهيڙي اڳ ئي آهي! هو هندستاني زال کي نوڪرياڻيءَ کان وڌيڪ نٿو سمجهي. زال نيٺ فرانس مان پنهنجي ديش ڀڄي ٿي اچي.

ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ ٥ مني ڪهاڻيون آهن ۽ ٽئين حصي ۾ ٤٠ بنا عنوان ڪهاڻيون آهن جي پاٺڪ پاڻ پڙهي لطف وٺن.

ها، ٺاڪر چاولا کي ڪهاڻي چوڻ جو ڏانو آهي ۽ اهڙي انداز ۾ ڪهاڻيون ٻڌايون اٿائين جنهن نموني هن کان اڳ سنڌي ادب ۾ ڪنهن نه ٻڌايون آهن! هن نئين ڍنگ جي ڪهاڻين جو دلي سواگت آهي!

■ ■ ■

# اِنٽرويو

## هڪ سقل شخص ۽ ساهتيڪار- ٺاڪر چاولا

## انٽرويو وٺندڙ- وشنو ڀاٽيا

- وشنو: مسٽر ٺاڪر چاولا! ڪهاڻي لکڻ جو خيال توهان کي ڪڏهن آيو؟ ڪهڙي گهٽنا يا دُرگهٽنا توهان کي لکڻ لاءِ آماده ڪيو؟ وستار سان ٻڌايو.

ٺاڪر: 'بوري بندر اسٽيشن تي' منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي. هڪ سلوار ڪرتي ۾ حسين ڇوڪريءَ جي انداز-مونکي، هنجي شخصيت تي لکڻ لاءِ آماده ڪيو.

- وشنو: مون کي لڳي ٿو تہ مختصر چوڻ جي موهہ ۾ ڪهاڻيءَ لاءِ جيڪا اوسٿ يا ڊيولپمينٽ گهربل آهي. اُن کان ڪناري ڪشي ڇوٽا ڪريو؟

ٺاڪر: منهنجي خيال ۾ ضورت کان وڌيڪ ڪنهن بہ گهٽنا کي ڇڪڻ، اڄ جي زماني ۾ ضروري ڪونهي. ٿوڪي ۾ ڳالهہ ٻڌائي، پاسيرو ٿي وڃجي باقي پاٺڪ پاڻ سوچي.

• وشنو: توهان جي ڪهاڻين جا ڪردار آهن. اُنهن جو فقط مٿاڇرو احوال آهي. توهان اُن جي اندر ۾ جهاتي پائي ڇو نٿا ڏسو؟

ٺاڪر: خود ڪردار ئي پنهنجي پن جملن ۾ پنهنجي اندر جي آنڊ مانڊ بيان ڪري ٿو ڇڏي.

• وشنو: منهنجي رائي ۾ توهان وٽ ڪهاڻين جا شاهي پلاٽ آهن. پر اُن ۾ اڏاوت لاءِ اسپيس تمام گهٽ آهي. ڇو؟

ٺاڪر: اڄ جي زماني ۾، نہ لکڻ واري وٽ ايترو وقت آهي ۽ نہ ئي وري پڙهڻ لاءِ.

• وشنو: ٻوڙٻڪ- ڀڄ ڀڄان واري زندگيءَ ۾ ڇا ليکڪ وٽ ٺهر نہ هئڻ گهرجي؟ يا ڪردارن لاءِ موزون ڊسڪرپشن ۽ پس منظر جي عڪاسي نہ هئڻ گهرجي؟

ٺاڪر: ڪنهن بہ ڪردار جو عڪس ضروري آهي. منهنجي ڪهاڻين ۾ صفحا ڀرڻ جي ضرورت نٿي پوي، ان ڪردار لاءِ ڪاجهہ جملہ ئي ڪافي معنيٰ رکن ٿا.

• وشنو: شايد توهان کي لڳو هوندو تہ مان توهان کي فقط ٻڌائڻ ٿو چاهيان. پر منهنجو ارادو فقط اهو آهي تہ ڪهاڻي لکڻ جي پروسيس مان لنگهندي هر ليکڪ کي هڪ مخصوص من استٿي سان مقابل ٿيڻو پوندو آهي. توهان جي من استٿي ڪهاڻي لکڻ وقت ڪهڙي هوندي آهي؟

ٺاڪر: ڪهاڻي لکڻ لاءِ، ڪوبہ خيال، ڪي ئي ڏينهن ذهن ۾ هلندو رهندو آهي ۽ جڏهن من جي استٿي لکڻ جي ميزان تي پهچي ويندي آهي، ڪهاڻي لکي اُٿندو آهيان.

• وشنو: رگويد ۾ چيل آهي تہ شبد جو وئرٿ اُپيوگ نہ ڪرڻ گهرجي. ان موجب لفظن جو صرفو ڪريو ٿا- برابر؟

ٺاڪر: مان ان چوٽيءَ جي پٺيان تہ نہ آهيان پر ٿورن لفظن ۾ وڏي معنيٰ رکڻ ضرور ٿو چاهيان.

• وشنو: منهنجي رائي ۾ توهان وٽ ڪردار آهن- پر ڪردار نگاري ڪونهي؟

ٺاڪر: 'مائي اِمل'- 'چئنراءِ جو بنگلو'- 'منهنجي چاچي'- 'منهنجي پڦي'. هي ڪهاڻيون، ڪردار نگاري سبب ئي اُڀري بيٺيون آهن.

• وشنو: اڄ جون ڪهاڻيون ڪتاب ۾ جيترا رايا ڏنا اٿو. اُن مان لڳي ٿو ته توهان جون ڪهاڻيون هر طرح سان سڦل آهن. ڪلاتمڪ آهن؟

ٺاڪر: اهي رايا منهنجا لکيل ناهن. الڳ الڳ ليکڪن وٽان 'شاديءَ جي پهرين رات' تي لکيل آهن، جيڪي جيئن جو تيئن ڏنا ويا آهن.

• وشنو: اهڙا رايا حاصل ڪري توهان ڇا ٿا محسوس ڪريو؟

ٺاڪر: ڪڏهن ڪيئن ته ڪڏهن ڪيئن.

• وشنو: ڇا توهان جي ڪهاڻي لکڻ تي چيخوف جو اثر آهي؟ چيخوف مختصر ڪهاڻي چئي آهي؟

ٺاڪر: چيخوف جي ڪهاڻين ۾ به ٿوري ۾ گهڻو چيل آهي.

• وشنو: ٻين ڪهڙن ليکڪن کان توهان متاثر ٿيا آهيو؟ سنڌي توڙي ٻين ڀاشائن جا؟

ٺاڪر: منٽو، ڪرشن چندر ۽ ايشر چندر.

• وشنو: سرل- سپاٽ طرز بياني-نه گهماءُ ڦيراءُ، نه ئي ملهن جو ٽڪراءُ، نه ئي ڪا مانسڪ ڪشمڪش؟ ائين ڇو آهي؟

ٺاڪر: سرل ٻولي ۾ لکڻ پاڻ ڏکيو آهي. لفظن جي چونڊ ڪري لکڻ معنيٰ، پنهنجي ارادي بيان ڪان پري ٿي وڃڻ.

• وشنو: سڦلتا جو ڪو فارمولو ڪونه ٿيندو آهي. پر توهان جون ڪهاڻيون لوڪپريه بڻيون آهن. تنهن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ٺاڪر: ڪهاڻي جيستائين پڙهي پوري نه ٿي ڪئي وڃي. پاٺڪ کي ڄاڻ نه ٿي پوي ته ڪهاڻي ڇو لکيل آهي ۽ اچانڪ ڪيس تير نشاني تي لڳو ملي ٿو.

• وشنو: 'پنهنجون پنهنجون ڳُنڙيون' ڪهاڻي نندلعل جي اڄ جي مڱول زندگي ۾ اڪيلي پئنجي وڃڻ جو درد آهي. اهو مسئلو پر خود

ڪي آئوٽ ڏيڻ مسئلي جو حل تہ ڪونهي؟ مسئلي تي سوچ جو حق پاٺڪ کي ڇو نٿا ڏيو؟

ٺاڪر: منهنجي گهڻين ڪهاڻين ۾ پاٺڪ کي سوچڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. مان نہ صرف ڳالهہ ٻڌائي ڪسڪي ويندو آهيان پر هن ڪهاڻي ۾ ٻڌايو ويو آهي ڪردار اڪيلو ڪونهي. سيڪو پنهنجي پيڙا ۾ لپٽيل آهي.

• وشنو: 'گناهہ جو مونکي اجان ڪرٽو آهي'...ڪهاڻي خوبصورت آهي هلڪي ڦلڪي آهي. بنا گناهہ، بي .... گناهہ؟ ٻونيش ڪهاڻي ۾ سٺي طنز آئي آهي. بيمار پئو-پوءِ فون ڪاجو-تہ بہ اڪيلائپ هانتنگہ آهي.

ٺاڪر: جن ڪهاڻين جو اوهان ذڪر ڪيو آهي، سي بنه حقيقي ڪهاڻيون آهن اهي ڪردار بہ سچا آهن، زنده آهن جن کي ڏسي بہ ٿو سگهاجي.

• وشنو: سيني کي پنهنجي 'ڇپاخون'-'آپگهات' جون ڪهاڻيون آهن. آپگهات انسان تڏهن ڪندو آهي. جڏهن موجودهہ اسٿتين ۾ .... پاڻ کي مس فٽ محسوس ڪندو آهي. ... ڪهاڻين ۾ آپگهات جو سبب مهم پٽيان ڪو ڪارڻ؟

ٺاڪر: آپگهات جو سبب، اشاري ۾ ... آهي، حالتن جو پيڙڻ يا چاهت جي اڏين ٿيڻ.

•وشنو: 'مفت ۾ سوڪڙي'- 'هو ڪيڏانهن ويو' هڪ کي ڪاٺ هٽندڙ ٺڳ آهن تہ ٻيو گهر کي ڪاٺ هٽندڙ ٺڳ آهي. ٻنهي ڪهاڻين ۾ اُهي قانون جي پهاچ ڪان پري آهن. اهڙن ٺڳ لاءِ ڇا ڪاجي؟

ٺاڪر: 'مفت ۾ سوڪڙي'، لالچ ڏياري، قاعدي قانون جي صفائيءَ سان اوٹ ورتي وڃي ٿي ۽ 'هو ڪيڏانهن ويو' بس ڇوڪريءَ سان شادي ڪري هن کي بيوقوف بڻائي هليو ويو.

• وشنو: توهان جي ڪهاڻين ۾ ڪردار نہ پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا، نہ گفتگو ڪن ٿا. پاٺڪن کي فقط ليکڪ ئي ڳالهائيندو نظر اچي ٿو؟ ڪردار

فقط ڪٿي ڪٿي منيمم ڳالهائين ٿا. مئڪسيمم ڳالهائڻ فقط ليکڪ جو آهي؟

ٺاڪر: ڪهاڻي ڪردار پاڻ ڳالهائين يا انهن بابت ليکڪ ڳالهائي.

• وشنو- بند دروازو يادگار ڪهاڻي آهي. پيڙهن طرف اولاد جو نظريو دل ڏکوئيندڙ آهي. پيءا آشرم ۾ اُن جو علاج ناهن. ان بابت من وڳ منو ڳيانڪ پهلو تي سوچڻ جي ضرورت ڪونهي؟

ٺاڪر: مونکي ٻه وقتي ائين لڳو آهي. صرف رهڻ ۽ ڪائڻ ته ڪافي ڪونهي. اندر جي اُساٽ ڪي اُتي ڪير ٻڌندو؟

• وشنو: اڄ جون ڪهاڻيون رواجي ماڻهن جون ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ توهان اهڙو ڇا غير-رواجي ڏٺو؟

ٺاڪر: رواجي ماڻهن جون ڪهاڻيون ناهن پر عوام ۾ رهندڙ ۽ ڦرندڙ ڪردارن ڪي جئن جو تئن پيشڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

• وشنو: ڪهاڻين ۾ جيڪي ڪردار آهن. جن سماجڪ اسٽتين ۾ جي رهيا آهن. اُهي عام فهم آهن. انساني رشتن جو فقط پوليوشن آهن؟

ٺاڪر: پر ڪي ته حالتن جي ليپيٽ ۾ اچي ويا آهن، نه چاهيندي ٻه ڪي ڪردار عام فهم هوندي ٻه اٽڪي ٿا پون.

• وشنو: انسان جي رشتن جي ٻي وئليوئيشن توهان جي ڪهاڻين ۾ نمايان آهي. ان لاءِ ڪنهن ڪي تلاهي ٺهرائجي؟

ٺاڪر: سماجڪ اوٽاين ڪي ۽ پنهنجي ملهن ڪي نه سمجهڻ لاءِ!

•وشنو: توهان جي نظر ۾ ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪهڙا ايليمينٽس هئڻ جڳين؟

ٺاڪر: ڪردار، ماحول، اُسري آيل حالتون ۽ اُنهن ڪي ظاهر ڪرڻ جو پڪو ارادو.

• وشنو: گذريل اڌ صديءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي اظهار ۾ جيڪي تبديليون آئيون آهن؟ ڇا ان ڪري بنا گهمڻ-ڦيراءُ جي ساديون سڌيون ڪهاڻيون لکيون اٿو؟ ڇاڪاڻ ته ٦٠-٩٠ جي دور ۾ ليکڪ ۽ پاٺڪ جي

وچم ڪميونيڪيشن ٿي ويو هو.

ٺاڪر: اڳي ٻولهي ٻولهي اڪرن جي سٽاءِ ڏانهن ڌيان ڏئي. جملا جوڙيا ويندا هئا. پر هاڻ پاٺڪ کي سڌو سنواڻو اظهار کپي پر ان ڪهاڻي جو مقصد پختو هجي!

• وشنو: اڳي ليکڪ ڪنهن آدرش کي کڻي لکندا آهن. پوءِ ڪهاڻي کي ڪلا-وڪاس سمجهيو ويو. تجربا ڪيا ويا. ڇا ليکڪ جو ڪو مقصد ٿي سگهي ٿو؟

ٺاڪر: اُها اڌ صدي جهوني ڳالهه آهي. آدرشي بڻجي ڪنهن کي صلاح ڏيڻي معنيٰ پراڻي ڪهاڻي بڻائڻ. هاڻ ته پاٺڪ کي صرف ڪهاڻي ۾ اشارو ڏيو ۽ خود گم ٿي وڃو.

• وشنو: توهان لاءِ ڪهاڻي لکڻ ڇا آهي؟ آتم سنتوش يا سماج ڏانهن وڃڻ بڻتا؟

ٺاڪر: پنهنجي من سان ڳالهائڻ جو هڪ ساڌن.

• وشنو: ستيم، شوم، سندرم- ڇا ساهت لاءِ اڄ به موزون آهي؟

ٺاڪر: نه صرف موزون آهي پر اسين سڀ انهن ملهن جي چوڌاري پيا ڦرون.

• وشنو- ڪلا زندگيءَ لاءِ آهي ته ڪهاڻي ساهت زندگيءَ جو ڪهڙو پلو ڪري سگهيو آهي؟

ٺاڪر: زندگيءَ ۾ ڪلا، ڪهاڻي ساهت بڻجي، ڪيترن جي زندگي ٺاهڻ جو هٿيار بڻيو آهي.

■■■

# اِنٽريو پيون حصو

## سپون، سيتا سنڌو پون-سماجڪ شيوا

• وشنو: رام پنهنجو اڻي جو سپنو هو تہ گرديو-ٽئگور جي طرز تي شانتي نڪيتن جيان سنڌين جون پنهنجو سنڌو يون هجي. پوءِ اڳيان سيتا نالو ڪئن لڳيو ويو؟

ٺاڪر: جنهن شروعات ۾ ان ’سنڌو يون‘ کي خريد ڪرڻ لاءِ ٻو نيش ڏنو، هن جو اهو شرط هو تہ سندس زال جو نالو ’سيتا‘ اڳيان ڏنو وڃي.

• وشنو: رام پنهنجو اڻي چاهيو ٿي تہ سيتا سنڌو يون ذريعي سنڌين جي ساهت، سنگيت ۽ ڪلا جو وڪاس ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ بانيڪارن هيلتائين ڇا ڇا ڪيو آهي؟

ٺاڪر: جيستائين ساهت جو سوال آهي، دادا رام پنهنجو اڻيءَ ڪانپوءِ سندس تمنا موجب ’سپون‘ ادبي مخزن گنريل 20 سالن کان بادستور ڪيي پئي وڃي ۽ جنهن کي پائڻ لاءِ هٿ ڪس هوندي آهي. سنڌي سنگيت ۽ ڪلا کي اُپارڻ لاءِ گنريل سورهن سالن کان، هيءَ ئي هڪ سنڌو يون آهي. جتي 430 سنگيت پروگرام ٿي چڪا آهن ۽ ساري هندستان مان الڳ الڳ ڪلاڪار گهرايا وڃن ٿا ۽ گهٽ ۾ گهٽ 400 درشڪ موجود هوندا آهن.

•وشنو- ساهت جي سطح تي ٿماهي سپون ضرور آهي. پر ڪلا، جنهن ۾ نرت ڪلا ۽ چترڪلا به اچي ٿي. ان ڏس ۾ ڇا ڪيو ويو آهي؟

ٺاڪر: وڏيڪ ڪاڄهہ به نہ صرف چترڪلا کي سنڌو درشن جو نالو ڏنو، ان ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي سنسڪرتيءَ جي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي.

• وشنو: گنريل چند سالن کان پون جي منچ تي کهڙا نوان نوان گائڪ ۽ گائڪائون آندا آهن. جيڪي اڳتي هلي سنڌين جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا؟

ٺاڪر: هڪ ڏيڍ کان به وڌيڪ گايڪ ڪلاڪار، ڀڳ سيتا سنڌو پون ۾ پنهنجي ڪلا کي ٻڌائي ۽ ڏيکاري چڪا آهن، اهو ڪٿي به نہ ٿي سگهيو آهي.

• وشنو: رام پنجواڻي جو اهو به سپنو هو تہ نون نون گائڪن ۽ گائڪائن جون هر مهني آڊيو ڪئسيٽس جاري ڪيون ويندون. ان ڏس ۾ کهڙيون ڪو شش ن آهن؟

ٺاڪر: پهرين تہ رڪارڊنگ اسٽوڊيو، وڏي خرچ ڪري نہ ٺهي سگهيو آهي ۽ ان ڪري ان ڏس ۾ ڪاڄهہ بہ نہ ٿيو آهي.

• وشنو: پنجابي لوڪ سنگيت-فيوزن ذريعي فلمن ۾ نہ پر هر هنڌ پاپيولر بڻيو آهي. ان ريت سنڌي سنگيت پاپيولر بڻجي سگهي ٿو؟

ٺاڪر: ادل، اسان سنڌين وٽ به اهڙو لوڪ سنگيت آهي، پر ان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ محنت ڪير ڪري ۽ خرچ ڪير ڪري؟

• وشنو: پارو چاولا- شاهہ، سچل، سامي جا جيڪي آڊيو سي ڊي پيش ڪيا آهن. ڇا انهن کي سرن سان سهڻي نئين پيڙهيءَ کي سوغات ڏيئي سگهجي ٿي.

ٺاڪر: ڪاش ان لاءِ گورڌن ڀارتي جي سوجهہ ٻوجهہ موجود هجي ۽ سي. ارجن جهڙو سنگيتڪار ڪو ٽرسٽ، جيڪو خرچ ڪرڻ چاهي، پر هاڻ تہ ذئي دوست موجود ڪونهن.

•وشنو: توهان هيلتائين جيڪي به سنگيت جا ڪاريہ ڪرم رکيا آهن. درشڪ

۽ ٻڌندڙ فقط ڪاڌي جي لالچ تي اچن ٿا. اهو الزام توهان تي آندو ويندو آهي؟

ٺاڪر: ممبئي جهڙي شهر ۾ صرف ڪاڌي ڪائڻ لاءِ ڪوبہ پنج ڪلاڪ نہ وڃائي سگهندو، ڇا لاءِ اڍائي ڪلاڪ سنگيت پروگرام هوندا آهن ۽ ڪنهن ڪي بہ اڍائي ڪلاڪن ڪان وڌيڪ گهر ۾ اچڻ وڃڻ ۾ لڳي ٿا.

•وشنو:جيڪو ڪم ڪندو آهي. اُن جي آلوچنا ڪئي ويندي آهي. توهان جي حالت ۾ پڻ ائين ٿيو آهي ان بابت ڪو افسوس آهي؟ يا ڪم ڪرڻ لاءِ حوصلا بلند آهن؟

ٺاڪر: ڪڏهن ڪڏهن تہ سچ پچ ائين لڳدو آهي تہ هيترو سارو وقت ڇو ٿا وڃايون، جڏهن سڀ راضي بہ نٿا ٿين پوءِ بہ ٻئي پل وري سوچيندو آهيان، نوانوي سيڪڙو تہ راضي آهن.

•وشنو: ڇا اول ڪلچر ذريعي سنڌي ٻولي سروائيو ڪري سگهندي. جڏهن ڪ سنڌي ناٽڪن، سنگيت پروگرامن، پين سنڌي شوز ۾ درشڪ ٽڪيٽ خريد ڪري شريڪ ٿيڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا آهن؟

ٺاڪر: جنهن ڪڙيءَ تي اسان جي جاتي پهچي چڪي آهي، اُتي آوازي ڪلچر ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ئي هڪ موزون جياپو رهندو.

•وشنو: سڪولن، ڪاليجن ۽ گهرن مان سنڌي ٻولي نڪري ويئي آهي؟

ٺاڪر: ڪاش اسين سڀ سنڌي گهرن ۾ سنڌي ۾ ڳالهايون، اسانجي گهر ۾ تہ سڀ ٻار وڏا سنڌي ۾ ڳالهائيندا آهن. ڪو اهڙو نمونو نڪرڻ گهرجي، جو وري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي واپس اچي وڃي، اهو تڏهن ٿيندو. جڏهن سنڌيءَ کي سکڻ ڪمپلسري ڪيو ويندو.

• وشنو: اڪادميون، سيمينار-انعام-اقرار سنڌي ٻولي کي بچائي سگهندا؟

ٺاڪر: سنڌي ٻوليءَ کي نقصان نہ پهچائين، صرف پنهنجي شخصي فائدي

لاءِ نہ سوچيو وڃي تہ هوند ڪاڄهہ تہ ٻولي جو فائدو ٿيندو.

•وشنو: سپون ملنيم جي ڪور (اڳئين ۽ پٺين صفحي) تي اٽڪل ٨٠ کن ليکڪن جا فوٽو ڇپيو. ٻي انڪ ۾ لکيو تہ ايترا ئي ٻيا ليکڪ آهن. جن جا فوٽو ڇپجي سگهن ٿا. اڄ ليکڪ ئي ليکڪ ۽ پاٺڪ جو ٻٽو رول نباهي رهيا آهن؟

ٺاڪر: اڄ پاٺڪن مان ڪيترائي ليکڪ ٿي ويا آهن، پر معيار وارا لکن ٿڌهن.

• وشنو: سپون، ڪونج، رچنا-شايع ٿيڻ جو ڪو وقت مقرر ڪونهي. ظاهر آهي تہ پاٺڪ ڪونہ ملي رهيا آهن.

ٺاڪر: 'سپون' مخزن بادستور ڳنريل ويهن سالن کان ڪنهن بہ پرچي کي بنا ڳنڍجڻ هر ٽين مهني ظاهر ٿيندي رهي آهي.

• وشنو: فوٽن کي ڏسي لڳو تہ ايندڙ ٢٠ سالن ۾ سنڌي ليکڪ (عمر جي نقط نظر کان) تہ مري ويندا، پر سنڌي ٻولي ۽ ساهت بہ مري ويندو؟

ٺاڪر: ايندڙ ڏهن سالن ۾ ئي وڏو ڦيرو اچي سگهي ٿو.

• وشنو: مون کي تہ سنڌي ساهت ۽ ٻولي جي بچڻ جا آثار نظر نٿا اچن؟

ٺاڪر: پر بچائڻ جي ڪوشش تہ جاري رکڻ کپي.

• وشنو: ڳنريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي ۾ سرڪاري نيم سرڪاري ۽ خانگي سهايتا سان ڪتاب ضرور شايع ٿيا آهن. پر اُها سهايتا اڌوري ۽ اڻپوري هوندي آهي؟ باقي ليکڪ کي بندوبست ڪرڻو پوندو آهي؟

ٺاڪر: ڪتاب ڇپائڻ لاءِ سمورو خرچ تہ نہ ڪا اڪادمي ڏيندي آهي نہ ئي وري ڪو ٽرسٽ جي ڪتاب معياري هوندا تہ ١٥٠ ڪتاب نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج خريد ڪندي آهي.

• وشنو: ڪتاب ضرور شايع ٿيا آهن، پر اُنهن مان گهڻن جو ساهتيڪ معيار آهي؟

ٺاڪر: ان لاءِ ڇا چئجي؟ پنهنجي رچنا تہ سڀن کي وڻندي آهي.

•وشنو: توهان 'سهڻي' انڪري ڪونہ هلائي سگهيا تہ اُن پٺيان پئسو توهان جو هو. پر 'سپون' ان ڪري ڪيي رهيا آهيو-ڇاڪاڻ اُن پٺيان سنستا جو پئسو آهي. گهڻا سنڌي آهن جيڪي پئسن سان 'سپون'

خريد ڪندا آهن؟

ٺاڪر: 'سهڻي' جو زمانو ڪاڇهہ پيو هو، هاڻ 'سپون' سنسٿا جي خرچ تي نہ ڪيي ويندي آهي پر دوستن وٽان ملندڙ ائڊورٽائيزمينٽ تي 'سپون' جا لائيف ميمبر گهٽي ۾ گهٽا آهن.

• وشنو- دادا جڻ جي جيون مان پريرڻا وٺي توهان سماج شيوا جا ڪاريہ ڪيا آهن. ڪهڙين سنسٿائن سان وابسط آهيو؟

ٺاڪر: ۰۱ رام پنجواڻي چيئرٽبل ٽرسٽ، ۰۲ پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ائنڊ ڪلچرل سينٽر، رائيٽرس ائنڊ آرٽسٽس ويلفيئر فائونڊيشن سيني سنسٿائن جو مئنيجنگ ٽرسٽي.

•وشنو: ٻارن کي سال ۾ ٻن ڀزن نوٽبڪ ڏيڻ، هر وڌوا کي 100-200 رپيا مهنو ڏيڻ ۽ هر مريضکي محدود مدي لاءِ (5-6 مهنا) ۵ سو رپيا يا اسڪول، ڪاليج، هاسپيٽل نالي 1000، 2500، 5000 ڏيڻ اسان اُن جي ڪوٺ ۽ دکہ گهٽاجي وجي ٿو؟

ٺاڪر: ڪنهن حد تائين 200 وڌوائن کي مالي مدد تہ ملي ٿي باقي ڪنهن جي ضرورت تہ پوري ڪري نٿي سگهاجي ۽ نہ ئي وري ڪوٺ يا دکہ گهٽائي ٿو سگهاجي.

•وشنو: آچاريہ رجنيش‌شيوا کي ڀونگہ سڏيو آهي. ڪوئي بہ ڪنهن جو دکہ نٿو گهٽائي سگهاجي؟

ٺاڪر: برابر ڪنهن جو دکہ نٿو گهٽائي سگهاجي. پر ڪنهن کي ٿوري مالي مدد ڪرڻ کي ڀونگہ چو سڏجي؟

•وشنو: ڀارت ۾ لکين ٽرمائو سنسٿائون آهن. سنڌين جون بہ اٽڪل 1000 ٽرمائو سنسٿائون، مندر، مڙهيون، ٽڪاڻا آهن. اڪثر پئسو ٽرسٽين وٽ ڪٺو آهي. ڪروڙين ۽ اربين رپيا آهن. پر ضرورتمندن تائين پئسو نٿو پهچي؟

ٺاڪر: پين لاءِ مان ڪاڇهہ بہ نہ چئي، ايترو چوندس تہ هر مهني مون کي اٽڪل 50 هزارکان لک تائين رپيا ٽرسٽن مان ملندا آهن ۽ سڀ ئي ڏيئي ڇڏيندو آهيان.

• وشنو: چرچ جي چئرٽي مان اسڪول ۽ ڪاليج ٺهيا. تعليم جو پرچار ڪيو ويو. آريہ سماج ۾ خالصن ۾ اسڪول ڪاليج ٺهرايا. سنڌين بہ اسپتالون ۽ ڪاليج ٺهرايا. انهن ۾ خود سنڌين کي داخلا ڇو ڪونہ ملي رهي آهي؟

ٺاڪر: نہ ملي رهي آهي، ائين ڪونهي پر جئن ٻين کي ٿي ملي تئن ٿي ملي. سچ پچ سنڌين جي ڪاليجن وانگر ٥٠ سيڪڙو سنڌين جي ٺهيل اسپتالن ۾ بہ ڪو فائدو ملڻ کپي.

• وشنو: ڪئمپن ۽ ڪالونين ۾ شهرن جي سنڌين جي مٿي مائٽي ڪونہ ٿي رهي آهي؟

ٺاڪر: شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ڪئمپن ۾ رهندڙ سنڌين جو رهڻ جو طريقو ڪجهہ الڳ ٿا سمجهن.

•وشنو: ڏيتي ليتي سبب سنڌي ڇوڪريون ٻين جاتين ۾ پرڻجي رهيون آهن؟

ٺاڪر: هاڻ صرف اهو سبب نہ ٿي ٿئو سگهي پنهنجي پسندي کي وڏو ملهہ ٿو ڏنو وڃي.

• وشنو: ڇا اڳتي هلي ٻين جاتين ۾ جذب ٿي سنڌي پنهنجي آدنتي وڃائي ڇڏيندا؟

ٺاڪر: شل ائين نہ ٿئي.

• وشنو- سنڌي کي بچائڻ لاءِ سنڌين لاءِ الڳجي طلب ڪيتري جائز آهي؟

ٺاڪر: طلب تہ جائز آهي پر ڏاڍي دير ٿي آهي. جيڪو بہ جتي هينئر رهيو پيو آهي اُتان اُکرڻ نہ چاهيندو.

•وشنو: سياسي عيوضيپٽو بہ ڇا سنڌين کي ملي سگهندو؟ اسٽيٽ ليس ڪانسو اءِ سنڌي اڳواڻ-هيڻ ڇو آهي؟

ٺاڪر: اها اسان جي بدقسمتي آهي. سيڪو اڳوان ٿيڻ ٿو چاهي. پر ڪنهن کي اڳوان ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي، ٻڌي ڪونهي.

•وشنو: ڇا سنڌين جي دل ۽ دماغ ۾ ڦيرو ايندو سنڌي ٻڌجي رهڻ لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو.

ٺاڪر: ڪاش ائين ڪري سگهجي!

• وشنو- گانڌيڌام يا اُلهاسنگر ڪي سنڌي پنهنجو پرانت هئڻ جو ڪليم وجهي سگهن ٿا!

ٺاڪر: انهن شهرن ڪي پنهنجو سماجهي سگهاجي پر ڪليم ڪنهن اڳيان وجهندا ۽ ٻڌندو ڪير؟

•وشنو: سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلا ۽ سنگيت ڪي بهترين بنائڻ لاءِ پرئڪٽيڪل ۽ رچناتمڪ سجهاوَ؟

ٺاڪر: سجهاون مان ڇا ٿيندو. ڪاجهہ نہ ڪاجهہ اهڙو ڪندا رهو جنهن مان سنڌي ٻولي سنگيت ۽ ڪلا جو واڌارو ٿئي.

• وشنو- سنڌي چئنل ٽيلوين تي هجي؟

ٺاڪر: تہ جيڪر گهٽيئي ڪلاڪار ظاهر ٿي سگهندا.

•وشنو- سنڌي ختم ٿي ويندي، ان لاءِ ٻاهريان نہ، خود سنڌي ذميوار هوندا؟

ٺاڪر: برابر اسين ئي ذميوار ٿينداسين.

•وشنو- اُميد جو ڪرڻو؟ ڦر صباح هونگي؟

ٺاڪر: ان ڪرڻي جي آسري اسين بہ پنڌ ڪيون پيا.

■■■

# سنڌي
# نندين ڪهاڻيون

# انٽرنيٽ تي شادي....

اڄ جي زماني ۾، ائين ئي ٿيندو آهي. جن کي ڪامپيوٽر هلائڻ اچي ٿو انهن کي انٽرنيٽ جو فائدو وٺڻ به ايندو آهي. سارو وقت دنيا ڀر جون خبرون هٿ ڪري سگهن ٿا.

سروج ائين ئي ڪيو وديش ۾ رهندڙ 'گهرجي شاديءَ لاءِ'. 'شادي ڊاٽ ڪام' ۾ هڪ ڇوڪري جو وديش ۾ رهندو آهي. بايو ڊيٽا ڳولهيائين فوٽو به ڏٺائين. هو هئنبسم لڳس.. پاڻ به نوجوان ڇوڪري ماڊلنگ به ڪندي هئي، ان ڪري پاڻ کي خوبصورت رکندي، ٺاهوڪي لڳڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

هنن ٻنهي بايو ڊيٽا پڙهي، هڪ ٻئي کي پسند ڪيو. پنهنجي پنهنجي شونق جو چئٽ ۾ اظهار ڪندي نه ٿڪبا هئا. جيڪي هڪ ٻئي جون ڳالهيون نه وٽنديون هين، انهن کي به سڌارڻ جي رٿ هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا. پر صلاح ڏيڻ هڪ ڳالهه آهي، ٻئي جي غلطيءَ کي در گذر ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي.

ڇوڪري جا مائٽ دهلي ۾ رهندا هئا ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ وري بمبئي ۾. ٻنهي پنهنجي پنهنجي مائٽن کيءَ ملجايو ۽ موڪل وٺي مڱڻو دهليءَ ۾ رکيو ۽ چئن ڏينهن کان پوءِ شاديءَ جي به پڪ ڪئي. ڇوڪريءَ جي ماءُ، جيتوڻيڪ ان سڀ جلد بازيءَ لاءِ تيار نه هئي. پر ڇوڪري وري وديش ۾ رهندڙ ڇوڪرو وڃائڻ نه ٿي چاهيو.

دهليءَ ۾ مڱڻو ٿي گذريو، شاديءَ لاءِ به ماڃي ٻنهجي ممبئي مان ڇوڪريءَ

ڪيونٿي ڪاجهہ مٿ مائٽ دهلي ويا. ڇوڪريءَ جي ماءُ خوب ڏاجو بہ ڏنو، هر قسم جي جويلري بہ ڌيءَ کي پاتي اها هڪ ئي ڪيس اولاد هو. بہ ٽي ڏينهن هوٽل ۾ رهندي، ڇوڪريءَ جي ماءُ ٽڪاجي پئي، هن کي خبر هئي آخر ڌيءَ کي شادي کان پوءِ ڇڏي اچڻو آهي. هن جي جيڪي بہ سنيالي رکيل رقم، وياج تي رکيل رقم، فڪس ڊپازٽ تي ملندڙ وياج تي هنجو گهر هلندو هو. پر ڪيئن بہ ڪري پيا مائٽ سندس دهليءَ مان واپس ممبئي هليا آيا پر ماڻس، پنهنجي ڌيءَ ۽ نائي کي ايئرپورٽ تي وڃڻ تائين الوداع ڪري موٽي.

ڪاجهہ مهنا ئي مس گذريا پهرين هن کي ڌيءَ فون تي ٻڌائيندي رهي ڇوڪريجو ڪم ڪار سٺو آهي. هن منهنجي نالي سان پيو نئون دڪان بہ شروع ڪيو آهي....

اچانڪ هڪ ڏينهن صبح جو ڌيٽس جو فون آيو ”منهنجو گهوٽ کي الائجي ڪيئن خبر پئي آهي يا مون ئي ڪيس ٻڌايو آهي تہ ممبئي جي فليٽ اسان کي پنهنجي آهي يعني مسواڙ تي ناهي پر خريد ڪيل آهي. ۽ اسان ٻنهي جي گڏيل نالي تي آهي. هن تہ ماڳهہ هائوسنگ سوسائٽي مان ئي خبر ورتي آهي هاڻ هو چوي ٿو تہ ماءُ کي چئہ تہ هوءَ اچي تو ساڻ هٽ رهي ۽ اها فليٽ سندس نالي تي ڪري ڇڏي، جيئن هو بہ مائٽن کي چئي سگهي تہ ڪيس ممبئي ۾ بہ پنهنجي فليٽ آهي، جنهن جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا ٿيندي هاڻ مان ڇا ڪريان؟ مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ ممبئي جي فليٽ رهڻ ڏي، اسين ڪڏهن بہ هلي اتي رهي سگهون ٿا...پر هن جي مٿي ۾ اهو مفت ۾ هڪ ڪروڙ جي فليٽ حاصل ڪرڻ جو ڀوت اچي وينو آهي...

’پر مان ڪيڏانهن ويندس؟ جي ڪڏهن مان وديش ۾ ڌيءَ وٽ رهڻ نہ چاهيان؟ هنجا مائٽ ئي مون سان ڪٿ پٽ ڪن. پنهنجي آزادي ڪيئن وڃائيندس؟؟؟‘

”هلو ! ممي! مان آهيان، هينئر هت رات آهي مان باٿ روم مان موبائيل تي توسان ڳالهيان پئي، هيءُ تہ ڪاجهہ بہ ننڊ ٻڌي ماڳهہ هٿ ٿو اولاڙي. پلنگ تي پاسي ۾ سمهڻ بہ نٿو ڏئي، دهليءَ ۾ ماءُ پيءُ کي هن فون تي فليٽ بابت ٻڌايو آهي. هو بہ هن کي پڙڪائين ٿا ۽ چونس ٿا ها! برابر اها فليٽ تنهنجي ئي نالي هئڻ کپي. جي چون ٿا ممبئي ۾ نہ رهڻ چاهين تہ اها وڪٽي، رقم پنهنجي ڏنڊي ۾ وجهي ڇڏ....ٻاهر ڪمري ۾ آواز ٿيو آهي مان فون ڪٽيان ٿي...

اڄ ناتال جو ڏينهن آهي منهنجي ڌيءَ ايئرپورٽ تان فون ڪيو آهي تہ هوءَ واپس ممبئي پهچي وئي آهي، سندس گهوٽ ڪيس گهر مان ڪيي ڇڏيو آهي، ۽ چيو اٿائين ”فليٽ جي مالڪپٽي جا ڪاغذ ٺهرائي، منهنجي نالي ڪرائي اچ تہ گهر ۾ اچڻ ڏيندوسانءِ....“

■■■

# ياڪر ۾ ھليو آيو.....

پريم، پيار جي شادي نہ ڪئي ھئي.ھن جو ماءُ ۽ پيءَ ڪنھن وڏي نہ تہ شاھوڪار ڪٽنب مان ڇوڪري وٺڻ جي خواھش رکڻ وارن مان ھئا!

پريم جي پيءُ کي ٽي چار فئڪٽريون ھيون، جن ۾ اليڪٽرڪ جا بلب ھولبر ۽ ٽيوبن لاءِ چوڪ ٺھندا ھئا. ڪجھہ پارٽ ھو ٻاھر مال ڏيئي ٺھرائيندو ھو ۽ پوءِ پاڻ انھن کي چوڪ ۾ استعمال ڪندو ھو ۽ ائين ڪم کي وڌائيندو ويو.

اھڙي ئي ھڪ فئڪٽري جي مالڪ جي ڌيءَ سان، پنھنجي پٽ پريم کي ڏام ڌوم سان شادي ڪرايائين. خوب خرچ ڪري، پنھنجي دوستن فئڪٽري مالڪن ۾ مشھوري حاصل ڪيائين.

ڇوڪريءَ کي جھڙو سلجھيل سمجھيوويو ان کان وڌيڪ تيز نڪتي، ڪيس موٽر الڳہ ڊرائيور سميت کپندي ھئي، رنڌڻي جي راڻي ٻڻجڻ ھن جو سياءُ نہ ھو، ھن کي ھر گھر جو ڪم ڪرڻ لاءِ نوڪر کپندا

هئا. پريم کي پٽس هڪ فئڪٽريسنڀالڻ لاءِ ڏني، پر ان جي ڪمائي مان هنکي مزو نہ آيو. هن هڪ ٻي بہ فئڪٽري طلبي، سا بہ کيس ڏني وئي.هو پنھنجون ٺاهيل شيون ايڪسپورٽ ڪرڻ لڳو پر ڪجهہ مھنن کان پوءِ ئي وديش مان موڪليل مال جي رقم اچڻ بند ٿي وئي. وديش ۾ مال گ هرائيندڙ 'مال برابر ناهي،' ڪي نہ ڪي بھانا ڏيندا رهيا، پريم مال موڪلڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ وديش ۾ مال گھرائيندڙ رقم کائي ويس. پرِيم هڪ هلندڙ ريسٽارنٽ ڊپارٽ ڏئي مسواڙ تي ورتي، وري ان ۾ گھسي ويو. جنھن ڌنڌي جي کيس ڪا خبر نہ هئي، ٻن سالن کان پوءِ اها بہ هن بند ڪري ڇڏي.

پريم جي زال شايد پنھنجي پيءُ جي صلاح تي روڪ ۽ ملڪيت پنھنجي نالي ڪندي وئي ۽ جا ڳالهہ نہ پريم کي وٽي ۽ نہ ئي وري سندس مائٽن کي.

نفاق ائين وڌندو رهيو. ٻنھي جي روزاني زندگي ۾ اٽبٽت وڌندي وئي، ايتري قدر جو ٻارن کي بہ پيءُ سان ڳالهائڻ لاءِ منع ڪئي وئي. پريم جي زندگي ڇڻ رکي رکي ٿي وئي. هڪ طرف ڌنڌو ڊانوان ڊول ٿي ويو ٻئي طرف ڪل ڪل کي سبب سمجهي پريم پنھنجي زال ۽ ٻارن کان پري ٿيندو ويو. ۽ اداس رهي زندگي گذاريندو رهيو.

اچانڪ هن پنھنجو گھر، زال ۽ ٻار سڀن کي ڇڏي ڏنو ۽ ڪنھن مائٽ وٽ وڃي پيئنگ گيسٽ ٿي رهيو.

هڪ ڏينھن صبح جو سوير اسڪول وڃڻ لاءِ ٻار اسڪول بس لاءِ تيار ٿي ترسيا بيٺا هئا ۽ پريم ان ويل اتان ٿي لنگهيو ۽ سندس ٻارن کي سندن ماءُ پريان ئي رڙ ڪري پيءُ سان ڳالهائڻ لاءِ منع ڪئي. هو هيٺ پاڻ اوڪرو ويھي ٻارن کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ انتظار ڪري رهيو هو پر ٻار ماءُ جي ڊپ کان وٽس نہ آيا پر سندس پاليل ڪتو (پپي) پڇ لوڏيندو پريم جي ڀاڪر ۾ هليو آيو....پپي کي مالڪڻ جو ڊپ نہ ٿيو.

■■■

# جهوني ڊائريءَ مان لڌل
# هڪ اردو ۾ لکيل خط جو ترجمو

**سڄڻ سائين!**

اڄ مون لاءِ سڀاڳو ڏينهن آهي، جنهن جي اڳئين جنم ۾ ڪجهه هئڻ جي ثابتي ملي آهي پر ان کي ظاهر ڪرڻ بجاءِ منهنجي وڏي ڀاءُ اوهان سان- جيڪا زوريءَ فلئٽ والارڻ جي حلت هلي آهي، ان منهنجي دل کي چڻ زخمي ڇڏيو آهي. ورهاڱي وقت اسين به پٽڪندا پٽڪندا-جبلپور (ڀارت) مان لڏي ڪراچي سنڌ پاڪستان آيا هئاسين. جيتوڻيڪ مون ائين نٿي چاهيو پر ڀاءُ ڀاڄائي جي ضد اڳيان مان ته ڪجهه به ڪري نٿي سگهيس.

ان وقت مان سورهن سالن جي جواني ۾ هئس ۽ ائين پنهنجو وطن ڇڏي ترم جي آڌار تي هندستان مان پاڪستان کي وسائڻ جي رٿا اڳيان جهڪي پيس.

٦ جنوري ١٩٤٨ تي مان ٽرڪ ۾ ڀاڄائي سان گڏ ضرور

ويئي هيس. ڇا لاءِ ته ان وقت اسان کي ڪوبه مٿو ڍڪڻ لاءِ ڪمرو نه مليو هو. ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پٺيان واري مئدان تي جيڪو ڪراچي سيشن ڪورٽ ڏانهن رستو وڃي پيو. سامان رکي ماني رستي تي ڪائين جا ٽڪرا ميري رڌيندا هئاسون.

جڏهن رات جو ان ميدان ۾ وينلن گڏ ٿي ميٽنگ ڪئي ته اهو فيصلو ڪيو ته صبح ساڻ اچانڪ گاڏي ڪاتي جي پرسان واري گهٽيءَ ۾ هرهڪ بلڊنگ جي هر فلئٽ ۾ نه صرف ڦڙ ماڙ ڪرڻي آهي پر هڪ به هندوءَ کي بنا زخم ڪرڻ جي نه ڇڏڻو آهي. اهڙو فيصلو ٻڌي مان اوچنگارون ڏيندي روئي پيم پر منهنجي ياچائي به سخت دل رکندڙ هئي. هوءَ به هنن سان هم ساٿڻ هئي. صبح اِن رٿيل پروگرام موجب سڀ گڏ ٿياسين. ٽرڪون اتي جي هڪ ڪانٽرئڪٽر حصو وٺي ڏيڻ قبول ڪيون هيون. اسان ليڊيز کي ان ڪري پاڻ سان گڏ ڪنيو ويو هو، جيئن ڦڙماڙ ڪرڻ وقت جي ڪڏهن فلئٽس والارڻ لاءِ متان اسان برقي پائيندڙن جي ضرورت پوي.

ائين ته مان برقي پائڻ کان هردم ڪيٻائيندي رهندي هيس. جبلپور (انڊيا) ۾ گهڻو ڪري پين ساهيڙين جيان سلوار ڪرتو پائي بازار ۾ ٿهي نڪي نڪرندي هيس ۽ خاص وڏن ڏينهن تي ساڙهي به پائيندي هيس پر هت ڪراچيءَ (پاڪستان) جو ماحول اهڙو بڻايو ويو آهي جئن اسين نج مسلمان لڳون.

مون کي الاجي ڇو ائين لڳي ٿو ته ”مان اڳئين جنم ۾ توهان جي ڪجهه هئس يا توهان منهنجا ڪجهه هئا!“ اهو انهي ڪري ٿي چوان، ڇاڪاڻ ته جڏهن 6 جنوريءَ 1948 تي جڏهن اسان مسلمانن، اوهان جي بلڊنگ تي حملو ڪيو هو ۽ لوٽ ماڙ

ڪئي هئي ۽ هيٺيون سارو سامان، ٽرڪن ۾ ڀري ڪٽي ٿي وياسون، ان وقت به اوهان، منهن ۾ پٽيءَ تي چاقن سان گهاءُ ڪيل هوندي به مسڪرائي رهيا هئا. ڇڻ موت جو خوف اوهان کي نه هو پر اوهان خوف جو موت ڪري ڇڏيو هو. وري جو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن اوهان سول اسپتال مان ٺيڪ ٿي موٽيا هئا ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ، اوهان وٽ اچي ڪوڙ ۾ روئي ڏنو هو ۽ نيزاري ڪندي چيو هو ته منهنجي هن ننڍي جوان پيڻ تي قياس ڪيو ۽ هڪ ننڍي فليٽ ئي ڪٽي مسواڙ تي الاٽ ڪري ڏيو ته مان ڪليل مئدان مان هنڪي وٺي اچي ٿائينڪو ڪيان. مان اتي به سرڪاري آفيس ۾ نوڪري ڪندو هوس. هت به ائين ئي ڪرٽو پوندو. پر هت به پاڪستان سرڪار اسان کي رهڻ لاءِ جاءِ نٿي ڏئي. اوهان ئي ديا ڪريو اوهان ته ائين به فليٽس واري بلڊنگ وڪٽي انديا هليا ويندا.

۽ اوهان مون ڏانهن نهاريو ته الائي ڪهڙي خيال ايندي، اوهان منهنجي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ کي جاءِ جو آسرو ڏنو. پر بلڊنگ جي سوڊي ٿي وڃڻ کان پوءِ....''

مان قبوليان ٿي، اها منهنجي ڀاءُ جي ڀل هئي جو هو ان دلاسي تي نه ترسيو. ماڳهه اوهان جي چوڪيدار، جو يو پي جو ڀئيو هو، ڪجهه روڪ رقم وٺي هڪ رات جو فليٽ جو دروازو ائين کولي ڏنو. ڇڻ اسان زبردستيءَ جاءِ والاري هئي... اها فليٽ پوءِ خبر پئي ته اوهان بلڊنگ جي خريدار کي ڏيٽي ڪئي‌هئي جو ساڳئي فلور تي ڪيس به فليٽس ڪپنديون هيون ۽ اها سندس ڪنڊيشن هئي. ان تي اوهان جو سوٽ جيڪو ئي اوهان کي ساٿ ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهيو پيو هو ۽ ٻيا ڪٽنب جا ڀاتي سڀ ممبئي هلي ويا هئا. هن لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪليل

نہ رهيو، سواءِ پوليس کي ڪارائي، فليٽ زبردستيءَ والارڻ جي ڏوھ ۾، خالي ڪرائي ۽ اسين وري بہ کلئي مئدان ۾ چوڌاري چادرون هڻي وڃي رهيا هئاسون.

اوهان پنهنجي بلڊنگہ جو سوُدو پڪو ڪري، چار فليٽس ان خريدار کي ڏنيون ۽ مون کي گڏجڻ لاءِ نياپو موڪليو. منهنجو ياءُ ۽ ياڇائي ڪنهن ڪمري جي ڳولها لاءِ ويل هئا ۽ مان وجهہ ملندي ئي اوهان وٽ هلي آيس، اوهان اُن مهل وڪٽوريا گهوڙي گاڏيءَ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. پر مون کي ڏسي اوهان گاڏي بهاري ۽ مون کي ان ۾ وهڻ لاءِ چيو. ”اسين پن ڏينهن کان پوءِ ڪراچي کان ممبئي وڃون ٿا چنچر جي اسٽيمر جي ٽڪيٽ ملي آهي، تون سياڻي صبح جو اچ، توکي هڪ ڪمري واري جاءِ، مٿو ڍڪڻ لاءِ ڏئي ٿو وڃان، جنهن جي مسواڙ صرف ۱۵ روپيا آهي. جيستائين ٻي جاءِ مليو، هيءَ جاءِ چوڪيدار لاءِ هئي. جيڪو بہ سياڻي انڊيا وڃي رهيو آهي.“

منهنجي اکين مان احسانمنديءَ جا ڳوڙها نڪري آيا. مان تہ عجب ڪائيندي رهجي ويس، جنهن کي منهنجي ياءُ هيتري زبردستي جاءِ والاري تڪليف ڏني. سو ڪيئن ٿو مونکي سڏي. مئدان مان اٿاري، ڪمري ۾ ٿو وهاري ... ظاهر آهي، اڳئين جنم ۾ مان ڪجهہ توهان جي هيس يا توهان ڪجهہ منهنجا هئا!

اوهانجي داگينا.

■ ■ ■

# آشيانو ڪنهن ناهيو؟

- آشيانو ڪنهن ناهيو؟
- تو
- توکي بئرڪ مان اُتاري، فلئٽ ۾ ڪنهن آندو
- تو
- تنهنجي گهٻراهٽ ڪنهن دور ڪئي؟
- تو
- مائٽن جي دٻاءَ کان توکي ڪنهن ڇوٽڪارو ڏياريو؟
- تو

تنهنجو گهر، ڏسڻ لائق ڪنهن بڻايو؟
- تو
- لوهه جي پيٽيءَ مان ڪپڙا ڪيي، ڪٻٽ ۾ ڪنهن آندا؟
- تو
- پئنجامي ۾ سوٽلي وجهڻ بدران اِلاسٽڪ وجهڻ

توکي ڪنهن سيکاريو؟

- تو
- ٿوري مان گهڻو ڪرڻ توکي ڪنهن سيکاريو؟
- تو
- ٿوري ۾ راضي رهڻ توکي ڪنهن سيکاريو؟
- تو
- ننڍي هوندي ئي جپ صاحب جي پوڙهي

توکي ڪنهن سيکاري؟

- تو
ڏنڌي ۾ محنت ڪيئن توکي ڪنهن ٻڌايو؟
- تو
- هر وقت، توکي ساٿ ڪنهن ڏنو؟
- تو
- تڪليف ۾ دک تو ساڻ ڪنهن ونڊيو؟
- تو
- ٻاڇت ڪري، ٿوري ٿوري رقم رکڻ توکي ڪنهن سيکاريو؟
- تو
- آفيس ۾ نوڪري ڪندي، ماني توکي ڪنهن پهچائي؟
- تو
- تنهنجي ٻارن کي ڪنهن پاڙهيو؟
- تو
- تنهنجي هرهڪ ٻار کي گريجوئيٽ ڪنهن بڻايو؟
- تو
تنهنجي اکين مان وهندڙ ڳوڙها ڪنهن اگهيا؟
- تو
- غربت ۾، تنهنجي گهر ۾ خوشي ڪنهن آندي؟
- تو

- شادي ڪندي، جهونا زيور ڪنهن پاتا؟
- تو
- شادي وقت، رستي تان ورتل جهوني موٽر ۾ چڙهڻ ڪنهن قبول ڪيو؟
- تو
- حالتن کي جاچي، ڪنهن به شيءِ لاءِ ضد نه ڪيو؟
- تو
- هر ضرورت وقت، في الحال قرضڻي پورت ڪنهن ڪئي؟
- تو
- پاڻ وساري، توکي ڪنهن پانيو؟
- تو
- هر پل سان سمجهوتو ڪنهن ڪيو؟
- تو
- مائٽن سان، پارن سان، توسان سمجهوتو ڪنهن ڪيو؟
- تو
سڀن مٽن مائٽن ۾، توکي سرخرو ڪنهن ڪيو؟
- تو
- تنهنجي زندگيءَ کي ڊانوان ڊول ٿيڻ کان ڪنهن بچايو؟
- تو
- هيڏي وڏي شهر ۾ تنهنجو منهن مٽي ڪنهن ڪيو؟
- تو
- ويجهڙيل مائٽن کي ڪنهن هڪ ڏاڍي ۾ پوتو؟
- تو
- غريبي مان، توکي ٻاهر ڪنهن ڪييو؟
- تو
- اجايو خرچ ڪرڻ کان توکي ڪنهن بچايو؟
- تو

دنيا جي هر مرضي رڪڻ ۾ ڪنهن توکي ساٿ ڏنو؟

- تو

- تنهنجو قتل گهر ڪنهن ٺاهيو؟

- تو

- اڃايو پٽڪڻ کان، ٿائينڪو توکي ڪنهن ڪيو؟

- تو

ناستڪ مان آستڪ توکي ڪنهن بڻايو؟

- تو

- ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ٺڳي ڪرڻ کان توکي ڪنهن بچايو؟

- تو

- تنهنجي سمهيل ورِيڪ کي ڪنهن جاڳايو؟

- تو

- سِين سان مٺ محبت ۾ هلڻ ڪنهن سيکاريو؟

- تو

- همدرد دل تنهنجي ڪنهن ٺاهي؟

- تو

- غرور سان زندگي گذارڻ کان توکي ڪنهن بچايو؟

- تو

- هر ساهواري ۾ اهو ساڳيو آهي، ڪنهن ٻڌايو؟

- تو

- وڏي ڏکي بيماريءَ ۾ توکي ڪنهن سنڀاليو؟

- تو

- تنهنجيون ڏنگايون ڪنهن برداشت ڪيون؟

- تو

- هيترو سڀ توسان ڪنهن ڪيو؟

- تو

-تڏهن ٻه تون منهنجو نه ٿي سگهين!

■■■

# ٻڪ ٻوڙ

هو اڃان ڪالهہ ئي تہ ائمريڪا مان آيا هئا، ويزا کي قائم رکڻ لاءِ هو ٻئي ائمريڪا ويا هئا، سندن ڏيئر شادي ڪري اتي آهن. ۽ پٽ بہ اتي ڊاڪٽري ڪن ٿا، سڄا سارا چارمهنا اتي رهي آيا هئا.

پهرين رات تي گرمڪداس اونده ۾ بستري تان اُٿندي، هيٺ پٽ تي ڪري پيو، پلنگ جي ٻني تي زور ڏئي اٿڻ وقت هٿ ڪسڪي ويس ۽ ماڳهہ چيلهہ وٽ هڏو ٿڻي پيس، هو ڪيڪون ڪندو رهيو، جيستائين سندس ڌرمپتني ننڊ مان اٿي ۽ بتي ٻاري، ”ڪيڏو چوندي آهيان تہ پئسيڄ جي هميشه رات جو بتي ٻاري سمهندا ڪريو، پر اوهان کي تہ اليڪٽرڪ جو بل بچائڻ جي چنتا هوندي آهي... ”هاڻ اٿو مون کي پڪڙيو......“پرِ مان تہ اُٿي ئي نٿو سگهان... هيڏو سور ٿو ٿئي، منهنجو لڪڻ ڪٿي آهي؟ من ان جي سهاري اُٿي سگهان!“

”وجيہ تون ڪٿي آهين؟ اُٿ پٺهين پلنگہ تان ڪري پيو آهي....اُٿارڻ ۾ مدد ڪر....“

پاسي وارن جي مدد سان ڪيس هڏين جي ڊاڪٽر وٽ انبولئنس ۾ وٺي وڃڻو پيو. هنجي چيلهه جي هڏو ٽٽي پيو هو. ائمريڪا ۾ رهندڙ پٽن جيڪي اتي ڊاڪٽر هئا فون ڪيو ويو ۽ سندن صلاح موجب سندس آپريشن ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن آپريشن ڪان پوءِ گرمکداس کي آڪسيجن تي رکيو ويو هو ۽ نرسنگه هوم ۾ وٽس سندس رٽائر ٿي ويئل پٽ وجيه رهيو پيو هو.

هوڏانهن گرمکداس جي هم ساٿڻ 'هري اوم هري اوم' چوندي گهر ۾ اندران ڪڙي ڏئي، رات جو سمهي پئي.... ۽ چون ٿا صبح جو اٿي ئي ڪا نه.... صبح جو ڪير وارو گهنٽيون وڄائي وڄائي موٽي ويو، اخبار وارو، ڪنڍي ۾ اخبار اٽڪائي ويو. پاسي وارن اهو لقاءُ ڏسي، چاٻي سان گهر کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لڳي پيو اندران ڪڙي لڳل هئي. هن اندران دروازو بند ڪري ڇڏيو هو، ڊپ وچان، متان ڪو رات جو اندر هليو اچي!

سڄي ڪالوني ۾ ڊڪ ڊوڙ ٿيندي رهي، پاسي واري جي بالڪني مان هنن جي بالڪني ۾ ٽپي هڪ سنهي ڇوڪري کي اندر موڪليو ويو، جنهن اندران ڪڙي کولي ڊاڪٽر گهرايو.جنهن جاچي چيو ''هيءَ ته آهي ئي ڪا نه.... لڳي ٿو ننڊ ۾ ئي هارٽ فيل ٿي وئي اٿس....''

نرسنگه هوم ۾ پٽس کي ٻڌايو ويو، هو عجب ڪائيندو ئي رهيو.''ائين ڪيئن ٿي ويو، رات ئي ته هن نرم ڪاڇٽي به ٺاهي ڏني هئي، نرسنگ هوم ۾ ڪٽي اچڻ لاءِ ۽ ڪيرٽي به ٺاهي هئي....'' آخر ان سرير مان ڇا ٿو نڪري وڃي هو سوچيندو رهيو. ائمريڪا فون ڪيا ويا، ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين بجي سندس سرير کي کٽبو ائين مائٽن کي فون تي ٻڌايو ويو ڪالوني ۾ رات جو گهنڊ گهمايو ويو، هوڏانهن ائمريڪا ۾ سندس پٽ چيو ''اڃان هاڻ هتان ويا آهن...هاڻ ڇا ڪريون....ڪنهن چيو سيني سان گڏجي ويا آهن....ڇا ڇهن ئي پٽن ۽ ڏيئرن کي بمبئي هلڻو پوندو....منهنجي ته ٻار جو امتحان آهي... منهنجي ته انٽرويو رکيل آهي....هڪ نونهن چيو 'منهنجا ته مائٽ ائمريڪا گهمڻ اچڻا آهن....ڊاڪٽر پٽ چيو''ٻن ڏينهن ڪان پوءِ ته منهنجو ڊاڪٽرن جي ڪانفرنس ۾ حاضر رهڻ ضروري آهي'

ڪنهن چيو هيترو سارو خرچ هوائي جهازن جي ٽڪيٽن تي ايندو...‘ هڪ فون پيو فون...ٽئين جو فون...ڪو نيوجرسي ۾ هو ته ڪو نيويارڪ ۾ ۽ ننڍيءَ ڏيءَ ايل. اي ۾ جنهن چيو مان ته ضرور ويندس...مون وجيه کي فون به ڪري ڇڏيو آهي ته منهنجي ماءُ جو سرير به ڏينهن نه ڪنيو وڃي. مان آخرين دفعو منهن ڏسڻ ٿي چاهيان...ڪنهن فون تي جواب ڏنو هاڻ ته گڏجي وئي اٿئي، چئين ته سندس فوٽو موڪليان...سيني کي لڳو ماٺهو ڇا چوندا... صرف ننڍي ڏيءَ ممبئي آئي آهي پر پيو ڪو به نه پهتو!....هي ڪهڙا سبب آهن!

جنهن ٻارن کي ڇٽي وڏو ڪيو، دکه ۾ دکه ونڊيو، هنجي ياد ڪيئن نه ايندي؟ پلا گرمکداس کي ٻڌايو اٿو؟.... هڪ پٽ چيو ’ها‘ ضرور ڪانئس رڙ نڪتي هوندي....جواب مليو ’نه‘ پنجهٺ سال گڏ گذارڻ سان به ڪيڪ ڪا نه نڪتس !“

هن جي سرير کي ٽن ڏينهن کان پوءِ کنيو ويو، ائمبولنس ۾ چاڙهيندي، مون ڏٺو هن جا سڀ ٻار ائمريڪا مان آيل هئا، ڪو ان ائمبولنس ۾ چڙهيو ڪا ٻئي موٽر ۾ ويٺي ڪنهن چيو ”سهاڳڻ ڀاڳڻ ٿي وئي، سندس سٺا ڪرم ڪيل هئا.“

منهنجو من هن جي سَرَ تان موٽندي، گهٻراهٽ ۾هو، ڇڻ مٿو چڪر ڪائي رهيو هو. منهنجو پٽ به وديش ۾ رهندو آهي، اهو خيال ڪندي گهر پهتس، دروازي وٽ ئي گنگا جل جو ڇنبو هٽي اندر اچڻ ڏنائون....۽ مان پلنگ تي پئجي رهيس.....

■■■

# چوٿون گهر....

مان منڊر ۾ وڃي رهيو هوس ۽ هوءَ آهستي آهستي منڊر جي ڏاڪڻ مان لهي رهي هئي. سال کن کان پوءِ ئي گڏي هئي. هٿ ۾ لڪڻ ۽ چهري تي اُداسائي ائين ٿي لڳو ڄڻ حالتن کيس خوب گهٽيو هو.

”ادي ڪيئن آهيو ؟ مزي ۾؟ ڪيترو وقت کان پوءِ گڏيا آهيو. هاڻ ڪٿي رهندا آهيو ؟

”ادا ! ڪهڙي ٿا ڳالهه پڇو ! ڪڏهن انڌيري لوکنڊوالا ۾، ڪڏهن ٿاڻا هيرانندانڻي جي جاين ۾، هاڻ هتي آئي آهيان....“ ائين چوندي هنجون اکيون پرجي آيون پر ڳوڙها ڳڙڻ کان هن زوريءَ روڪي ڇڏيا....

هن کي ٻه پٽ ۽ هڪ شادي ڪيل ڌيءَ آهي ، ڪو وقت هو جڏهن هن جو گ هوٽ زنده هئو، هو پنهنجي رباب وارو هوندو هو، ۽ هيءَ ٻه هن جي رباب جي آسري سين سان ڪڙڪي سان هلندي هئي. پٽن تي خوب پڙندي هئي. ڪپندو تہ کيس ٽيون ٻه پٽ هو پر ٽين ڌيءَ سندس گود ۾ هلي آئي. پهرين تہ ناراض ٿي پر پوءِ آهستي آهستي سهسائي ورتائين. ائين سندس گهوٽ ئي ٻڌائيندو هو.

سانجهي ٽيندي ئي اتي جي رهندڙن جي گر منڊر ٻاهران ٿلهي تي اچي وهڻ جي عادت هئي ۽ پين جون گلائون ڪرڻ ۾ سين کي مزو ايندو هو.

سندس گهوٽ ڪانئس سال ٻہ ننيو هو، ان جو ٻہ بئنڪ ۾ وستار سان بحث

ٿيو هو. خير هڪ ڏينهن گهوٽ ساڻس گڏ ڪلياڻ ۾ ڪنهن مائٽ جي شاديءَ تي ويو هو، جتان ڪيس اڪيلو موٽڻو پيو هو. هن ڪي دل جو دورو اچي پيو هو ۽ ان شادي جي موقعي تي سندس آخرين ساهه ڪڍيو هو.

اڄ هوءَ سترسالن جي لڳ ڀڳ هوندي. وار چانديءَ جي تارن جيان، اکيون اندر پيل ۽ چهري تي ڪيترا ئي گهنج پئجي ويا هئس.

هوءَ ته ٽي مهنا پنهنجي هڪ پٽ جيڪو انڌيري ۾ رهندو آهي وٽ رهندي آهي ۽ شادي ڪيل ڌيءُ جو ٿاڻا ۾ رهندي آهي. هفتو اڳ ئي تياري ڪرڻي پوندي اٿس جو ڪيس انڌيري ۾ رهندڙ نونهن به هفتا اڳ ئي ياد ڏيارڻ شروع ڪندي آهي ته ”فلاڻي تاريخ ٽي مهنا هت رهڻ جا پورا ٿين ٿا، اوهان ان بعدڪنهن وٽ ويندا. هنن کي اڳ ئي فون ڪري ڇڏيو ! جئن وقت تي اچي اوهان کي وٺي وڃن ! پنهنجا ڪپڙا ڌوئي استري ڪري، بئگ ۾ وجهي رکو.... هن پيري ماٺونگا ويندا يا ڌيءَ وٽ ٿاڻا ويندا؟ ماٺونگا ويندا ته سڻو.... هن مهني جي پهرين تائين سڀ طاقت جون گوريون بلڊ پريشر جون گوريون وغيره ختم ٿي ويندو.....ڌيءَ کي چوو ٿا ان خرچ جو به بوجو وجهو....ماٺونگا واري پٽ کي چئجو ته اڳو پو ڇهن مهنن جون دوائون وٺي ڏيئوَ.....!

”نونهن ! سوچيان ٿي ته هاڻ چار چار مهنا هڪ هڪ وٽ رهان جيئن سال پورو ٿي وڃي.....“

”نه بابا ! ٽي مهنا ئي مشڪل سان ٿا پورا ٿين... اوهان جي ڪري ڪيترو پنڌن آهي.... اوهان کي اڪيلو نه ڇڏي ٿا سگهون.هر هنڌ اوهان کي وٺي هلي نٿا سگهون.... ان ڪري ٿيئيٽر ۾ فلم ڏسڻ وسري وئي آهي....“

پلا مان ڇو ٿون گهر ڪٿان آٽيان؟.....ماٺونگا وارو به ٽي مهنا ٿو رهائڻ چاهي، ڌيءُ به لاچار آهي. نانيءَ کي ٻالهه نٿي وٺي.....هن تي ته ڪو زور به ڪونهي.... اوهان مان ڪو به سوچي ڇو نه ٿو؟.... اجهو ٽنهي وٽ رهڻ جو وقت پورو ٿيندو.....پوءِ مان ڇا ڪنديس.....مون کي ته اندر ۾ اهائي چنتا کائي وئي آهي.....يا اهو ئي ٽن ٽن مهنن جو چڪر هلڻ ڏيو..... هرويرو ٻارهن مهنن مان ٽن مهنن تي زور ڇو ٿا پريو؟...... مان ڇو ٿون گهر ڪٿان آٽيان؟ جتي وڃي سال جا آخرين ٽي مهنا رهان؟؟

■■■

# چار گھنٽ

جنھن ڪالونيءَ ۾ مان رھندو آھيان، اُن ۾ ٽي سوَ سنڌين جا گھر آھن. ڪرشن مندر آھي، گردوارو آھي، لئبرري آھي ۽ پوسٽ آفيس آھي ۽ ڪي.جي. ڪلاس کان وٺي ايس. ايس.سي. تائين اِسڪول بہ آھي. اِھا ٻي ڳالھہ آھي تہ اُن ۾ ھاڻ سنڌي ٻار پڙھن ڪونہ ٿا، سڀ ڪانوينٽ ۾ ٿا وڃن. سنڌي اِسڪول ھوندي، سنڌي سيڪارڻ بند ڪئي ويئي، ھاڻ گھڻو ڪري غير سنڌي ٻار پڙھن ٿا.

ھن ڪالونيءَ ۾ جڏھن ڪو ھن دنيا جو سفر پورو ڪري، ٻيءَ دنيا ۾ ھليو ويندو آھي يا ھلي ويندي آھي تڏھن آفيس جو چوڪرو گھنٽ وڄائي، ھڪ ھڪ بلاڪ جي ھيٺان، اُتي رھندڙن کي ٻڌائيندو آھي تہ اُن ڏينھن ڪير ھن دنيا مان ھليو ۽ ڪيس ڪنھن مھل ڪڍندا!

اڄ صبوح جو چانھہ پيي ، اخبار پيي پڙھيم تہ بالڪنيءَ ھيٺان گھنٽ جو آواز آيو. ”پارتي جا ڏھين نمبر بلاڪ ۾ رھندي آھي، گذاري ويئي“ ھڪ ڏينھن اڳہ ئي ھن جو پٽ گڏيو ھو مھراج وٽ، دکي پئي لڳو. پاڇڻ تي ٻڌايائين تہ ھوُ اَمريڪا مان ممنو کن اڳہ موٽيو آھي. ماڻس ڳال بليبر، آپريشڪرائي

ڪيڏايو آهي پر غلط دوائون وٺڻ ڪري ڪامپليڪيشن ٿي پيا اٿس، ڏاڍي سيريس آهي.

اهڙو سڀيو آپريشن منهنجي هم ساٿڻ جو به ٿيو آهي. شڪر آهي جو هوءَ ٺيڪ ٿي ويئي آهي. باقي صرف ڪمزوري اٿس ۽ اُٿي ٿي، وهي ٿي، ڳهمي ٿي، ڏاڪڻ چڙهي ٿي، پنڌ ڪري ٿي، مالڪ جي مهر ٿيس.

نيرڻ ڪري اُٿيس مس ته پيو گهنڊ وڳو. اَسان جي بلاڪ ۾ ئي رهندڙ دهليءَ پنهنجي پٽ وٽ ويل هو. گهر کي تالو لڳل ڏسي سندس ماڻهوءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ پڇيو هوم ”صاحب ٺيڪ نهين ٿا، ايڪ مهنا هاسپيٽل ۾ ٿا، دل کي تڪليف ٿي. اَب دهلي گيا هئه.“

هن جي دهليءَ جي وڏي اِسپتال ۾ باءِ پاس سرجري ڪئي ويئي هئي ۽ هن آپريشن ٿئيٽر ۾ ٽيبل تي ئي ساهه کڻڻ بند ڪري ڇڏيو. چون ٿا ته اِن آپريشن ۾ دل کي ٻاهر ڪڍي ٽيبل تي رکي ٻي رت جي نليءَ کي ڳنڍيو ويندو آهي يعنيٰ ميجر آپريشن آهي.

مون کي پنهنجي دل جو باءِ پاس آپريشن اچي ياد پيو ۽ اُن آپريشن وقت هاسپيٽل ۾ جيڪي تڪليفون سٺيون ۽ ڪيئن نه رت جي داٻ جي هيٺ مٿي ٿيڻ تي ۽ ڊائبٽيز يا شگر جي گهٽ وڌائيءَ سان، ڪجهه به سٽائو نٿي ٿيو ۽ وري جو بخار ايندي، اِنفيڪشن ٿي پيو ۽ ٽِن هفتن جي هاسپيٽل ۾ رهڻ کان به جند نه ڇٽي ۽ هڪ هفتو وڌيڪ وري به رهڻو پيو. اُهي چتر اکين اڳيان گهمندا رهيا. اِڊائي مهنا گذريا ته هڪ ٻي وڏي هاسپيٽل ۾ هڪ ٻي سرجريءَ لاءِ داخلا وٺڻي پيئي ۽ ٻه هفتا اُتي به رهڻو پيو.

آپريشن ٿئيٽر ۾ جڏهن وٺي هليا، پٿري ڪيڻ لاءِ، اِئين ڪٽ ڪيل هو ته سرجن پٿريءَ کي ليزر ڪري ڪيي وٺندو پر جنهن حالتن کي جاچيندي، سرجن کي پٿري سرجري ڪري ڪيڍڻي پيئي. چو ته پٿري اهڙي هنڌ اٽڪيل هئي، اُها اُتان ڪيڻ ڏکي هئي. سرجري ٿيڻ کان پوءِ هڪ وڏي برف جهڙي ٿڌي ڪمري ۾ کڻي آيا. ڪجهه وقت ۾ ئي اُتي ايتري ٿڌ ٿي جو مٿان به ٽلها ڪنبل وجهڻا پيئن. اکين کي بند ڪرڻ سان به مان ٿڌ سهي نه سگهيس ۽ يڪدم

مونکي هيٽرن جي گرميءَ وارِي ڪمري ۾ ڪٽي آيا ۽ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ پنھنجي ڪمري ۾ آنداڻون. ٽئيٽر ۾ هڪ ٽنيپي کي پاکر پارائي، چيلھہ سٽي جھلي، اڌ سرير کي نستو ڪرڻ لاءِ اِنجيڪشن هنياٺون. عجيب آزمودو هو.

ڪجھہ مھنا اڳہ جو اهڙا گھنٻ هرروز يا ڪجھہ هفتن ڪانپوءِ ئي وڃندا هوندا، پر مون خير ڪو ڌيان ڏنو هوندو. پر هاڻ اَندر ۾ خوف جاڳيو آهي. جا جھان جي ريت آهي، اُن کي ڪيئن ٽو وساري سگھجي.

ڪرمن جو چنو، ڪنھن نہ وارچي ڏٺو. پنھنجون پنھنجون ڳنڍيون آهن، جيڪي سيڪو پاڻ ئي ڪلھن تي ڪٽي هلي پيو. پل اُن جو بار خود کي نٽو لڳي ۽ زوريءَ اِها خبر آهي تہ اِنھن ڳنڍين ۾ ڪھڙن ڪرمن جا ڪھڙا ڦل رکيل آهن ۽ اُهي ڪرم ڪھڙن جنمن ۾ ڪيل آهن ۽ ڪھڙا ڦل هاڻ پوڳڻ لاءِ پاڃي راس ٿيا آهن.

ٽيون گھنٻ وري سنڌي روزاني اخبار ۾ نيوز پڙهي وڳو. هوُ اَمريڪا مان اجان ڪالھہ ئي موٽيو هو، وڏو ماڻهو هو. هيترا سارا ڪم هئس، سڄي دنيا ۾ آفيسون هيس، بزنس اصل پکيڙيل هئس، سوشل ڪم بہ ڪندو هو، ڪن کي مدد پڻ. پر پنھنجي گيسٽ هائوس جي ٻاهران ئي اچانڪ زوردار هارٽ اَٽئڪ ٿيس ۽ ڪري پيو.

چوٿون گھنٻ ٽائيمس آف اِنڊيا وڄايو. ڇھہ مھنا اڳہ اجان اِهو ڪالم نہ وٽندو هو. سو هاڻ ڏسڻ شروع ڪيو آهي. منھنجو دوست، جو ڪجھہ سال اڳہ هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور گڏجندو هو. هوُ پنجابي هو. پر سياءُ جو محبوب هو. اُن وقت هوُ تڪليف ۾ هو. راشن وٺڻ لاءِ ڪجھہ روڪ وٺڻ لاءِ ايندو هو ۽ پوءِ حساب ڪري لاهي ڇڏيندو هو پر ڪجھہ سالن ڪانپوءِ هو شاهوڪار ٿي ويو. ڪجھہ سندس محنت، ڪجھہ ڀاڳہ اچي ڪليس ۽ پوني وڃڻ وقت لوناوالا جي پرسان سندس فارم هائوس ۾ هڪ لکہ مرغيون هئس. وڏي ڪمائي هئي. ڪڏهن اُتي گھمڻ لاءِ گھرائيندو بہ هو. شاهاڻو آدر ڏيندو هو، پر اچانڪ وڃڻ ڪري سڀ ڪجھہ هِت ئي ڇڏي ويو. ايتري قدر جو وصيعت بہ لکي نہ سگھيو. ڪيس لڳو اُن جي اجا تڪڙ نہ هئي..... ■■■

# اڌ ۾ لکيل خط

مون کي اها چڱي وقت کان عادت آهي ته مان ليڊيز پرس، پل ڪنهن جي به هجي سامهون پيل ڏسي کوليندو رهندو آهيان. ڇو ته اها خبر ناهي ڪهڙي شيءِ ڪپندي هجي. خبر آهي ائين ڪرڻ غلط ئي آهي...

پنهنجي ئي گهر ۾ هال ۾ ويٺو هوس، ٻئي ڪمري ۾ ستنارائڻ جي ڪٿا ٿي رهي هئي هتي گهر جا سڀ ياتي اِن ڪٿا ٻڌڻ ۾ مشغول هئا. منهنجي ڌيءَ جو ليڊيز پرس، سوفا تي رکيل هو، عادت موجب اهو کوليم، جنهن ۾ ان ۾ اڌ لکيل خط پيل هو. اهو خط مون ڏانهن ئي لکيل هو. مان پاڻ ڏانهن لکيل خط کي پڙهڻ لاءِ اُتاولو ٿي ويس....

دادا!

اوهان کي ائين نه ڪرڻ کپي. منهنجي ماءُ هيڏي عمر جي اچي ٿي آهي، الاجي گهڻا مهنا يا سال به هجي آپريشن کان پوءِ ته اجان به ڍلي ٿي وئي آهي، ٻڙي ڪنڌا ٿي وئي آهي پر ان هوندي به اوهان

هنڪي هڪ هڪ ٻالهہ تي ڌيون ٽا ڪيو، ڪيترين نہ هن اوهان جي شيوا ڪئي آهي، گذريل ڏيڍ سال کان تہ هن اوهان جي صحت جو خوب اونو رکيو آهي. پاڻ وساري، اوهان کي ڪا بہ تڪليف نہ ٿئي، اهڙا اُپاءُ پيو ورتا اٿس. مون سندس هڪ آزاد نظم پڙهيو جو هن تازو لکيو هو، هاڻ هوءَ ٻولهي ٻولهي ٿڪي آهي، ليڪجي ئي نٿو ٻولهي ٿڪي آهي. اوهان تہ اهو ڳم نہ ڪيو آهي؟ ان نظم ۾ هن پنهنجي پيڙائن جي ڇڻ ڪهاڻي لکي هئي. ڪيئن ڪيئن هن اوهان جي ڏنگاين کي برداشت ويٺي ڪيو آهي. ڪيئن ڪيئن هن اهو سڀ ڪاڄهہ سٺو آهي پر رڙ ڪئي ناهي.

مان اوهان کي ڪيئن ڇوان ۽ ڪيئن سمجهايان؟

اوهان جي گذري ويل زندگي بابت تہ مان نہ ڄاڻان! اڄ همٿ ڪري خط لکي رهي آهيان. ......

■■■

# بندرابن ڪان مٿرا

ڪنهن سيمينار تي بندرابن وڃڻ ٿيو. اتي پهچڻ سان رڪ هيٺان ڊپيل ياد، پرڪو ڪائي ٻاهر نڪري آئي.
جڏهن سنڌ مان ورهاڱي وقت آيا هئاسون. ڪير ڪيڏانهن ويو ڪو ڪيڏانهن. جنهن ڪي جنهن چيو هو هوڏانهن هليو ويو. اسان ڪي ٻ ڪا خبر ڪانہ هئي. ڪراچي ڇڏڻ وقت ڪهڙي شهر ۾ وڃي رهڻو آهي. ممبئي ان وقت بمبئي هئي. اهو شهر ٻڌل ٻ هو ۽ هڪ پيرو ڏٺل ٻ، ڳوٺ ۾ چوندا هئا. جنهن بمبئي نہ ڏٺي جڻ ڄائو ئي نہ. ان من تي اثر وجهي ڇڏيو هو، جنهن خواب ڪي پورو ڪرڻ لاءِ شاهوڪار ٻار هوندي بمبئي گهمڻ اڳہ آيو هوس.
اسٽيمبر ڏڪي تي پهتو. ڪي مائٽ گڏ هئا. جن جي صلاح سان مان ٻ مٿرا هليو آيس. شايد هنن ائين سوچيو هوندو ڪرشن جو تيرٿ آهي. ڪو نہ ڪو روزگار ملي ويندو ۽ رهڻ لاءِ جاءِ سستي مسواڙ تي هوندي. هنن اهو بندوبست ڪرڻ لاءِ ڪنهن واقفڪار پنڊي ڪي چئي

چڙهيو هو.

جاءِ جهوني، آڪار ۾ جهونو. ڪاٺ جون چٽيون ۽ ڪاٺ جو ئي فرش. سيني کي هڪ هڪ ڪمرو مليو ويو. ڪنهن ڪپڙي جو ڪم ڪيو ته ڪن ٽوالن ۽ رومالن جو مون ڪجهه نه ڪيو. هڙان کيي ڪائيندو هئس.

مٿرا ۾ ان بلڊنگ جي مالڪ جي ڌيءَ هئي راڌا. مون کي ڪو خاص ڪم ڪونه هو ۾ ٽي ڪلاڪ بازار مان گهمي شام جو بانڪي بهاري مندر ۾ وڃي گپاگيهه آرتي تي پهچندو هوس ۽ واپس موٽندي مڪان مالڪ جي ڌيءَ رستي تي گڏجي وئي. هن مون کي پهرين شايد ڏٺو هو. پڇيائين ڇا ڪندو آهيان؟ هن ٻڌايو ته جنهن جاءِ ۾ رهندو آهيان سا سندن آهي ۽ هو مٿي پهرئين ماڙ تي رهندا آهن.

مون هن کي گهوري نهاريو. سادي سودي ٽي لڳي پر مٿي تي جواني جي چادر بخوبي اوڍيل هئس. هن جي اکين ۾ خمار ۾ هو ته اُڏام جي چاهنا پڻ. مون ڇيو ڪجهه ۾ ڪين ڪندو آهيان. نوڪري ڪرٽي ڪونهي. شاهوڪاري ۾ار آهيان. سڌو ڪاليج مان آيو آهيان ڪجهه ڏندو ڪرڻ چاهيان ٿو پر ڪوبه ڪڏهن ڪيو نه اٿم. منجهيل آهيان. ڪنهن جوتشي جي تلاش ۾ آهيان. متان هو هٿ ڏسي ڪجهه ٻڌائي سگهي. هن يڪدم ڇيو ها منهنجو مامو جوتشي آهي. سياڻي صبح جو ئي هل مان توکي جمنا ڪناري پرسان هن سان گڏجايان ٿي.

صبح جو مندر جي پٺئين پاسي جتان جمنا جي ٻئي ڪناري پيڙي ۾ وڃي گهمبو آهي هوءَ مقرر ڪيل وقت تي ڏاڪڻ جي پرسان بيٺي هئي. هوءَ جمنا ڪناري هلندي رهي ۽ مان هن جي پٺيان هلندو رهيس. آخر هن جي مامي جو گهر آيو. ”ماما هي اسان جو مسواڙي آهي اوهان کي هٿ ڏيکارڻ ٿو چاهي. ويچارو منجهيل آهي.“

مٿي تي ٽوپي. نرڙ تي ڪيترائي تلڪ ڏوتيءَ ۾، برابر جوتشي پي لڳو. هن ساڄو هٿ، پنهنجي هٿ ۾ جهلي هٿ جون لڪيرون ڏٺائين

جاچي رهيو هو. هٿ جا آسا پاسا بہ جاچيندي آخر ڇيو ڳرهن جو هڪ ٻئي ۾ ٽڪر آهي. ان ڪري اوهان جو ڪم سولو ٿي ٿئي. ”اوهان جلد کنهن برجو اسيءَ سان گڏ پائيو اري ڪندا ۽ مٿرا ۾ ئي ياترين لاءِ ڏنڊو ڪندا.“

راڌا سان گڏ موٽندي مون پڇيو جمنا جي هن پار ڏسڻ لاءِ ڇا آهي؟

”هلندا، اچو مان توهان کي ٻيڙي ۾ وٺي ٿي هلان، مان بہ ڪيترن ڏينهن کان هن پار نہ وئي آهيان!“

■■■

# ڪئناڊا مان ٿي فون.....

پهريون فون: ”ممي ڪيئن آهين؟ گهر ۾ سڀ ٺيڪ آهن. تنهنجي ڏاڏي ٿي ياد اچي، ڪيترو وقت ٿيو آهي تنهنجو چهرو ئي نہ ڏٺو آهي. ڪئناڊا ڪڏهن ٿي اچين؟ ٻن هفتن بعد بيبيءَ جو اسڪول بند ٿيڻ وارو آهي. اسين سوچيون ٿا ائمريڪا گهمڻ وڃون... تو تہ اڳہ ائمريڪا ڏٺي آهي. بيبيءَ کي اوڏانهن وٺي وڃڻ اجايو آهي. هڪ تہ هوءَ ڪاجهہ سمجهندي ڪانہ ۽ خرچ بہ هيترو سارو اجايو ٿيندو. اسان ايل.اي (لاس ائنجلس) ۾ نائيٽ لائيف ڏسڻ ٿا چاهيون، اُتي بيبيءَ کي ڪيئن وٺي وڃون. اُتي جون نائيٽ ڪلبون بہ ڏسڻ جهڙيون آهن، تون اڪيلي اچجانءِ پپا کي نہ وٺي اچجانءِ. اجايو هر ڳالهہ تي پيو اسان کي چوندو. توکي بہ نہ ڇڏيندو. ٽڪيٽ ڪڏهن موڪليان؟ هو چوندو ويو پر شانتي چپ رهي، ڇڻ هن جا گفتا ٻڌندي اَشانتيءَ ۾ اچي ويئي.

”پٽ، توکي خبر آهي تہ منهنجي طبعيت هاڻي ٺيڪ نٿي رهي. ڪڏهن اڪہ ساڄي ٿي پوي تہ ڪڏهن اکہ ننڍي ٿي ٿي وڃي تہ ڪڏهن

گوڏن جي سور ۾ پنڌ ڪري نٿي سگهان. هيءُ به ٺيڪ نٿو رهي، سچو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ٽينشن ۾ آهي... ڊائبيٽيز به وڌيل اٿس... ڪيترا دفعا ته گوريون به وٺڻ وسري ٿيون وڃنس. ڪيترائي پيرا مان ئي گوريون ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي هن جي پٺيان گهمندي آهيان. هن کي ڇڏي ڪيئن اچان؟''

''ڪمال آهي سريشءَ سرلا جو اُتي آهن، هو پاڻهي سنڀاليندس ۽ دوائون ڏيندس.'' پٽس جواب ڏنو ۽ فون ڪٽجي ويو.

پيو فون:'' هاءِ ممي! اسان فيصلو ڪيو آهي ته هت ڪئناڊا ۾ هڪ جاءِ خريد ڪيون. هيئن ڪيترو وقت مسواڙ تي رهنداسين. وديش ۾ پنهنجي جاءِ هوندي ته سڀ شاهوڪار به سڏيندا ۽ پنهنجن مائٽن ۾ ڪالر اَپ به ٿيندو توکي به ماڻهو وڏي پاڳن پري چوندا.. مون سوچيو آهي ته مان ڏهه لک بئنڪ کان قرض کڻندس، ڏهه لک ڪملا قرض کڻندي ۽ باقي ويهن لکن مان ڏهه پپا پنهنجو دڪان وڪڻي مون کي ڏئي سگهي ٿو ۽ هڪ دفعو تو چيو هو ته تو وٽ اٽڪل ڏهن لکن جا زيورات آهن اُهي به تون حال وڪڻي ، رقم مونکي ڏئي سگهين ٿي ۽ جيئن مان وديشءِ سيٽل ٿي ويندس.. هونءَ ته جيڪر اوهان مون کي پنهنجي گڏ ڪيل يا ٺاهيل ملڪيت جو حصو ڏيندا.. اها آئيڊيا ڪملا ڪيي آهي ۽ مون کي ڏاڍي سٺي لڳي، ان ڪري فون ڪيو اٿم. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ مون هت جاءِ به ڏٺي آهي صرف تون 'ها' ڪرين ته ٿوري رقم ڏئي مهني کن جو وقت وٺي سگهندس. ائين تون پپا کي به بنائڻ ۾ هوشيار آهين. ڪنهن نموني مڃائي وٺينس، پوءِ پل بئي گهمڻ لاءِ پنهنجي جاءِ ۾ رهڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن هليا اچو.. مان آرتوار ڏينهن توکي فون ڪندس....باءِ''

ٽيون فون: ''هاءِ ممي! هن سال پل تون نه اچ. بيبي به اسڪول جي شاگردن ۽ ماسترن سان گڏ يورپ گهمڻ ٿي وڃي. اسان ڇا ڪريون، اجا ته ڪو فيصلو نه ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو انهن ڏينهن ۾ ئي اوترا

ڏينهن ئي! اسين به آمريڪا هليا وڃون. هونءَ به جي اوهان رقم موڪلي جاءِ وٺندس، ان ويل ان پنهنجي جاءِ ۾، وهڻ لاءِ اوهان هليا اچجو.. مون هڪ دوست کي چئي ڇڏيو آهي، هوُ اوهان جي پرسان ئي رهندو آهي. جي اوهان هن کي پئسا ڏيندا ته هن جي ڀاءُ ڪان مان هت روپيا وٺندس ۽ ائين منهنجي جاءِ به هت ٺهي پوندي، مان سمجهان ٿو ته هڪ هفتو اوهان کي ڪافي آهي. ان وچ ۾ تون زيور به وڪڻي سگهندينءَ ۽ پيا دڪان به دلال جي معرفت وڪڻي سگهندو، پر ڏينهن ڪان پوءِ وري فون ڪندوسانءِ ۽ اُميد آهي ته تون ضرور 'ها' چوندينءَ ڪملا کي به پڪ آهي ته تون اهو ڪم ضرور ڪندينءَ. چڱو باءِ باءِ..."

■ ■ ■

# سُپاڙي ڇا ٿيندو؟

”پر مان ڪيڏانهن وڃان؟ تون ئي ته منهنجو هڪ ئي سڪيلڌو پٽ آهين!“ ٧٠ سالن جي ماءُ روئندي چيو.

”بس، تنهنجي ڪنڌ ڪنڌ مونکان سٺي نٿي وڃي...“

”پر، مان توهانکي ڇا ٿي ڪريان؟ گهر جو سڀ ڪم ڪريان، رنڌڻو سنڀاليان. اوهانجي ننڍي ڌيءُ کي به سنڀاليان، پيو ڀلا ڇا ڪريان؟ مون توهانجي زور ڀرڻ تي پنهنجي گهوٽ جو ورتل فلئٽ به وڪڻي ڇڏيو. مون اوهانجي اڳيان ڪيڏو ٻاڏايو ته اهو فلئٽ نه وڪڻو، اُتي مان هري ويئي آهيان، آس پاس ۾ سڀ مونکي سڃاڻن. مٽن مائٽن ۾ وڃي، پنهنجي من کي ڪي ٺاهي ايندي هئس، شام جو ڪتا به ٻڌڻ هلي ويندي هئس، منهنجو من وندريو پيو هوندوهو . پر اُها جاءِ وڪڻي اوهان هت نئي ممبئيءَ ۾ اچي فلئٽ ورتو آهي، سو به ننڍو، مان بالڪنيءَ ۾ ٿي سمهان، اُتي مونکي پنهنجو ڪمرو هو، بالڪني ڍڪائي اٿو ته ڇا ٿيو،

اڌ رات جو مونکي باٿروم وڃڻو هجي ته ڇا ڪريان؟ فليٽ وڪڻي لکين روپيه پاسيرا ڪيا اٿو ۽ هاڻ ماڳهين ئي گهر مان ڪيڻ ٿا چاهيو.. منهنجي نظرداري، منهنجي پڪائي، توهانکي نٿي وڻي، پر مان ته پاڻ مٿان پائي به نٿي خرچيان. اُهي ئي ٿن سالن جون جهونيون ساڙهيون ٿي پايان.. اُن هوندي به...''

هيمي اوڇنگارون ڏيندي روئندي رهي. هيمي بدن ۾ پريل هئي ۽ سندس گهوٽ سنهو هو. جڏهن هيميءَ جي شادي ٿي ته هوءَ گهوٽ کان ٽي سال وڏي هئي. پر وڏن جيڪو فيصلو ڪيو، سو هن قبول ڪيو.

وطن جو ورهاڱو ٿيو ته هو به پنهنجي زمين ڇڏي ممبئيءَ هلي آيا. ڪئين سال ته هنن کي ٻار نه پئي ٿيو. پئي هر مندر ۽ هر آشرم ۾، ڪيترن ئي سنتن وٽ وڃي، باسون باسيندا هئا. آخر ويهن سالن کانپوءِ پٽ ڄائو. اڄ پٽس ٢٥ سالن جو ٿي ويو آهي. گهوٽس ١٠ سال اڳ گذاري ويو. هيمي روئي-رڙي، پٽ کي وڏو ڪيو، پڙهايو ۽ شادي ڪرائي.

اڄ هنجو سڪيلڊو پٽ ماءُ سان رهڻ جي لاءِ تيار ڪونهي. هيميءَ کي سندس گهٽگهرن گهڻو ئي سمجهايو هو ته اُهو فليٽ وڪڻي يا باقي ٻچيل لکين **وياج** تي وٽ رکي، پر سندس پٽ ۽ نونهن حرفت سان هيميءَ کي بنائي ويا! چي، ''اسين تنهنجا ئي ته ٻار آهيون... بئنڪ جي روڪڙ مان ڇا ٿيندو؟ نئي ممبئي ۾ هڪ دڪان يا آفيس وٺي ڌنڌو ڪنداسين.''

نوڪري ڪرڻ واري کي ڌنڌي جي ڪهڙي ڪل؟ في الحال ته روپيه پٽس وٽ ئي رهجي ويا.. به سال ٿي ويا آهن، هو ڪوبه ڌنڌو شروع ڪري نه سگهيو آهي. هيمي پنهنجي پٽ جي موهه ۾ هنن جو سڀ ڪجهه مڃيندي ويئي ۽ خود خالي ٿي ويئي.. بئنڪ به خالي... سڀ ڏوڪڙ، پٽس آهستي آهستي هن کان ڦريندو ويو. هاڻ، جڏهن فليٽ به سندس نالي آهي، ٽي.وي، اسڪوٽر ۽ گهر جون سڀ شيون ماءُ جي پئسن مان وٺندو ويو ۽ هاڻ ماڻس جو چوڻ ڪيس ڪنڊ ڪنڊ ٿي لڳي.

صبح گذري ويو ، سانجهي ٿي وئي هئي. هيمي روئي روئي ڇڏي

رهي هئي. چي، ”توهان مونکي ڪيڻ جي لاءِ آتا آهيو تہ مونکي پيو هڪ ننيو فلئٽ ڪٽي وٺي ڏيو ۽ هر مهني مونکي خرچ پهچايو. مان وڃڻ جي لاءِ تيار آهيان. پوءِ مان چاٽان ۽ منهنجو نصيب چاٽي. اوهان پنهنجي زندگي جيئن جيئڻ چاهيو تيئن جيئو.“

ان ڏنڌال ۾ هيميءَ جي پوٽي جاڳي پيئي. ڏاڏيءَ کي روئندو ڏسي چوڻ لڳي تہ، ”منهنجي ڏاڏيءَ کي ڇو ٿا ماريو؟“ ۽ پوءِ هوءَ روئي ڪري، ڏاڏيءَ جي هنج ۾ هلي ويئي. اڄ اهو جهڳڙو ٽري ويو.

هيمي پنهنجي پوٽيءَ کي کڻي ڪمري مان ٻاهر بالڪنيءَ ۾ پنهنجي بستري تي هلي ويئي. پر اڌ رات تائين جاڳندي رهي ۽ خوف جي ارد گرد هوءَ سوچي رهي هئي تہ سياڻي ڇا ٿيندو؟ هوءَ ڪيڏانهن ويندي؟ ڪو مٽ مائٽ وچ ۾ پئي پٽس کان پئسا واپس وٺي ڏيئي سگهندو تہ جيئن هوءَ الڳ ڪو ٺڪاڻو ٺاهي، باقي زندگي اڪيلي گذاري سگهي. هوءَ سوچي رهي هئي، جي هوءَ موهہ ۾ نہ ڦاسي، ڪجهہ الڳ رقم پاڻ وٽ رکي ها تہ هوءَ وياج ڪمائي ئي جيون گذاري سگهي ها. هاڻي، جي سياڻي ائين نہ ٿي سگهيو تہ هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن گهر ۾ وڃي ٻين جا ٻار پاليندي ۽ گهر وارن جي لاءِ ڪاڌو رڌيندي، اهو فيصلو ڪري، هوءَ سمهي پيئي....

■■■

# بنا عنوان ڪهاڻيون

(١)

”مان پاڪستان کان آئي آهيان، اوهانجي ٽائيمس ۾ ٽائيپسٽ جي جاءِ خالي آهي، انلاءِ آئي آهيان.“

مون هنڪي ڪرسيءَ تي ويهاريو. هوءَ بُرقي ۾ سڄي ڍڪيل هئي. صرف سندس منهن جو ٿورو حصو ڏسڻ ۾ پئي آيو. نالو زينت ٻڌايو هئائين. هوءَ هرروز وقت سر آفيس ۾ ڪم ڪرڻ ايندي هئي. پر ڪڏهن بہ مون هنڪي برقو مٿي ڪندي نہ ڏٺو. آخر ڪاجهہ مهنن ڪانپوءِ ٻڄي ٻڄي هنڪي چئي ڏنم، ”ٻاهر رستي تي برقي ۾ تون رهين ٿي، اهو شايد اوهانجي مذهب جي تقاضا آهي، پر آفيس ۾ ڪم ڪندي يا ڪئبن ۾ اندر هوندي، تون ائين برقي ۾ ڇو ٿي رهين؟ اهڙي حسين آهين ڇا، جو توکي ڪنهنجي نظر لڳي ويندي؟ ڪڏهن تہ گهونگهٽ هٽاءِ!“ ٻئي ڏينهن وري مون دهرايو. ٽئين ڏينهن بہ ساڳي ڳالهہ چيم. چوٿئين ڏينهن مان آفيس ۾ گهڙيس. ايندي ئي هن برقو تيزيءَ سان مٿي ڪيو ۽ مان ڪيس ڏسندي ئي دنگ رهجي ويس. هنجي سڄي بدن تي چٽيءَ جا نشان هئا. پاڇڻ تي هن ٻڌايو، ”مان انهن نشانن کي مٽائڻ جي دوا

ڪرڻ لاءِ پاڪستان کان آئي آهيان، پر هن مان ڇوڪرو ملڻ جي لاءِ گهٽيئي مهنا ڪپن. پر مونکي هت رهڻ جي لاءِ وڌيڪ وقت جي ويزا نٿي ملي.“

(۲)

هيءُ پهريون دفعو هو، جو مون هنکي انبومان گڏ هلڻ کان ناڪار ڪئي هئي. انلاءِ، مون وٽ ڀي سبب هئا، هڪ ته اهو پيٽ، مون اڳي ڏٺو هو. دنيا جا بهترين بيلچز اُتي آهن. بلو رنگ ۽ جهڪي سائي رنگ جو پاڻي ۽ سمنڊ ۾ گهڙڻ سان، پنهنجون ٽنگون به صاف ڏسڻ ۾ ايندڍيون آهن ۽ اُتي جو خاص اُهو قلعو، جنهن ۾ انگريز هندستانين کي ڪيئن ڦاسي ڏيندا هئا ۽ ڪيئن ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ اُهي مردا سرير سمنڊ ۾ ڪري پوندا هئا ۽ ساڳين تاريخن تي ڪورٽ ۾ ڪيس به هلندڙ هوندا هئا..

هڪ ٻي ساهيڙيءَ سان هوءَ اوڏانهن ويئي. ۲۴ ڊسمبر تي بيلچ تي سنان ڪندي، سنامي ڇوليءَ جي لپيٽ ۾ ٻئي ساهيڙيون گهلجي ويئون، اجا تائين هنن جي خبر نه ملي آهي ته هو ڪٿي آهن؟ جي ناهن ته سندن لاش به نه سڃاتا ويا آهن.

(۳)

هيءَ ڪهڙي دنيا آهي، ڪڏهن ڪڏهن مان خود منجهي پوندو آهيان. تو چيو، ”منهنجي فئملي ڊاڪٽر جي ڌيءَ کي ڪاليج ۾ ائڊميشن نٿي ملي، هو غير سنڌي آهي ۽ مارڪون به گهٽ اٿس. تون مونکي ڪيئن به ٽرسٽين جي ڪوٽا مان اها وٺي ڏي، جنهن لاءِ مان ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ مون توکي بلڪل صاف ٻڌايو ته، ”اهڙي ائڊميشن صرف هڪ لک رپيا خرچڻ سان ملندي آهي ۽ اهو منهنجي وس کان ٻاهر آهي.“ پر تو جڻ لاڳيتو بک هڙتال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ۽ مون پنهنجا سڀ حيلا هلايا ۽ توکي ڪن ٽرسٽين معرفت هيڏي وڏي مهرباني ڪٽي، اُن ڇوڪريءَ جي لاءِ اها ائڊميشن وٺي ڏني.

پر ڪجهه مهنن کانپوءِ خبر پئي ته تو ڪنهنجي زور ڀرڻ تي اها ائڊميشن ورتي هئي، جا سچ ته هڪ لک روپين ۾ اُن ڊاڪٽر کي وڪي ويئي هئي ۽ جنهن ۾ تنهنجو الاجي گهڻو حصو هو؟ ■■■

# خدا جو گهر

جڏهن اسين اڌ صدي کان پوءِ ويزا ملڻ تي، سنڌ گهمڻ ويا هئاسون، ۽ سچل سرمست جي درگاه جي گادي نشين جا مهمان هئاسون ۽ هو ئي سچي سنڌ، جتي جتي جي ويزا هئي، گهمڻ لاءِ گڏ هئا ۽ لڳ ڀڳ سڀ مندرن ۽ درگاهن تي سجدو ڪيوسي.

مقرر ڪيل ڏينهن تي اسان کي صبح ساڻ درازن کان راڻيپور پنهنجي حويلي ڏيکارڻ لاءِ وٺي آيا هئا. وڏي پيجرو موٽر ڪار ۾ هو اڳيان ڊرائيور سان گڏ وهندا هئا ۽ اسان ٻنهي پاروءَ ۽ مونکي وچ واري سيٽ ڏئي ڇڏيندا هئا. جيئن وڏي مسافريءَ ۾ به ٿڪ نہ ٿئي، ۽ پٺيان ٻہ سپاهي خاڪي يونيفارم ۾، بندوقن سان ڀي هلندا هئا. ائين ڇت ڪليل هئي ۽ موٽر جي مٿان ٻاڙهي بتي هميشہ ڦرندي رهندي هئي، ان ڪري ان موٽر کي آمدرفت ۾ ڪٿي بہ روڪيو نہ ويندو هو ۽ هميشہ ان کي پاسو ڏئي، وچڻ ڏنو ويندو هو. اهڙي شاهاڻي شان سان اسين راڻيپور حويلي جي ٻاهران پهتاسين، پر جيئن تہ پٺيان بہ هاڻ روڊ ٺهيل هو، جتي ورهاڱي

ڪان اڳ ۾ ان حويلي، جي هن طرف ٻني هوندي هئي. چڱا ڏاڪا مٿي چڙهي آياسين، ساڄي پاسي ڦرون ها تہ سڌو پنهنجي چڙهي آيل حويلي ۾ پهچون ها جتي هينئر سچل هاسٽل آهي. چون ٿا اُتي پهرين سچل ڪاليج هو، ۽ ڏائي پاسي ڦرڻ سان اسين ان دروازي جي ٻاهران پهتاسين، جتي دروازي جي ٻاهران بورڊ لڳو هو 'خدا جو گهر' مون جاچي ڏٺو، اها تہ اسان جي اڳ ۾ اوطاق هئي.

دروازي کي کوليم، خالي وڏو ڪمرو هو، اتي ڪوبہ ساهوارو نظر نہ آيو ۽ نہ ئي وري پاڻ خدا يا هنجي تصوير! ان ڪري ئي شايد خدا سان ملڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. چيائون، اتي نماز پڙهڻ لاءِ ماڻهو ڪٺا ٿيندا آهن باقي سڄو هال، پٽر سڄو ڏينهن خالي هوندو آهي.

اهو خدا جو گهر ڪنهن وقت اسانجي حويلي پرسان اوطاق هوندي هئي. جنهن جي پٽر ۾ ١٠٠ کن ڪٽولا پوندا هئا، جيڪا اوطاق ٻاهران آيل ماڃين کي بہ شاديءَ جي موقعي تي ڏني ويندي هئي. ٻہ وڏا ڪمرا بہ ٺهيل هئا، جيڪي زالن ۽ مردن کي الڳ الڳ ڪم ايندا هئا ۽ انهن جي ڪمرن جي ڪنڊ ۾ هڪڙو بهرو ٺهيل هوندو هو، جتي ڪٽڪ ۽ چانورن جون ڳوٽيون يعني سال پر لاءِ رکي سگهبيون هيون ۽ ڪڏهن جڏهن روڪ نوٽ يا سڪا وڌي ويندا هئا ۽ چورن کان بچڻ لاءِ، اهي نوٽ-سڪا ٻاچڪي ۾ پري، انهن ڳوٽين جي وچ ۾ رکي ڇڏبا هئا.

ان اوطاق ۾ منهنجو ڏاڏو، ڳوٺ جي مسئلن کي سلجهائڻ لاءِ هرروز، شام جو سين سان گڏجندو هو ۽ جڏهن هن کي ٿوٿر جي بيماري ٿي پئي هئي ۽ حڪيمن کيس اٺڙين جو کير پيئڻ لاءِ چيو هو ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ جن وٽ اُٺڙيون هونديون هيون، اهي سڄڻ پنهنجو پاڻ اُٺڙين کي وٺي، اوطاق ٻاهران اچي بيهاريندا هئا ڇو تہ اُٺڙين جو تازو کير پيئڻ لاءِ حڪيمن چيو هو، ۽ ڳوٺاڻا آتا هوندا هئا تہ سندن اُٺڙيءَ جو کير پيي ڳوٺ جو مکي چاڪ ٿي وڃي.

ان اوطاق جو در ٻاهران روڊ تان تہ هئو ئي پر اوطاق ۾ رهڻ واري

حويلي جي وچ واري پٽ ۾ به هوندو هو. يعني ساري گهٽي ائين ڳنڍيل هئي، جو هڪ پاسي ڊرمائو دو اخانو ڪليل هو، جتي ساڃي ڳوٺ ڪي مفت دوائون ڏنيون وينديون هيون ۽ ان بعد اوطاق، پوءِ ايڏي وڏي حويلي، جنهن جي پٽر ۾ به هڪ سو ڪٽون پئاجي سگهنديون هيون، ٻارهان ڪمرا ۽ وڏي لانيي، جا سامان سان سٿي پئي هوندي هئي.

جنهن مٿان راند ڪرڻ لاءِ ڪڏ، لانيي ۾ شادي ۾ گهربل ديگيون، ٿالهيون، ڪٽورا، گلاس سڀ سون ۾ موجود هئا. ڳوٺ ۾ ڪنهن جي به هندو يا مسلمان جي شادي معني سارو سامان ڪين اتان مفت ملندو هو.

جئن ئي ان ’خدا جي گهر‘ جو دروازو پيڪڙي، حويلي طرف هلڻ لڳس ۽ لانيي ۾ وٺان لنگهيس چڻ ڪو آواز آيو ’ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ لانيي ۾ نٿو اچين...‘ اهو آواز مائي خاتون جو هو ’مون توکي هناج ۾ ويهي، ڳٽيون ڪري ڪارايو... لوليون ڏئي ننڍون ڪرايون...‘ تون پاڃي، لانيءَ ۾ اچي لڪي وهندو هئين. رات جو ننڊ نه ايندي هئي ته مان ڪلهي تي رکي توکي گهمائيندي هيس ۽ توکي ٿڦڪيون هڻندي مونکي به ننڊ اچي ويندي هئي ۽ مان به تو ساڻ گڏ سمهي پوندي هيس، مون کي پڪ هئي، هڪ ڏينهن تون ضرور ايندين...‘

ائين پيي لڳو، هر ڪمري مان، الماڙين مان ڪي آواز پيي آيا، وسري ويل داستان ياد اچڻ لڳا اهي ٻالپڻ ۾ ڪيل شرارتون، هڪ هڪ گويا سامهون ناچڻ لڳون.

پر ٻاهران موٽر ۾ سڀ ويهاجي ويا هئا ۽ منهناجي اچڻ جي انتظار ۾ هئا.....

موٽر هالاٽي دربار ڏانهن هلڻ لڳي پر منهنجو من ان خدا جي گهر ۾ ڀٽڪندو رهيو ۽ ماضيءَ جي پلن ڪي ياد ڪندو رهيو....

مون به اهو ئي ٿي چاهيو. هن پار پهاچندي ڏئم وڻ هئا، پوٽا هئا، باقي مٽيءَ جا ننڍا ننڍا ڍير پيا هئا. پر ماڻهو شرڌا سان هن پاسي ايندا ئي رهيا. ڇو ته هتي ڪنهن وقت بانڪي بهاري ان زمين تي راس رچائي

هئي. هوءَ زمين تي ويهي رهي مان بہ ويهي رهيس. اچانڪ هن جو ڪو مائٽ اتان اچي لنگهيو ۽ هن کي مون سان ويٺل ڏسي سوالن مٿان سوال هن کي سڌي پڇڻ لڳو. ٿوري دير بعد هو هنکي پاڻ سان گڏ وٺي هليو ويو ۽ مان ساڳي واٽ وٺي واپس گهر آيس.

ٻئي ڏينهن ڪان ان بلڊنگ جي وايو منڊل ۾ تناءُ اچي ويو هو مالڪ مڪان جي گهر مان ڪنهن کي بہ ٻاهر بازار ۾ ويندو نہ ڏٺم هونءَ تہ مان سندن ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏيندو هوس، پر هاڻ ان گهر جي چرپر تي جاچ رکي رهيو هوس.

ٻئي ڏينهن مالڪ مڪان منهنجي سوُٽن وٽ آيو ۽ گهر خالي ڪرڻ لاءِ چئي ويو. هن گهر خالي ڪرڻ لاءِ چو چيو منهنجي سوُٽن ڪانئس سبب پڇيو پر في الحال ڪو جواب نہ ڏنو ۽ منهنجي سوُٽن ”ٻئي گهر جي تلاش ڪيون“ ۽ ائين چئي حال ڳالهہ کي پتايو. پر مالڪ مڪان مونکي ان سبب ٻڌائي ۽ مائٽن جي اڳيان بنا ڪنهن سبب ڏٺو ٿيان تہ، مان ٻئي ڏينهن ئي مٿرا ڇڏي، ممبئي هليو آيس. ٽرين لاءِ نڪرڻ وقت منهنجي سوُٽ جي زال تلسيءَ مون کي هڪ هندي ۾ لکيل خط ڏنو، جيڪو مون ٽرين ۾ اچي پڙهيو.

منهنجي دل جا مالڪ!

مان پنهنجي پيار کي اظهاري نہ سگهيس. سچ اهو آهي مان هن ڪٽنب ۾ ٻڌيل آهيان. مون کي آزادي کپندي هئي. ڪاجهہ بہ چوڻ لاءِ آزادي. مون تو ڏي نهاريو مون کي پڪ هئي. تو سان رهندي منهنجون سڀ تمنائون پوريون ٿينديون. پر همٿ ڪري تو منهنجو هٿ نہ پڪڙيو. الاجي ڪهڙي ٻپ ڪان تو نہ اپنايو ۽ ماڳهہ حالتن کي منهن ڏيڻ بدران پٺي هليو ٿو وڃين. (تنهنجي راڌا-مٿرا)

■■■

# ليپو

پيڪ گرمکداس جو پتا سنڌ ۾ زميندار هو، اهائي ڏي ڪنيو، پارت ۾ هو ورهاڱي وقت لڏي آيو هو. هنن پنهنجي ملڪيت ڪنهن نموني ممبئي ۾ پهچائي ڇڏي هئي. سندن ڪيترائي شڪارپوري سيٺيون واقف هئا. جيڪي اڳ ئي ممبئي ۾ پيڍيون هلائيندا هئا.

گرمکداس سياڻو ۽ سمجهو هو. ڪڏهن به اجايو خرچ نه ڪندو هو. مشڪل سان لاچار ٽئڪسي تي خرچ ڪيو هوندائين. باقي ساري عمر ٽرين ۽ بس ۾ آخر تائين چڙهندو رهيو. هن شادي نه ڪئي هئي، جنهن جو سبب پڇاڙيءَ تائين ڪنهن کي نه ٻڌايائين. هو ديش ڀڳت هو. آزادي جي ڏينهن تي سندس گهر تي ٽرنگو جهنڊو ضرور لڳو ڏسبو هو. هو آشاوادي ته هو ئي پر آدرشوادي به هو. ڪمائي سٺي هئس. ان ڪري غريبن جي شيوا لاءِ، آيرويدڪ دواخانو، پنهنجي خرچ تي ترمائو ڪري هلائيندو هو، جنهن مان ڪيترائي فائدو وٺندا هئا.

هڪ ڏينهن ڪلياڻ مان موٽندي ٽرين روڪجندي، پليٽفارم تي ڪري پيو

۾ ٿنگرن ۾ فرئڪچر ٿي پيس. پٿو چڙهڻ ڪري هو ڏيڍ مهنو ڪن گهر ۾ ئي ليٽيل هو. ان اڪيلائي هن کي تڪڙي تڪڙي زندگي کي روڪي ڇڏيو ۽ هو وصيت لکڻ لاءِ سوچڻ لڳو. اندر ئي اندر ۾ هن پنهنجي ملڪيت، فليٽن بابت حساب لڳڻ شروع ڪيو. هو اڪيلو هو، هن ڪنهن سبب شادي نه ڪئي هئي. ان ڪري به پنهنجو اولاد نه هوس. رقم ميڙڻ لاءِ انسان هميشه تيار آهي. پر ميڙيل رقم ورهائڻ لاءِ ڪيس وڏي همت گڏ ڪرڻي ٿي پوي.

هن جي نالي ٿي فليٽس هيون، هڪ ۾ هن جو ترمائو دو اخانو هلندو هو. ٻيءَ ۾ هو پاڻ رهندو هو ۽ ٽين پنهنجي ڪنهن مائٽياڻيءَ کي رهڻ لاءِ ڏني هئائين.

بستري تي ليٽيل هو، سوچي رهيو هو جي هو گومتيءَ سان شادي ڪري ها ته ضرور سندن ڪو اولاد هجي ها، جي ماڳهه هڪ يا ٻه پٽ ڄمن ها ته جيڪر، هيتري ساري رقم هنن جي نالي ڪري ڇڏي ها. اولاد جو موهه ڪيس منجهڻ ئي نه ڏئي ها. پر گومتي گڏيل ڪٽنب ۾ نه رهندي، جا ڳالهه ماڃڻ ڀيڪ گرمڪداس لاءِ ان وقت به ڏکي هئي. هاڻ هو ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لڳو. ڪهڙو ڀاءُ ڪيس وڌيڪ ڀائيندو آهي. ڪهڙي ڀائٽي هن جو وڌيڪ خيال ڪندو آهي، ڪهڙو ڀائيندو. سندس هيتري ساري، ملڪيت سنڀالي سگهندو؟

سوچيندي سوچيندي آخر هن پنهنجي وصيت لکي ڇڏي، جنهن کي پنهنجي ٻن وڪيلن کان شاهدي جي صحيح ورتي. هن کي پڪ هئي ته جيڪا وصيت هن لکي آهي. سا برابر آهي، ان جو اصل ڪو به ناجائز فائدو نه وٺي، هن جي من جي ڳالهه سمجهندو پر ائين ٿيو ڪونه.

هن ديش پريمي جي وڃڻ کانپوءِ، هن جهان ڇڏڻ کانپوءِ اچانڪ مليل رقم جو دُرپيوگ ٿيڻ لڳو. جن سندس شيوا ڪئي يا سندس ياد کي قائم ڪرڻ جي جن کي اُون هئي، انهن کي ڪجهه به نه مليو هو.

هڪ فليٽ، ٻي فليٽ ۽ گهڻي ساري رقم، هڪ ڀائٽي جي نالي ڪري ويو هو، جنهن پنهنجي فليٽ کي سينگارڻ لاءِ ڏهه لک رپيا خرچي ڇڏيا، هڪ نئين موٽر وٺي ڇڏي، خوب رقم لٽڻ ۾ هن جو چاهه ٿي پيو. جنهن هيتري ڪفايت ڪندي موري ٺاهي هئي ان کي ڪيتري نه سولي نموني

لٽي رهيو هو. ٻي فليٽ ٻہ هن جي ناني ئي وصيت ۾ ڏنل هئي، جنهن کي جلد وڪڻي، رقم پاڻ وٽ رکڻ ٿي چاهي. بس صرف سندس وڏو ٻا مائيٽائي فليٽ مان اُٿي. ٽئين فليٽ، جنهن ۾ سالن کان ڏرمائو دواخانو هلندو هو، ان کي بند ڪيو ويو. دوائن جون شيشيون ٻاهر اُڇلايون ويون. ڪيس پيپر ڦاڙي ڦٽا ڪيا ويا. جهونيون ڪرسيون ۽ ٽيبل ڪڍيا ويا. فليٽ کي نئون رنگ ڏنو ويو. دروازن کي پالش ڪرائي وئي. ناني جي بورڊ تي نئون نالو لکيو ويو. يعني اصلي مالڪ جو ڪٿي بہ نالو نہ رهيو. هن جا گهر ۾ وڏڙن جا ٽنگيل فوٽو بہ لاٿا ويا ۽ خاص دواخاني جو اڪريل نالي واري ٽڪنڊي بورڊ تي ليپو پاتل هو. يعني هن جي سڄي آدرشن کي هن جي سڄن آشائن کي ليپو پاتو ويو هو.

اڃان اهو نظارو پورو ئي نہ ٿيو هو تہ هڪ اڇن وارن واري عورت گهر ۾ گهڙي آئي ۽ چيائين 'مان گومتي آهيان، جبلپور مان آئي آهيان. ٻيڳ منهنجي ناني هڪ فليٽ ۽ پنج لک وصيت ۾ لکي ويو آهي، جئن مان ان فليٽ ۾ اچي رهان باقي زندگي گذاري سگهان. اها وصيت ڪوليو. هو مون کي ائين ٻڌائي ويو آهي.'

■■■

# منهنجي پاسي

’اڌ‘ رات ته واهه جو ٿي هوندي، هڪ وڏي ڪمري ۾، ڊبل بيڊ تي هڪ وڏي عمر وارو شخص سمهيو پيو آهي، هن ڪڏهن به پاڻ کي پڃن جي قطار ۾ حال نه آندو هو.

هو پلنگ جي هڪ پاسي سڌو سنواڻو ٿي سمهيو پيو آهي، پئسيج ۾ ٻريل بتي جي روشني ۾ هو چڱي طرح ڏسڻ ۾ پئي آيو.

هن جي وڏي عمر واري هم ساٿڻ، پلنگ جي ٻئي پاسي ٿيندي، ڪيس پنهنجي پاسي ڇڪي ٿي ۽ ’منهنجي پاسي... منهنجي پاسي‘ چوندي، هن کي پلنگ جي پاسي کان وچ پلنگ تائين گهلي آئي، هن ننڊ ۾ سمهيل ساٿي جي چهري تي هٿ گهمائيندي ڇڪي، چميون ڏيندي رهي چٽيندي رهي ۽ دٻيل آواز ۾ چوندي رهي ”تو ۾ منهنجو ساهه آهي توکي ڪجهه به ٿئي ٿو ته مان پاڳل ٿي ٿي پوان، توکي مون ڪڏهن به بيمار ڏسڻ نه چاهيو آهي.. توکي هيترو ڪمزور ڏسي مان تنهنجي پنيان ئي ٿي ڦرڻ چاهيان. سچ توکي ڪنهنجي نظر لڳي وئي آهي، نه ته توکي جڏهن ڪجهه هو به نه ڪا جسماني شڪايت ئي نه هئي ٻارن وانگر پيو هتان ۽

هتان پيو فون ڪندو هئين.“ هيترو وڏو دل جو آپريشن تو تي ڪيئن مڙهجي ويو. ياد اٿئي هڪ ڏينهن اچانڪ توکي الاجي ڇو بخار ٿي پيو ۽ تون هن ئي پلنگ تان هڪ پاسي اُٿندي، پيرن ۽ ٽنگن جو بئلنس سنڀالي نہ سگهئين ۽ ڦان ڪري زمين تي ڦهڪو ڪائي ڪري پئين، تنهنجو مٿو ’ٺا‘ ڪري زمين تي وڃي لڳو ۽ ڳوڙهي ٿي پئي هئي، ان گهڙيءَ کي مان وساري نٿي سگهان ۽ نہ ڪو پاڻ کي معاف ڪيو اٿم. تڏهن کان مان هميشہ پلنگ جي ڀني تي نہ پر پنهنجي پاسي سمهارڻ چاهيندي آهيان. تون باٿ روم لاءِ اٿئين ٿو تہ تنهنجي اُٿڻ جي آهٽ پنيان هلي ٿي اچان.

منهنجي پاسي هاجڻ سان توکي ڪو جوکو ڪونهي. تنهنجي آپريشن کي هاڻ ٽي مهنا ٿي ويا آهن، تنهنجي ٢٤ ڪلاڪ سنڀال ڪندي آئي آهيان.“

ڪالهہ اوچتو منهنجي شگر وڌي وئي ۽ بلڊ پريشر گهٽجي ويو ۽ مان ڇري پري نٿي سگهيس، چار ماڻهو تہ مونکي پلنگ تائين پهچائي نہ سگهيا، ”سنڀاليو فرش آلو پيو آهي، پاڻي آهي اهو اُگهو، خبر نہ اٿو مان روز ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا ڪٽڪي سان باٿ روم جو فرش سڪائي ڇڏيندي آهيان. مٿان هو ننڍ مان اٿي ۽ بي پرواهيءَ سان آلي پٽ تي هلي وڃي ۽ ڪٿي ڪري پوي، جيتوڻيڪ مان چوندي رهندي آهيان سائين سنڀالي اچجو.“ مون ڏٺو پٽ سڪل هو، پاڻي ڪونہ هو پر هنجي ذهن تي ايترو تہ اونو هو جو صرف ان ئي فڪر ۾ هئي تہ مان ڪري نہ پوان ۽ ان تناءَ ۾ هن جي شگر تڏهن گهٽ وڌ تہ ڪونہ ٿي، جا ڪمزوري جو سبب هئي.

ڊاڪٽر کي گهرايوسين هن چيو ڪنهن بہ وقت وڃائڻ کانسواءِ هن کي هاسپيٽل ۾ داخل ڪرايو، ڇو تہ شگر هڪ ليول تي ناهي، بلڊپريشر گهٽ آهي ٿورو بخار بہ اٿس، ان ڪري ڪمزور ٿيندي وڃي پئي. ٿورو پسينو بہ آيو اٿس، يڪدم ئي اي سي جي ڪيندس شگر ڏسندس ۽ دوائون شروع ڪري ڇڏيندس.

ٻن ڏينهن کان هوءَ هاسپيٽل ۾ آهي، دوائون، گلوڪوس، مٿان اسٽئنڊ تي لٽڪيل اٿس، ٽيسٽون چالو اٿس... ههڙو عشق؟.... ■■■

# سلور جبلي

اَڄ راڌا کي ٢٥ سال شادي ڪئي ٿيا، آفيس مان موٽندي هوءَ چوڄ مان پنهنجي گهوٽ جو انتظار ڪري رهي هئي. هن ڪيس وڏي هوٽل ۾ هلي ماني کارائڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ آخرين شو ۾ فلم تي وٺي وڃڻ جو پڻ رات جا نو ٿي ويا، سندس گهوٽ اڃان گهر ۾ نہ آيو هو. رات جا ١٢ اچي ٿيا، ڪيس اچانڪ پاسي واريءَ مان سڏ پئي تہ سندس گهوٽ سامهون واري بلڊنگہ ۾ سڌا آنٽي وٽ وسڪيءَ جي اڌ باٽل ختم ڪري سمهي پيو آهي.

راڌا غصي ۾ ان آنٽي وٽ وئي "تو پنهنجي گهوٽ کي زبردستيءَ پنهنجي گهر وٺي آئي آهين." سندس گهوٽ ڪاڄهہ بہ سبب ٻڌائڻ ٻاجاءِ. راڌا کي ڌڪو ڏنو ۽ هوءَ وڃي پٽ سان ٽڪري ۽ نرڙ مان رت وهي پيو ۽ هوءَ سڌو پوليس اسٽيشن تي هلي وئي. ساڻس پوليس انسپيڪٽر ۽ هڪ حولدار آيو. پر گهر ۾ سندس گهوٽ ڪونہ هو. راڌا کي اسپتال ۾ ڊريسنگہ ڪرڻ لاءِ پاسي وارا وٺي ويا ۽ سندس گهوٽ وري سڌا آنٽي جي گهر لڪي ويٺو.

■■■

# چابيون

’مون کي پاڻ سان وٺي هلو، مان هت اڪيلي ٿي پئي آهيان.‘ شانتي پنهنجي گهوٽ کي التجا ڪندي چيو.

’تون تہ ڪا چري آهين. توکي سودي عريبيا ڪيئن وٺي هلندس. توکي طلاق ڏئي، ٻيءَ زال کي پاڻ سان رهايو اٿم. هن جي مار کائيندس ڇا؟ ‘‘

’توهان ئي تہ مون کي طلاق ڏنو، مان تہ اوهان جي ٿي رهڻ ٿي چاهيو.. مون کي ڏاڍي سڪ ٿي لڳي. مان اوهان جي ڪيتري شيوا ڪندي هيس، صرف ڏسڻ ۾ سانوري آهيان. پر اوهانکي ٻي شادي ڪرڻ تي دل هئي. ان ڪري مون کي ڇڏي ڏنو. ‘‘

’چڱو هيئن ڪر. تنهنجا ماءُ ۽ پيءُ سياڻي ڪلياڻ وڃڻا آهن نہ. تون هنن سان نہ وڃ ۽ گهر جون چابيون وٺي رکہ ۽ مون کي موبائيل تي فون ڪر تہ تون اڪيلي آهين تہ مان تو وٽ ايندس ۽ مزو ماڻينداسين.‘

# سوڪڙي

ان وقت مان ٢٠ سالن جو ئي هوس. ڏنڌو ڪندي جدو جهد ۾ مشغول. پاسي واري بلڊنگ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جي آفيس هوندي هئي. ان ۾ سپروائيزر هو رستم، هڪ ڏينهن منهنجي دڪان تي آيو ۽ ڪجهه خريداري ڪرڻ بعد، مونکي پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڏيندي گرانٽ روڊ اسٽيشن جي ڀرسان پنهنجي گهر ۾ اچڻ جي نينڊ ڏني. مون ڪانئس سبب پڇيو ته هو سو هن سڌو جواب نه ڏيندي، آرتوار ڏينهن اٽڪل ١٢ بجي اچڻ لاءِ چيو هو. هوند مان هن جي گهر نه وڃان پر اندر ۾ لالچ اها هئي ته هو مون وٽان اڳتي خريداري ڪندو رهندو ۽ ڪيس ناراض ڪرڻ وارو ڇو ڪريان؟ ائين مون پاڻ کي سمجهايو هو.

گرانٽ روڊ اسٽيشن جي ڀرسان هڪ ننڍي گهٽي ۾ گهڙڻ سان هڪ حويلي وانگر جاءِ هئي. ان ۾ گهڙڻ سان وڏو ورانڊو هو ڪمري مٿان نالو پڙهي دروازي ٻاهران لڳل گهنٽي وڃائي. دروازو کليو ۽ رستم پاڻ ٻاهر

آيو. گهر ۾ سانت، سانت، ڪو بہ ڪهڙو بہ آواز نہ هو. آ ويجهو... مونکي کيڪاريو ويو. ڪمري ۾ چڙهي اوندهہ پئي لڳي ڪمري ۾ ٽيبل ڪرسيون ۽ وڏو پلنگہ ماڇرداني لڳل پيو هو. هو چپ چپ هو مان بہ چپ هوس، اندر ۾ سوچي رهيو هوس آخر مان هت آيو ڇو آهيان؟ هو ويجهو آيو، ڇا ڪائيندا ڇا پيئندا پڇندي منهنجي مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳو. خميص جو بٽڻ لاهي ڇاتيءَ تي هٿ گهمائڻ لڳو. اکين ۾ گهورڻ لڳو. اچانڪ ڪيس ڪو خيال آيو ۽ پاٽيءَ وارو ناريل فرج مان ڪڍي آيو ۽ ناريل پاٽي پيئڻ لاءِ ڏنو. مون نہ نہ ڪندي ناريل ڪائنس ورتو. ايتري ۾ هن جي ڌيءَ تهمي، جا نوساري پنهنجي نانيءَ وٽ ويل هئي سا موٽي آئي. رستم هن کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. هبڪندي، پاڻ سنڀالي ورتائين ۽ مونکي هن سان واقفيت ڪرائيندي ٻڌايائين تہ منهنجو واچن جو ڌنڌو آهي ۽ سندس آفيس جي پرسان دڪان آهي. ڪڏهن بہ واچ خريدڻ لاءِ تون هن وٽ وڃي سگهين ٿي.

تهمي خوبصورت هئي. اکين تي ناخريلو ڪارو چشمو سنهي ٺاهوڪي ٽپ ڏيندي ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي.

رستم چيو ”مون کي هن جي ڏاڍي چنتا آهي. هن کي سنڀالي بہ نہ سگهيو آهيان. هن کي مٿي ۾ ٽيومر آهي، جنهن ڪري کيس اڻ سهندڙ سور پوندو آهي. ڪيترا ڊاڪٽر پڇيا آهن، ٽپاسون ڪرايون آهن. سڀ چون ٿا آپريشن ڪرائڻو پوندو، هڪ لک رپيا گهٽ ۾ گهٽ خرچ ٿيندو. اسان جي گهر ۾ پيو ڪو ڪمائڻ وارو ڪونهي. هي گهر بہ پارسي ٽرسٽ وٽان مسواڙ تي مليل آهي. رپين ڪٿو ڪرڻ جي چنتا ۾ آهيان.“ مان اهو ٻڌي هڪو ٻڪو ٿي ويس مون سمجهيو هن کي تهميءَ جي شاديءَ جي چنتا آهي. مان ڪهڙي ٿو مدد ڪري سگهان؟ مان هت ڇو آيو هوس؟ مونکي آخر هن گهر اچڻ جي نينڊ ڇو ڏني هئي؟ تهمي ڪمري کان ٻاهر آئي ۽ مان کيس دڪان تي اچڻ جي دعوت ڏني ۽ پنهنجي پسندي جي واچ ’سوکڙي‘ طور وٺي وڃڻ لاءِ چيو ۽ رستم کي عجب لڳو ۽ تهمي بہ عجب ۾ هئي ۽ مان گهر کان ٻاهر هليو آيس. ■■■

# پڳڙيون

ڪٿان پيا اچو؟ ڪار مان، اتي پڳڙيون هيون. ڪنهن جون؟ پيار جي شادي جون- احساسن جون- امنگن جون- محبت ڀريل جذبن جون!'' اڙي مون تہ پڇيو ڪنهن ماڻهو جون؟ ''

ان دوست جون، جنهن، ريل جي پٽڙي تي پنهنجو خاتمو ڪيو، پليٽفارم تي ويٺو هو ۽ جڏهن ٽرين اچڻ جو وقت ٿيو، هن پاڻ کي ٽرين جي اڳيان ڪٽي ٽڪر ڪيو يا ٽرين ايندي وقت وٺي ٽپو ڏنو.
هن ائين ڇو ڪيو؟
هو ڪير هو؟

ساڳئي سوسائٽي ۾ رهندو هو. هرروز صبح جو يا رات جو پنڌ ڪندي گڏجندو هو. ڀيرو جوان هو، پڙهيل هو، وڏي نوڪريءَ ۾ هو. سهڻي زال هيس، ٻار بہ هيس. پر ڪنهن جي گهر ۾ ڪمڙو گهوٽالو

آهي، سڌ ئي نٿي پوي.

ظاهرين حسين چهرن کي ڏسندي، مسڪراهٽ ائين پاسندي هئي ڄڻ سندن زندگي اسان کان به وڌيڪ خوشحال هئي.

هن جي آپگهات ڪانپوءِ اهو ڦاٽ ڦاٽو ته هن جي زال جنهن سان هن ڪاليج ۾ پڙهندي پيار جي شادي ڪئي هئي، هن گهوٽ مٿان الزام لڳيو هو ته هو ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ آهي، جا سندس ئي آفيس ۾ مئنيجر جي سيڪريٽري آهي. هوڏانهن سندس گهوٽ جي شڪايت هئي ته هوءَ پاسي ۾ رهندڙ نوجوان جي هر ڳالهه ٻڌي ٿي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽيليفون تي، الاجي ڇا ٿي ڳالهائي، ٻه، 'اهم' رڪندڙن جو ٽڪر هو. هو چوي هو صحيح آهي ۽ هوءَ چئي، هن کي شڪايت ڪرڻ جو پورو پورو سبب آهي. هو چئي ٻارن کي ايترا پئسا نه ڏي، جو هو خرچي پون ۽ هرويرو هر پاسي ٽئڪسي ۾ وڃڻ ضروري ناهي، خرچ تي لغام رکڻ ضروري آهي. پر هوءَ چئي، اها ڳالهه اجائي آهي. ٻارن کي سهوليتون ڏيڻ ته اسان جو فرض آهي.

زندگيءَ ۾ اهو رينگٽ ته ڪيترن سالن کان هلندو پي رهيو. پر هيءُ قدم ته تمام وڏو هو، ڪنهن اهڙي ڌڌڪي ڪانسواءِ ايڏو وڏو قدم ڪيئن ٿو کڻي سگهجي؟

اهي پيار پريا پل خوشنما گهڙيون هنکي ياد نه آيون. هيتري گَهرائي جي تند ڪيئن ٽٽي پئي؟ ڏوهه ڪنهنجو به هو پر پسندي، ناپسندي ۾ بدلجڻ لاءِ اهڙو ڪهڙو سبب ايري آيو جو هن آپگهات ڪري، منجهيل سٽ کي سلجهائڻ بدران وڌيڪ الجهائي ڇڏيو.

هاڻ هو ته هليو ويو، پنهنجي پيار جون پڃريون ڪري، هوءَ اجان به پنهنجي اهم جو پاسو ٿي کٽي ۽ چئي ٿي هن مونکي دکي ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو. هن ٻارن جو به ڪو خيال نه ڪيو. هو ڇا ٿو چوي؟ اها خبر ناهي، هنجون ته اڄ پڃريون ٿي ويون.

■■■

## ٥٠ سال اڳ لکيل خط جيڪو لفافي ۾ وجهي پوسٽ ڪرڻ بدران ريشمي رومال ۾ ويڙهي رکيو ويو هو..

پيار جي ڪيفيت ۽ وقت جي رواني ۾ اينديڙ مجبورين ۽ مايوسين جون اهي اُداس گهڙيون جي انسان کي جيون جي گهراين ۾ آڻي سچ ۽ ڪوڙ وچ ۾ جهولائين ٿيون! اهڙين ئي جهلڪن جو هي خط، هڪ عڪس آهي...

**منهنجا ميهار!**

آس ۽ اُميد تي هيءَ دنيا قائم آهي هر پل پنيان خوشنما گهڙيءَ جي اُميد رکندي انسان کي هلڻو ٿو پوي پر ڪڏهن ڪڏهن حالتون اهڙيون ٿيون بڻجن جو نہ چاهيندي بہ نراس ٿي جيون جون گهڙيون ڳڻيون ٿيون پون.

منهنجا راڻا! بي سمجهہ هيس 'نادان هيس' ڪابہ سڌ نہ هئي هن زماني جي اکيون ڪليل هوندي بہ زماني جي اٽڪلاين کي ڏسي نہ ٿي سگهيس. اچانڪ الاجي توکي ڪيئن ڏسي ورتم. دماغ ۾ هلچل متي، دل جي گهراين ۾ آنڌ

مانند اچڻ لڳي. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ان سڀ ڪان پري هٽجان. ائين غير-واقف جي پلا واقف ڇو ٿيان؟ پر منهنجو وس نه هليو. منهنجي هر پل تي تون ڇانئجي وئين. هر گهڙيءَ مٿان تون غالب پئجي وئين.

مونکي ياد آهي تون ٻڌائيندو هئين ته ”پريمي ٿيندا اٿئي پياسا-پياسن جي ڪهڙي حالت ٿيندي آهي پياسي هرڻ جي اساٽ مان ڏس، ڪيئن نه ويچارو رڃ کي پاڻي سمجهي، اُڃ مٽائڻ لاءِ ڪٿان جو ڪٿان ڊوڙندو، ڀڄندو، ڊوڪيندو ٿو وڃي ان رڃ طرف. ڪي ئي ڀيرا ويچارو ٿڪجي ساٽو ٿي ٿو پوي مگر ان هوندي به ان منزل تاءِ پهچڻ لاءِ هو جدوجهد ٿو ڪري ... ۽ وري هو پريمي آهن جي عشق روپي شراب جا پياس، سدائين پيا ان پياس کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪن. هميشه پيا ان عشق جي عميق ساگر ۾ غوطا ڪائين: جيستائين ڪ ان مئه جو ڦڙو سندن وات ۾ پوي ۽ وري هڪ ڀيرو پيو ته سندن اساٽ تهائين ويندي وڌندي. هر هر پيا چوندا. اسين اڃان پياسا آهيون... ۽ وري هي پڳان جو پڳ! هر وقت اها ئي ڌن اٿس ته ڪڏهن ٿو سائينءَ جو درشن ٿئي. هن واسطي مالها ڦيريندو. ڪڏهن تپسيا ڪندو. ڪڏهن متوالن جيان جهنگل ۽ برپٽ پيو گهمندو. ڪڏهن وڻن جي پتن ۾ پيو پرينءَ کي ڳولهيندو، ڪڏهن ضد ڪري ڪاڻو ڪائڻ ڇڏي ڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن وري پنهنجي پرانن کي چاڙهي برهم چڪر ۾ وڃي گهٽيندو ۽ چوندو ته مالڪ مهر ڪري درشن ڏي نه ته اجهو ٿو مران. پر انهن سڀني پيار ڪندڙن جو مقصد ته هڪ ئي آهي. پرين کي پائڻ. دلبر جو ديدار ڪرڻ. منزل کي رسڻ! تنهنجون اهي سڀ ڳالهيون مونکي ڏاڍيو وڻن ٿيون. ۽ ائين مان وڌيڪ مهو ٿي ويس. تو ۾ سمائجي وڃڻ جي لالچ لڳي. لالچ به اهڙي، جهڙي پرواني کي ٿي لڳي.“

”منهنجا سائين! تون ٻڌين پيو مان هاڻ ڇا پئي چوان؟ چوان ٿي پروانو ڪيترو نه خوشنصيب آهي، پنهنجي جان ٿو جلائي، شمع جي هستي قائم ٿو رکي. پنهنجي جان نثار ڪري پريتم جو وجود قائم ٿو رکي. اهو سڀ ڪرڻ سان منزل ڀيرو ته وڃي ٿئي ٿو. ڪيس پتڪٽو ته ڪونه ٿو

پوي. سنڌس پريت جي پيڙي سمنڊ جي ڇهري لهرن جي لپيٽ ۾ نہ ٿي اچي. ڪيس تہ پڪ آهي تہ هڪ پيرو ئي هن پنهنجي جيون تان آس ڪٽيئي تہ ڪيس پڪ دلبر جو ديدار ٿيندو. هو ميلاپ جي موج ماڻيندو!“

پر منهنجا ٺاڪر! مونکي ان ويل تو اهو ڪونہ ٻڌايو هو تہ نديءَ ڪي بہ ڪنارا ٿا ٿين، جي جدائيءَ جي جنجال کان بيزار ٿيندي پنهنجي هستيءَ کي نابود ڪرڻ لاءِ ڪمر پيي ڪسيندا رهيا آهن. پلا انهن ويچارن جو ڏوهہ ئي ڪهڙو. تڙپڻ ۽ ڦٿڪڻ جي بہ ڪا حد هجي. ڪا آس هجي جنهن جي سهاري ان ميلاپ جي موج جو تصور ڪندي سڀ ڪجهہ سهي وڃجي. هنن سان تہ حالت اها آهي جو بي جان بڻجي پيا هر هميشہ ايندڙ لهرن کي تڪيندا رهن من ڪڏهن ڪو ڪٽي سندس ويجهو اچي. متان پرينءَ جو پيغام اچي وڃي! پر انهن ڪنارن وچ ۾ تيز وهڪرو ٿو وهي. ويچارا جڏهن جڏهن حد بيزار ٿي پوندا آهن، مٿي آسمان طرف نهاري قدرت کي چئي وهندا آهن تہ ”شل پرلئہ پوي. ڌرتي جي سيني تي بيٺل پهاڙ ڪريو اچي پٽ پون. زمين ۽ پاڻي هيٺ مٿي ٿي وڃن جيئن اسين ان ڦاٽ ڦوٽ ۾ گڏجي سگهون.“

”متا! ههڙي جدائي لاءِ تو مونکي ڪجهہ ڇو نہ ٻڌايو؟ تون تہ اڃان بہ هر هميشہ ائين پيو ٿو چوين تہ ”زندگي سان پيار ڪر“ پر پيار تہ ان جيو سان ڪجي جنهنجو هر هميشہ ساٿ رهي. جنهن جيو ۾ جوت جلندڙ هجي. هت تہ اداس اداس گهڙيون ٿيون ڳٽيون پون. ڏسين پيو منهنجي مجبوري... منهنجو پرين منهنجي سامهون. منهنجو شهنشاهہ تاخت تي براجمان... مان پئي ڦٿڪان تہ ڪيئن سندس داسي بڻجي خود کي هن ۾ سمائي ڇڏيان تہ مٿان هي ڏسندڙ پيا ٿا طعانا هڻن ۽ پڪي ديوار جيان ور ور ڪري ٿا اچيو اڳيان بهي رهن. هاڻ تون ئي چئہ مان ڇا ڪريان؟ ٻڌاءِ منهنجا سهڻا سردار!“

بس تنهنجي.....

■■■

# دل شڪستو

چڱو ٿيو تنهنجي مون ساڻ شادي نہ ٿي. ان وقت توکي خراب لڳو هو، پر جي شادي ٿئي ها تہ تون مون مان راضي نہ ٿي سگهين ها. تون جئن، جنهن سان شادي ڪئي اٿئي، هن مان ناراضآهين، تيئن منهنجي ويجهو هوندي، منهنجون غلطيون ڏسندي، مون مان بہ راضي نہ ٿين ها. جيتوڻيڪ هينئر چوڻ بہ نہ کپي.

تنهنجي آسمان ۾ اُڏام ۽ منهنجي سڪيم حالت. ڪٿي بہ، ڪڏهن بہ ملي نہ سگهن ها. تنهنجون گهرجون ۽ منهنجون مجبوريون، هٿ هٿ ۾ ملائي ڪيئن سگهن ها؟

تو سماج ۾ مشهور ٿيڻ ٿي چاهيو پر ڪابہ ڪلا ڄاڻڻ سواءِ مشهوري ڪيئن ملندي؟ تو پوءِ ان رخ کي بدلايو هو، جي پنهنجي ليکي نالو نہ ڪڍي سگهندين تہ ڪنهن نالي واري جي همساڻ ٿي بہ ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ ٿي تو چاهيو.

ان ئي بنياد تي تو پنهنجي آئينده ڪي اَڏيو ۽ ٿيو ڇا؟ تو هڪ وڏي شاهوڪار سان شادي ڪئي، ان خيال سان تہ توکي دنيا جو هر سک ملندو. وڏي بلڊنگہ جي اٺين ماڙ واري فليٽ مان تون سمنڊ جو نظارو ڏسي سگهندينءَ. تو وٽ نوڪر بہ هوندا، موٽر ۽ ڊرائيور بہ هوندو. تون جيڏانهن چاهين، گهمڻ لاءِ يا شاپنگہ لاءِ وڃي سگهندين.''

پر تنهنجو گهوٽ، پنهنجن ئي ڏنڌن ۾ پورو هوندو، ائين تو نہ سمجهو هو. توکي 'هني مون'' کي وديشضرور وٺي هليو پر اُتي بہ توکي شاپنگہ تي موڪلي ڏيندو هو ۽ پاڻ الاجي ڪٿي هوندو هو!

هيڏانهن مان 'هني مون' بہ نہ ڪري سگهيو هوس، شاديءَ جي ڏينهن ونيءَ کي وٺي هال ۾ پهچڻ لاءِ، هڪ درگاهہ جي ٻاهران بيٺل موٽر کي وٺي، جهڙو تهڙو سينگاري سگهيو هوس. پاسي ۾ رهندڙ آنٽيءَ پنهنجو ڪمرو، پلنگہ تي گلاب جا گل پکيڙي، ٽن ڏينهن لاءِ ڏنو هو. اهڙين حالتن کي، منهنجي هم ساٿڻ خوشي سان قبول ڪيو هو،جيڪو تون نہ ڪري سگهين ها. پراڻا ٺهيل چورا، جن کي مون پالش ڪرائي ونيءَ کي پاتا هئا، اهو بہ تون نہ قبولي سگهين ها. ٣٨ رپين واري سلڪ جي ساري توکي بنهہ نہ وڻي ها.

خير، اهو تہ پنجويهہ سال اڳجي ڳالهہ آهي. مون توکي ڪيترو سمجهايو هو پر تون پنهنجي ضد تي هئينءَ. مون توکي، پين جا مثال ڏنا هئا، اهي ماڻهو بہ ڏيکاريا هئا، جيڪي ٻاهران پلي پٽاڪون هڻندا هئا پر اندران ئي اندران خالي ٿي چڪا هئا.

تنهنجو گهوٽ بہ انهن مان هو، جنهن کي ٻاهريون شان رکندي، اندران پل پوساڻجي وڃاجي. وري تو بہ گهٽ نہ ڪئي. هڪ دفعي تو ٻڌايو هو تہ لکن رپين جا زيور تو ڪٿي گروي رکيا آهن، ڇا لاءِ تہ توکي رپين جِي ضرورت هئي ۽ وقت تي توکي گهوٽ وٽان نہ مليا هئا. تو ائين ڇو ڪيو، ڇا تو ايتري، رقم جوئا ۾ هارائي هئي يا ماڳهہ عيشعشرت ۾؟ يا.. ويسي هلائيندي هئينءَ؟ ان ويل توکان وڌيڪ پڇڻ

ٺيڪ نہ لڳو هو، ڇا لاءِ تہ تنهنجي مٿان شاهوڪاري جي خنڪي چڙهي چڪي هئي.

هي سڀ توکي لکڻ جو مون وٽ ڪوبہ سبب ڪونهي. مان تہ صرف تنهنجي همدردي ڪندي دل ٿي وٺڻ چاهي، توکي همٿ ٿي ڏيڻ چاهي، جئن تون ايندڙ وقت ۾ پئدا ٿيندڙ مشڪلاتن سان منهن ڏئي سگهين. تنهنجو گهوٽ واقعي دل شڪستو ٿي پيو هوندو. هن کي ٿي سگهي ٿو ڌنڌي ۾ وڏو نقصان پيو هجي. تنهنجي، هن سان نہ ٻڌجندي هجي! تنهنجو ٻين سان کليو کلايو پارٽين تي وڃڻ نہ وڻندو هجي! نہ تہ ڪنهن خاص مضبوط سبب ڪانسواءِ ڪوبہ اٿين ماڙ تان، هيٺ ٽپو ڏيئي ڪيئن سگهندو؟

■ ■ ■

# دل جو باءِ پاس آپريشن

ائين تہ مان صبح جو ائين بجي اُٿندو آھيان ۽ رات جو ڏھين بجي سمھي پوندو آھيان. يعنيٰ آرام پسند سپاءِ اٿم. پر اڄ ائين بجي بيچ ڪئنڊي ھاسپيٽل ۾ پھچڻو ھو. ساڍي ستين بجي ڪيئن بہ سنبري ڪار ۾ اچي ويٺس. سئفٽ، منھنجو ڪڪو ھلائڻ وارو ھو، اِنڪري اڌ ڪلاڪ ۾ پھچڻ جي پڪ ھئي. ائمريڪن ائمبسي جي آفيس جي پرسان معنيٰ شاھي رستو، آس پاس ۾ ڪروڙپتي رھنڊڙ وڏي شاھي گيٽ جو دروازو ڪار ايندي ئي سڪيورٽيءَ کولي ڇڏيو پر اندر تہ ڊاڪٽرن جون وڏيون موٽرون اڳ ئي موجود ھيون. باقي رھيل پارڪنگ بہ لڳ ڀڳ ڀريل ھئي. پريان ئي ڪنھن سڄڻ اِشارو ڪيو ۽ پارڪنگ ملي ويئي.

ھاسپيٽل جي وڏي دروازي وٽ اچي پنھنجو پاڻ رڪجڻو

ٿو پوي. جي نئين سِر ائڊميشن وٺڻي آهي ۽ خاص ڪائونٽر ٺهيل آهي ۽ هر بيماريءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهٽو پرٽو آهي، اُنجي جاڻ ڏنل آهي ۽ پئسا پرائي اُتان ئي ڪمرو وغيره جي جاڻ ڏني ٿي وڃي. ائنجيوگرافي لاءِ اٽڪل جي آڌار تي سترهن هزار رپيا ورتا وڃن ٿا. باقي بچيل حساب شام کان اڳ پري پوءِ مريض ٻاهر وڃي سگهي ٿو. جيڪڏهن صرف ائنجيوگرافي ڪرائي جاڻ ورتي وڃي ٿي تہ اٽڪل پنجتيهہ هزار بل اچي وڃي ٿو. جيڪڏهن جاڻ پائڻ کان پوءِ ضوري لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر ائنجيوپلاسٽ جي صلاح ڏين ٿا وغيره.

جڏهن مون کي پلنگہ تي سُمهاري، اندر ٿئيٽر ۾ وٺي وڃڻ جي ائنجيوگرافي لاءِ تياري پيا ڪن. ڪمري جي ڇت طرف خاموشيءَ سان نهاريندي سوچي رهيو هوس، ڇاهتر سالن ۾ بدن جي ڪنهن بہ حصي ۾ مون ڪابہ رهنڊ پيل نہ ڏٺي هئي. هلندو رهيو هوس، ڊوڙندو رهيو هوس. جڻ زندگيءَ مان ڪا خاص شڪايت نہ پئي رهي. ڪڏهن ڪڏهن تپ ايندو هو، ڊاڪٽر کان هڪ ڏينهن وڃي دوا وٺي آفيس هليو ويندو هوس. آفيس وري ڇا جي جتان ڪوبہ ڏنڊو واپار ڪونہ ڪندو هوس. ٦٥ سالن ۾ رٽاير ڪري ڏنڊو بند ڪري ڇڏيو هوم. ڪي حالتون اهڙيون بڻيون هڪ ئي پٽ ڊيش هليو ويو. مون آفيس بند نہ ڪئي ۽ هرروز آفيس ويندو هوس. چار ڏرمائو ٽرسٽ هلائڻ لاءِ هرروز ٣ ڪلاڪ آفيس ويندو هوس. پاڻ سان 'سپون' ۽ 'هندواسي' جا فائيل گڏ هوندا هئا. يعنيٰ ڪم بہ سٺو ۽ پاڻ کي بہ مشغول رکڻ لڳس. اِها همساٿڻ جي صلاح هئي. پر ڪنهنجي نظر لڳي وئي ۽ هاڻ ٻانهن ۾ ڪارا ڏاڳا پاتا ويا آهن.

اچانڪ اسٽريچر کڻي آيا. مٿانس اچي چار پيل هئي. طريقي سان ٻئي اسٽريچر تي آڻي ڇڏيائون ۽ آپريشن ٿئيٽر طرف جلد جلد هلندا رهيا. جيئن ڪنهن بہ فلم ۾ ڏيکاريندا آهن. هڪ

وراندي مان ٻئي وراندي ۾ ڦرندي، اونداهي ڪمري ۾ وڃي آيا چوڌاري وڏيون وڏيون مشينون، ڪئميرائون رکيل هيون. ٽي چار ڊاڪٽر ۽ ٻه ٽي نرسون، سڀ ساوا گائون ۽ ٽوپين ۾ هئا. اِسٽريچر تان ٻي رکيل بئنچ کي سڌو ڪري سمهاري ڇڏيائون. وڏيون وڏيون گول بتيون ڇم ٻري رهيون هيون. نموني سان سڌو سمهاري بدن تي پاتل گائون لاهي ڇڏيائون. مان نہ چاهيندي بہ ڪجھ ڪڇي نہ سگهيس. هڪ نرس مٿين حصي کان ڪا اِنجيڪشن لڳڻ لاءِ ٻانهن جي مٿئين حصي ۾ اِسپرٽ هڻي رهي هئي. چيلھ وٽ بيٺل ڊاڪٽر چئي رهيو هو هاڻ اوهان کي دوا لڳيون ٿا جا تمام ٿڌي محسوس ٿيندي. واقعي اڌ بدن ٿڌو جهڙو برف ٿي ويو. اچانڪ سائي رنگ ۾ بلئنڪيٽ مٿان رکيو ويو. ائين لڳو اُن بلئنڪيٽ مان ڪا وڏي سئي ڪنهن خاص جاءِ تي ڪپائي ويئي ۽ ڊاڪٽرن جي چر پر ٿيڻ لڳي. ڏسو هت بلاڪ آهي، نہ هت. پنجن مان چئن ۾ اَسي سيڪڙو ۽ هت سؤ سيڪڙو بلاڪيج. باقي ڇا بچندو. ۽ اچانڪ ڇڻ هنن اِشارن ۾ ئي فيصلو ڪري ورتو. اينجيوپلاسٽ تہ ڪم نہ ايندو، هاڻي باءِ پاس ڪرڻي پوندي. ان لاءِ مون پاڻ کي ڪڏهن بہ تيار نہ سمجهيو هو.

منهنجي هم ساٿڻ جي گروماتا چوندي هئي مالڪ پاڻ ئي سنڀاليندو آهي، پنهنجي اُن پيڙ تي اوترو ئي بوجھ وجهندو آهي، جيترو هو سهي سگهندو آهي. مون بہ اُن بند کي برزباني ياد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي من جو ڊپ آٿت ڏيندي لاهي ڇڏيندو هوس. ارڙهن سال اڳہ اِها ساھ کڻڻ جي تڪليف سامهون آئي هئي ۽ ساڳئي ڊاڪٽر کان ئي ڇڪاسارائي صلاح ورتي هيم. هن ڇيو بيماريءَ جو نالو ’اينجنا‘ آهي ۽ ائنجيوگرافي ڪرائڻ بنا پوري خبر نہ پوندي ۽ في اِلحال ڪي گوريون، دل جون، بلڊ پريشر جون ۽ ڊائبٽيز جون لکي ڏنائين ۽ مان اِهي گوريون وٺندي ارڙهان سال ڪيي ڇڪو هوس. هڪ طرف دل کي ڪمزور سمجهڻ لڳس. جڏهن ڪل مسخري

۾ چئي ڏيندو هوس ’اڙي مون کي ته اها دل ئي ڪانهي جنهن ۾ احساس ٿيندو آهي. ائين ٻڌندو هوس ته موج مستيءَ ۾ گذارڻ واري وڻ دل ڪٿان ايندي؟ اِن ڏينهن ته آخر ڪمري ۾ وٺي آيا. هوشيار سرجن کي گهرايو ويو. هن رپورٽ ڏٺي، جاچيو ۽ دل جي ڊاڪٽر سان فيصلو ڪيو ته باءِ پاس آپريشن ڪرڻو پوندو. جيڪو ائنجيوگرافي لاءِ تيار نه هو، هن کي ٻنهي ڪارڊيولاجسٽ ۽ سرجن ڪمري ۾ اچي سمجهايو... ”جيڪڏهن هينئر ڪڏهن به اچي ڇاتيءَ ۾ سور پوئي ته پوءِ ڇا ڪبو؟ هينئر تائين تنهنجي دل ضبيل ڪانهي. ڪنهن به ڪامپليڪشن ڪانسواءِ، آپريشن ٿي ويندو وغيره.“

ٻه ڏينهن ٿيسٽون هلنديون ۽ سومر ڏينهن دل جو آپريشن ڪرڻو پوندو. جنهن کان اڳ چار لک رپيا اِسپتال ۽ سرجن جي في سميت حال ڀرڻا پوندا. سيني کان پهرين هم ساٿڻ، هفتي کن کان پوءِ چيڪ وٺُس ايف.ڊي.بئنڪ جي هئي سان پوري ٿيڻ واري هئي، ڪٽي آئي. هڪ لک رپيا مون وٽ ڪنهن اِمرجنسي لاءِ هميشه رهندا هئا. ٻه ڏينهن اڳ ئي منهنجو پٽ وديش مان آيو هو. سندس اين.آر.آءِ. اڪائونٽ ۾ ميڙيل هڪ لک جو چيڪ ڊاڪٽر لاءِ ڪٽي آيو. هڪ هڪ لک ٻئي ڌيئر پنهنجي سيونگ اڪائونٽ جو چيڪ صحي ڪري ڪٽي آيون هيون. يعنيٰ پنج لک خرچ ۾ تخمينو تيار رکيو هو. باقي ڪنهن به دوست، مٽ مائٽ خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ نه پڇيو، وٽن ڪو ته سبب هوندو. سواءِ هڪ نيڪ بندي موبائيل تي فون ڪيو ۽ چيو مون وٽ روڪ ته ڪانهي پوءِ به هيرن جا ڪنگڻ آهن. سي خرچ ۾ ڪم آڻي سگهو ٿا...“ ايترو ٻڌي اکيون آليون ضرور ٿي ويئون.

صبوح جو ٨ کان اڳ ساڄي بدن جا وار لاٿا ويا. ڦهڙي صاف ۽ سهڻي ڪايا ڏسي عجب لڳو، جنهن کي ڪڏهن ڇڻ ڏيان سان

ڏٺو ئي ڪونہ هيم. اسٽريچر تي سمهاريو ويو. اُن وقت هڪ ليڊي ڊاڪٽر آئي ۽ چيائين مان ڊاڪٽر ريٽا آهيان. اوهان سان مان ئي آپريشن ٿيئيٽر ۾ گڏ هلندس ۽ اوهان کي مان ئي آپريشن ٿيڻ کان اڳ بيهوش ڪندس. مون لاءِ اِن لاءِ خاص سکيا ورتي آهي. اِنڪري منهنجي فيِ بہ سيني کان وڌيڪ هوندي آهي.

اسٽريچر ۽ اُن سان گڏ موجود قافلو اوستائين، همٿ ڏياريندو هليو. جنهن آپريشن ٿيئيٽر جي ٻاهران ٻاڙهي بتي ٻاري، دروازو کولي چڙهيو هئائون. اندر گهڙڻ سان ئي اسٽريچر جي آس پاس وڏين وڏين مشنن جي اوٽ ۾ ڪيئي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون سائي رنگ جي ڪوٽن سان منهن تي نقاب سان چڻ بند ڪري اچي بيٺا ۽ منهنجي ڪجهہ بہ سوچڻ، چوڻ يا پڇڻ کانسواءِ ڪي بتيون بند ٿي ويون. دروازو بند ٿي ويو. وڏيون وڏيون هيڊ لائيٽس ٻري ويون ۽ منهنجون اکيون بند ٿي ويون. خبر ئي نہ پيئي.

ڇهن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن اکيون کليون تہ سامهون ڊاڪٽر ريٽا ڏسڻ ۾ آئي. جنهن چيو ”آپريشن هو گيا..“ منهنجون اکيون ڏنڊ ۾ هيون ۽ انهيءَ ڏنڊلڪي روشني کي چيريندي پنهنجي هم ساٿڻ ۽ ڀين کي ڏٺو، جيڪي آپريشن ٿيئيٽر جي ٻاهران ڇهہ ڪلاڪ بيٺا رهيا هئا. اُتان سڌو آءِ.سي.يوُ. ۾ آندو ويو، جتي چار ڏينهن رهائڻو هو، جيئن چوويهہ ئي ڪلاڪ مانيٽر هلندو رهي ۽ بلڊ پريشر ۽ دل جي بيٽنگ وغيره پنهنجو ريڊنگ ٻڌائيندي رهي.

شام جو ڇهين ٻجي کان وزٽرس سان ٻئي ڪمري ۾ وهاري سامهون ويڊيو ڪئميرا ڪمري ۾ آيلن سامهون رکي ويئي هئي ۽ ٻي ڪئميرا مريضجي سامهون بيهاري ويئي. لڳ ڀڳ سارو ڪمرو گڏجڻ وارن سان ڀريل هو. جنهن ۾ کي وڪيل هئا تہ کي جاج ۽ باقي مٽ مائٽ ۽ گهڻ گهرا. سيني جي اچڻ ۽ پڇا ڪرڻ جي هٿ جوڙي مهرباني مڃيم. هڪ سنت تہ ماڳهہ هردوار مان، دهلي آيو ۽ سڌو دهليءَ مان هاسپيٽل آسيس ڪرڻ لاءِ هليو آيو. ڪن

مِترن، آشرمن مان پرساد ۽ دعائون گھري آنديون.

اڄ رات ٿي ته سوچي رهيو هوس ڪيترو نه ماڻهو مونکي ڀائين ٿا. ٻيو سوال پر انهن جو ڇا ٿيو، پاڻ کان پڇي رهيو هوس، هيترن ٽرسٽين وٽان دل جي بيمارين لاءِ، اڪين جي آپريشن لاءِ ۽ ڪيترن مريضن کي چيڪ پهچايا، سالن جا سال سين جي ڪنهن نه ڪنهن نموني شيوا ڪئي. ائين لڳدو هو اهو ئي منهنجو سوشل ڪم سمجهيو وڃي. بندگي سمجهي وڃي. مان اُنهن دڪايلن جي ٿوري شيوا ڪرڻ ۾ خوش هوس. هرروز ڪنهن نه ڪنهن مريضجا چيڪ منهنجي آفيس ۾ هاسپيٽل نالي، اسڪول ۽ ڪاليج نالي تيار هوندا هئا، انهن جو اثر ڪٿي؟

منهنجو ميڊيڪليم ڪنهن به وڏي سرڪاري اِنشيورنس ڪمپنيءَ ۾ نه ٿيل هو جو جيستائين مان تيار ٿيان تيستائين هاڻ هيتري عمر وارن لاءِ بند ڪري ڇڏيا آهن. جن ۾ ڪلاڪارن ليکڪن جا ميڊيڪليم صرف سال ٻن لاءِ ڪرايا هيم. اُنهن کي به ڀريندو رهيو آهيان. اِهي سڀ خيال من کي ڇيڙڻ جو ڪم ڪري رهيا هئا. ائين جاڳندو ڏسي ڪري ننڊ جي گوري ڏني ويئي.

ٻي رات وري خيال آيو اوڏو ڪرمون کي گت نياري مون ننڊ جي گوري گھري ورتي ۽ دماغ کي هلڻ کان روڪي رکيم. ٽين رات جو وري من اُن ڳالهه تي اچي بيٺو. ڪرمن جو سڌانت آهي، جيڪي اڳه ڪيو آهي، کهڙي به جنم ۾ اُهو ائين ئي يا گاڏر ساڏر، پورو پورو يان ڪاجهه ڪاجهه، واپس اهڙو ئي روپ رنگه ڏيکاري ٿو. پر ڪڏهن به اجايو نه سوچجي. سٺا ڪرم ڪيل آهن، يا هيٺا ڪرم ته اُهي اهڙو ئي اثر ڏيکارين ٿا. ڇا برابر آهي يا ڇا غلط آهي، اُن فلاسافيءَ کان ڇٽڪارو پائڻ لاءِ، مون وري به ننڊ جو سهارو ورتو. صباح جو ڊيوٽيءَ تي ايندي هيڊ سسٽر آئي ۽ چيو آءِ.سي.يوُ. جا مشڪندڙ چهرا، اڄ اوهان کي ڪمري ۾ موڪليو ويندو. سڀ ٺيڪ ٿي ويو آهي. ڪمري ۾ سڀ نرسون

هيون ۽ سيني جو الڳ الڳ سياءُ ۽ وهنوار. هڪ دفعي، هڪ ئي وقت، سستر ٦-٧ گوريون گڏ ڪٽي آئي ۽ وٺڻ لاءِ چيائين. اِنهن مان جا وڏي گوري پهرين آڱرين ۾ آئي جا اڌ ڪري وٺڻ ڪپندي هئي، ساڄي گوري پهرين ئي اٽڪي پيئي. ايترو تہ زور سان رڙ نڪري ويئي جڻ ساهہ اٽڪي پيو ۽ آس پاس جي ڪمرن مان بہ سستر ۽ وارڊ بواءِ ڊوڙندا آيا. پر وقت تي گوري اندر هلي ويئي ۽ مان ساهہ کڻندو رهيس. هو ساٿڻ چوڻ لڳي ائين سائين سوريءَ مان ڪنڌو ڪندو آهي ۽ وڏي تڪليف کان بچائي وٺندو آهي. ننڍي ڌيءَ جا ايئرلائينس ۾ آفيسر آهي جهٽ پهرين ڏينهن کان ئي ڏيڊ مهنو آفيس مان موڪل وٺي چڏي. ٻڌايائين اوهان کي خبر آهي؟ پهرين ٽئنڪ يو گاڊ چئو. اوهان جي ٽنگہ يا ٻانهن ۾ ڪابہ ٻي سرجري ڪونہ ٿي آهي جو اسان اوهان جو سارو بدن جاچڻي ڏٺو آهي. جيڪا نس نرو جي معارفت دل تائين رت پهچائڻ لاءِ باءِ پاس رستو ڪيو اٿائون، اُها نروَ دل جي پرسان ئي وڌيڪ هئي، جنهن کي ڪم آندو ويو آهي ۽ اها نرو ٽنگہ يا ٻانهن تان ڳولهي ڪٽندا آهن، ائين سرجن ٻڌايو. مان ٻڌي وائڙو ٿي ويس ۽ چپ رهيس. ٽن هفتن کانپوءِ گهر آيس. ٺيڪ ٺاڪ هلي رهيو هوس، صرف ڪمزوري هئي اچانڪ بخار ٿي پيو. 100-101-102 اصل هيٺو ڪري چڏيو، ايتري قدر جو هڪ اڌ رات جو بستري تان اُٿندي ڪري پيس ۽ پاٺهي اُٿي پلنگہ تي ويهي نہ سگهيس. پوءِ انفيڪشن ٿي پيو ائين ڊاڪٽر ٻڌايو. هڪ وار وري بہ هفتا کن هاسپيٽل وڃڻو پيو. ائين ڪرم سڌانت ۽ اُنجو اثر جو سوچيندي خيالن جي ويڙهہ چالو رهي ۽ لڳي ٿو تہ هلندي رهندي. جيستائين اِهو فيصلو ڪري سگهان تہ ٺيڪ تندرست ٿي کهڙي راهہ تي وڃان ۽ اِهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيان جن کي دنيا سنو چئي ٿي ... يا ...؟

■ ■ ■

# هوءَ ڪير هئي؟

پريل ۾ بگھ بزار جي پرسان هڪ وڏو مال ٺهيو آهي، جتي وڏا وڏا دڪان آهن ۽ جنهن کي جيترو خرچ چاهي، اوترو ڪري سگهي ٿو يعني ساري دنيا ۾ ٺهندڙ شيون، ڪپڙا موجود آهن. ان مال جي بلڊنگ ۾ هڪ نئين ريسٽارنٽ کليل آهي. جيڪي کاڌي جا شوقين آهن ۽ ڪريڊيٽ يا ڊيبٽ ڪارڊ رکندڙ آهن، اهي رات جو اتي کاڌو کائين ٿا ۽ جيترو بل اچي ڪارڊ ڏئي سلپ صحيح ڪري ڏين ٿا.

انيل ... شاديءَ جي سلور جبلي کي به اتي ملهائڻ لاءِ ٻارن ٢٥ ڪرسيون ٽيبل بُڪ ڪرايون هيون. هيتري مهانگي ريسٽارينٽ هوندي به ماڻهو ٻاهر ويٺا هئا، جئن ئي ڪي ڪرسيون خالي ٿين ته هنن کي ويهي کائڻ جو موقعو ملي.

ڏنل وقت تي اسين اتي پهچي وياسين، ڏهن منٽن ۾ ئي بوڪ ٽيبل ڪرسيون پرجي ويئون. گھڻو ڪري ڪٽنب جا ڀاتي ئي هئا، ڇوڪري جا مائٽ ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ. سڀ اتي ئي هئا. جنهن کي وسڪي پيئڻ جو شونق هو، انهن اها کنئي، ... مينو ڪارڊ ڏسندي به هڪ پيگ جا ٥٠٠ رپيه

لڪيل هئا، ڪن ووبڪا جو چشڪو ورتو ته ڪن بيئر جا وڏا گلاس هٿ ۾ ڪنيا. ڪلاڪ کن کان پوءِ پنهنجي پسند جا سنڪس کائيندي، سڀ موج ۾ هئا، ان ماحول ۾ هڪ حسين ڪشميري ڇوڪري هيلو ڪندي اڳيان هلي آئي ۽ ڳل ڳل سان ملائي، کيڪاري، "ڪيترن سالن کان پوءِ گڏيا آهيون. مان ڪالهه ئي لنڊن مان موٽي آهيان." ڪن ساهيڙين، دوستن سان هٿ آئي آهيان، پريان توکي ڏنم ملڻ هلي آيس. مان هنکي سيني سان ڪٺي انٽروڊيوس ڪرايان پر سندس نالو ياد نه آيو ۽ وري سندس واقفيت، هوءَ ڪير هئي ۽ دماغ تي گهڻو ئي زور ڏنم ڪابه اهڙي محفل ياد نه آئي يا آفيس جتي هوءَ مونکي گڏي هجي يا ڪنهن طرح هن جو مون سان ڪوبه لاڳاپو هجي.

.... هم ساٿڻ، پٽ نونهن، ڌيئر، نائي سڀ مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ مان هن سان ڳالهائيندي، هنن سيني ڏانهن اک ٽيٽ ڪري نهاريندو رهيس.

سيني جون نگاهون مون ڏانهن هيون، سيني چاهيو هوندو ته مان کين ٻڌايان ته هوءَ ڪير آهي. ڪنهن به آفيس ۾ ڪم نه ڪيو اٿم. ڪنهن ڪاليج ۾ نه پڙهيو آهيان، ڪٺي ڪوڙ ڳالهايان، پر ان ڪوڙ کي ڪو ته بنياد هجي. هن کي ٻڌايم ته پٽ جي شاديءَ جو ٢٥ سالگره ملهائڻ لاءِ هت آيا آهيون. هن پٽ ۽ نونهن سان ملندي لکين مبارڪون ڏنيون. وائين جي پريل گلاس به کيس ڏنو ويو. جو هن وٺندي، وائين پيتو به، مرغيءَ جو ٽڪر به کيس آڇيو ويو. هن کي اها به خبر هئي ته مان ويڙهو آهيان. پر پين کي هرويرو نه جهليندو آهيان. وائين جو سڄو گلاس ختم ڪندي، هوءَ اڳيان آئي "اڙي تون وسڪي ٿو پين ڪهڙي آهي؟" انيل چيس شواس ريگل. هن منهن جي هٿ مان گلاس ورتو ۽ به ٿي ڊڪ ڀيت ڪري پي وئي ۽ کنگهڻ لڳي. مون چوڻ چاهيو ته تڪڙ ڇو ٿي ڪرين. آهستي آهستي ويهي پيءُ يا وائين سان گڏ وسڪي نه پيءُ، ڪاڪ ٽيل جو اثر نه ٿي وجيئي. پر مرضي هوندي به مون ڪاجهه نه چيو ۽ حيراني ۾ هن ڏانهن تڪيندو رهيس. هوءَ ڪير ٿي ٿي سگهي. مونکاسواءِ ٻئي ڪنهن کي اڳ نه ملي آهي. ڪنهن کي نه ڏٺو آهي ته به سيني سان ائين پئي ڳالهايائين، ڄڻ هوءَ به فئملي ميمبر هئي.

هاءِ آنٽيءِ شمپين به ضرور کوليندا؟ ڪيڪ به ضرور ڀار ڪٽيندا؟؟ اجا ڪيتري دير آهي؟ مان ساهيڙين وٽ وڃي ڦيرو پائي وري ٿي اچان. هوءَ منهن

جي هم ساٿڻ ڪي ائين هڪ ئي ساهه ۾ چوندي، هلي وئي.

منهنجي هم ساٿڻ پڇيو ”هيءَ ڪير آهي؟“ مون چيو اهو ئي سوچي رهيو آهيان مونکي ته ڪجهه ياد نٿو اچي.جيتوڻيڪ سيني اهو جواب ڏنو پر ڪنهن به ان جواب کي سچ نه سمجهيو. گهڻو ڪري پيو پيگ ڪنهن به ٻاهرين هوٽل وغيره ۾ مان نه ڪٽندو آهيان، ڊپ ٿيندو آهي ته متان ڪٿي لڏندو هلان!

هوءَ اها ته ناهي جا مون سان گڏ يورپ بزنس ٽرپ سان گڏ گهمڻ هلي هئي ۽ ڪيس پئرس ۾ اڪيلو ڪمرو نه مليو هو، جو سندس سامان، ساڳئي جهاز مان نه لٿو هو ۽ ٻئي شهر هلي ويو هو ۽ ڪيس منهنجي ڪمري ۾ رهڻو پيو هو! پر به سندس نالو يا شڪل ... ياد چونه ٿي پوي. يا ڪٿي سفر ۾ ته ڪٿي گڏ ايئرپورٽ تي نه گڏي هئي. پر ... پوءِ ان مان ڪيس ڪيئن خبر پيئي ته مان ويٺو آهيان. ۽ سو به ڪتنب جي هيٽرن ڀاتين سان گڏ هوندي مون وٽ گڏجڻ آئي آهي.. ان وقت ان ريسٽارنٽ ۾ پٽ نونهن جي شاديءَ جا پنجويهه سال ملهائڻ لاءِ گڏ ٻار ...، شوڀا سنتو ، انيل هو ... راشو رچو، پارو ... ۽ پيا به ڪيترائي مٽ مائٽ هئا.

سيني ڪاٽو ڪائي پورو ڪيو. ڪيڪ ڪٽڻ جو وقت اچي ٿيو. شيمپئين به ٻار وٺي آيا هئا. برف جي ٽڪڙن ۾ اها ٻاٽل به ٽيبل تي اچي وئي. مون کي خيال ان ڇوڪريءَ جي انتظار ۾ هيو. جنهن ان محفل ۾ ان وقت شامل ٿيڻ جو خيال ڏيکاريو هو. سيني جو ڌيان مون ڏانهن هو ۽ منهنجو ڌيان وري هن ڇوڪريءَ ڏانهن هو پر مون کي ان ريسٽارنٽ ۾ ته ان مهل ڏسڻ ۾ نه آئي. وڌيڪ هن لاءِ ترسڻ سٺو نه ٿي لڳو. ان ڪري مون ڪين چيو ڪيڪ ڪٽيو. شيمپين جو پڪ ۽ ڪيڪ جو ٽڪر سيني کي مليو ۽ پارٽي پوري ٿيڻ تي هئي، هن لاءِ ڪيڪ ٽڪر ۽ شيمپين جو گلاس ۾ به پڪ بچائي رکيا پر هوءَ نه آئي چا ائين ته نه هو، جو هن اُنهن ساهيڙين سان شرط لڳي هجي ته اڻواقف سان ڪيئن اچي هوءَ ملي ٿي سگهي، گڏجي ٿي سگهي، ڪتنب جي ڀاتين ۾ شور غل مچائي ٿي سگهي. جي ائين آهي ته هوءَ برابر هڪ سنسني ڦهلائڻ ۾ ڪامياب وئي. ورنه هوءَ واپس چونه آئي. پر هوءَ ڪير هئي؟ ....

■■■

# امبولئنس

مان ڪالونيءَ جي وڏي دروازي وٽ ٽئڪسيءَ لاءِ بيٺو هوس. هڪ امبولنس اندر آئي ۽ ڊرائيور بلاڪ نمبر جي پڇا ڪري رهيو هو ۽ ڪنهن ڪيس رستو ٻڌايو ۽ امبولنس اوڏانهن هلي وئي. هيءَ سنڌي ڪالوني آهي جنهن ۾ ٿي سؤ ڪن گهر آهن ۽ ڇهڻ نيڙو ٻوٽ آهي. گهڻو ڪري هڪ ٻئي کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سڃاڻي ٿو، پيو نہ تہ اها تہ پڪ هوندي آهي تہ هو يا هوءَ ان ڪالوني ۾ رهندڙ آهي.

اتي بيٺو هوس تہ ياشيڪا جي ماءُ پريان اچي ٻڌايو تہ گولاڻي ڇهين نمبر ۾ گذاري ويو آهي ۽ هن لاءِ ئي امبولنس آيل آهي. صباح جو ئي سندس گهر ۾ گٽپٽتي رکٽو هو. پٽس رات ئي، مورتي کٽي آيو هو ۽ گهر جي ڪمري جو سينگار ڪري رهيو هو.

گولاڻي ڪجهہ مهنن کان بيمار هو پر سندس زال تہ هن کان بہ اڳہ بيمار آهي نہ ڪجهہ کائي ٿي سگهي نہ آرام سان ڪجهہ پي ٿي سگهي. سندس گلو الاجي ڪيئن سسي ويو آهي. ڪيترئون ئي دوائون ڪيون اٿائين. ايتري ۾ اها امبولنس

گولاڻي جي سانت ٿي ويل سرير کي ڪٽي و اپس دروازي وٽ آئي ۽ شيو اجي پارڪ مساڻ طرف وڃڻ لڳي. شايد ڪي مٽ مائٽ گڏ هئا. ڪي موٽرن ۾ به ويٺا هئا. مهراج ٻوڙندو آيو ۽ امبولنس ۾ اچي ويٺو آس پاس ويٺل، ان سرير کي هٿ جوڙي گويا هن کان موڪلائي رهيا هئا.

منهنجو دماغ تيزي سان خيالن ۾ ٻوڙندو رهيو. الاجي هن پنهنجي هڪ ئي سڪيلڌي پٽ کي ٽائنيڪو ڪيو الاجي شادي ڪيل ڌيءَ جو ڪاڄهہ مهنن کان ساهرن سان، گهوٽ سان اٽبٽت هئي، اهو مسئلو حل ٿي ويو الاجي نہ؟ في حال تہ چوڪري پيءُ جي گهر هلي آئي آهي. ڇا اهو ٽينشن مائٽن لاءِ گهٽ آهي؟ اڳي تہ ماءُ ءَشادي وقت ڌيءَ کي موڪلائڻ وقت چوندي هئي ”پٽ! گهوٽ سان ٺهين يا نہ. سس سهڙي، ڏيرن ڏيراڻين سان ڀل کهڙو بہ جهڳڙو هجئي، خود اتي پنهنجي گهر ۾ ئي منهن ڏج، اسان ڏانهن نہ نهارج.“ اسين وچ ۾ نہ ايندا سين.

سندس نونهن ساهيڙين کي چوندي هئي، ”دادا سڀ ڪاڄهہ ڪيي رکيو آهي، جويلري ۽ ڪيتريون ئي خاص شيون، جيڪي ڪپي جيئري ئي اولاد کي ورهائي ڏيڻ ٿو چاهي.... وصيت ڪرڻ لاءِ بہ لسٽ ٺاهي اٿائين پر ڪڏهن ڪڏهن من پيو ڦرندو اٿس. ڪڏهن شادي ڪيل ڌيءَ کي وڌيڪ ٿو ڏيڻ چاهي، ڪڏهن پٽ کي ٿو موهہ ۾ پرڻ چاهي، ڪڏهن پنهنجي زال جو ٿو خيال اچيس. هوءَ ڪڏهن ننهن سان نہ ٺهي سگهي تہ ڪيڏانهن ويندي؟ ڪيس رهڻ کان سواءِ هر مهني خرچ ڪير پهچائيندو سندس من ۾ ڪڏهن ننڍي ڳالهہ سمجهي ويندو هو ڪڏهن ايترا وڏا ڇلانگ ماريندو هو جيڪر ڪنهن سان بہ ڪاڄهہ ڀلائي نہ ڪري. پر بيماري کيس سست بڻائي ڇڏيو، ڇڻ هو پاڻ کي ڪمزور سمجهندو هو. ڪڏهن مالڪ جي پاڻ مٿان مهر سمجهندو هو، جو سندس اولاد ساڻس سٺو هلندو هو. ٻڌندو هو تہ ڪڏهن سندس ئي من ڪنهن بہ وشواس ۾ نہ ايندو هو.

اها امبولنس هلي وئي پر مان ان ئي خيال ۾ هوس تہ الاجي گولاڻي اهو سڀ ڪاڄهہ ملڪيت ورهائي ويو الائي نہ. پنهنجي ٺاهيل لسٽ موجب وصيعت تي صحي ڪري، شاهد بڻائي ويو الائي نہ. ائين تہ نہ ٿيو هجي جو هن ڪاڄهہ فيصلو ئي نہ ڪيو هجي ۽ امبولنس کيس ڪٽي شمشان تائين پهچائڻ وئي هجي.

■■■

# ٻہ ڏينهن

تو پڇيو ”روئين ڇو ٿي؟“

”اڄ منهنجي پيءُ کي گذريءِ هڪ سال پورو ٿيو آهي، هنجي اڄ ورسي آهي، مان ان سڀئي گهر ۾ ڪيئن وڃان؟ جتي مان پنهنجي پيءُ سان گڏجڻ وئي هيس. ۽ سندس اکين جي آپريشن ڪرائڻ وقت ٿي چار ڏينهن سندس سنڀال ڪرڻ ضرور هو. سندس ڌيءَ جي شادي ڪيل آهي ۽ ڪئنيڊا ۾ رهي ٿي، هن جو ئي رات فون آيو هو تہ مان هنجي ورسي ملهائڻ لاءِ جيڪي ڪجھ ڪري سگهان، ضرور سندس ئي گهر وڃي ڪريان! پاٺ پڙهي نٿي سگهان، ڪيرتن ڪري نہ ٿي سگهان صرف ڪن غريبن کي کٽو ڪري ميوو وغيره کارائي، هن جي آتما کي شانتي بخشڻ جي ڪوشش ٿي ڪري سگهان.“

پر مان پيءُ جي گهر ڪيئن وڃان؟ پيٽيوئي ڪي ڪيئن ڏسان، هن سان ڪيئن ڳالهيان؟

سچو سال مون جيڪا من جي پيڙا ڀوڳي آهي، ان جو ٿي سگهي ٿو ڀنيت نڪري پوي! مان ڪجهه ٻولي وٺان. منهنجو پيٽويو ٻاهران ڏسڻ ۾ سادو سودو آهي، پنهنجي برادري ۾ مشهور ماڻهو آهي. مٿن مائٽن ۾ ڏسٽو و ائسٽو آهي.

اهي ٻه ڏينهن جيڪي مان هنجي گهر سال اڳه رهي هئس، منهنجي پيءُ ۽ منهنجو پيٽوئيو هڪ ئي پلنگ تي سمهيل هئا. منهنجي پيءُ جون اکيون پٽيءَ سان ٻڌل هيون يعنيءَ بند هيون، مان هال ۾ سيٽيءَ تي سمهيل هيس. اڌ رات جو هميشه جيان مان اُٿي هيس، رنڌٽي وٺان لگهندي مون ڏينهن رات ڪم ڪرڻ و اري چوڪريءَ کي مون رنڌٽي ۾ نه ڏٺو ۽ باٿ روم جي به بتي ٻريل نه هئي، هوءَ منهنجي پيءُ جي بيڊ روم ۾ پلنگه جي پاسي پٽ تي سمهي پيئي هئي ۽ هنجي پاسي ۾ منهنجو پيٽويو پلنگ تي سمهيل هو پر اڌ پلنگ کان هيٺ ليٽيل هو يا ان گهرو اري مائيءَ جي مٿان لٽڪيل هو. اهو سڀ مون پنهنجي اکين سان ڏنڌلي روشني ۾ ڏٺو ۽ دنگ رهجي ويس. ساري رات ڦٿڪندي ننڊ نه آئي. جي ان وقت رڙ ڪريان ها ته پيءُ اٿي پوي ها ۽ ان آپريشن و اري وقت هوءَ اهو ٻڌي پريشان ٿي وڃي ها پر ڪٿي سندس اکه جو آپريشن ڪٿي خراب نه ٿي پوي اهو خيال آيو. صبح جو ان ڪم و اري مائيءَ کي رنڌٽي ۾ سمهيلُ ڏٺم. جو اني و اريون انگرايون ڏيندي اُٿي بسترو ڏاڪڻ ۾ رکي چانهه ٺاهڻ کي لڳي وئي.

پيءُ کي بند اکيون هوندي برش ڪرايم ۽ بهانو ڏئي مان و اپس گهر موٽي آيس. وري نه ويس ۽ منهنجي پيءُ به اکين جي انفيڪشن ۾ جلد گذاري وئي. ۽ ائين مان سارو سال روئندي رهيس ۽ اڄ روئڻ جو سبب توکي ٻڌائي پنهنجو من هلڪو ڪيو اٿم.

■■■

# موُت جو سڏ

اِئين ٻڌندو پيو رهيو آهيان پر اِن ڳالھہ کي هرو ڀرو ذهني طرح مظبوطي سان نہ کنيو هوم.

مالنيءَ کي مون ڏٺو بہ نہ هو، پر هوءَ ٢٢ سالن جي عمر ۾ هئي. چوڻ ٿا سھڻي، ڊگھي قد جي هئي، هر وقت پيئي مُسڪرائيندي هئي. شاهوڪار پنجابي ڪٽنب مان هئي. ايتري ڦر جو نوڪري ڪرڻ بہ پنھنجي ڊرائيوَر سان موٽر ۾ ويندي هئي.

منھنجي پوٽي راشيءَ جي ساهيڙي هئي. هِنن ٻنهي گڏ اِنٽرنئشل اَڪائونٽس ڪورس جو اِمتحان ڏنو هو ۽ ٻئي پاس ٿيون هيون. ساڳئي عمر جون هئڻ ڪري، پاڻ ۾ هِري مڙي ويئون هيون. ٻنهي کي وڏين وڏين ڪمپنين ۾ نوڪري بہ مِلي ويئي. هڪ کي مرين لائينس اِسٽيشن جي ويجھو ۽ ٻيءَ کي ناريمن پائنٽ تي اوبيراءِ هوٽل جي لڳ لڳ.

ٻئي پنھنجي پنھنجي موٽر ۾ نوڪريءَ تي وينديون هيون. راشي، پاڻ ڊرائيوَ ڪري ويندي هئي ۽ مالنيءَ کي سکڻ کانپوءِ بہ ڊرائيوَ ڪرڻ جو

پورو آزمودو نہ مليو هو. اِنڪري ڊرائيوَر سان ئي ايندي ويندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي بہ موٽر گئراج ۾ ٺهڻ لاءِ ويندي هئي تہ پئي گڏجي هڪ ئي موٽر ۾ ويندیون هيون ۽ ڪيترائي دفعا راشيءَ سان گڏ مالني واپس موٽندي, اَسان جي گهر ۾ اچي ويهندي هئي. جيستائين سندس پاءُ يا پيءُ ڪيس وٺڻ اچي. چو تہ اَسين مهيم ۾ تہ هوءَ باندرا ۾ سمنڊ جي ڪناري رهندي هئي.

گوئا, شرڊي بہ گڏ هنجي فئمليءَ سان ويندیون هيون. هِنن پنهي چارٽرڊ فنانس اَڪائونٽنٽ جو اِنٽرنئشنل اِمتحان هن سال جنهن جو مرڪز ڊبئي هو, اُهو گڏ اِمتحان ڏيڻ ويون هيون. ڪلاسز ۾ بہ گڏ هيون.

چناچہ ڏينهن مالني, پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ, عليباغ مان هوندا سِٽي ۾ واپس موٽي رهي هئي. موٽر آزمودگار ڊرائيوَر هلائي رهيو هو. ڪاجهہ ڪلوميٽر جي سفر ڪانپوءِ مالنيءَ ڪي سي.ڊي. بدلائي پي سي.ڊي. موٽر ۾ هلائڻي هئي, هوءَ پٺئين سيٽ تان اڳئين سيٽ تي وئي ۽ سي.ڊي. بدلائڻ واري هئي جو ڪاپي پاسي کان هڪ ٽرڪ زور سان آئي ۽ هِنجي موٽر کي زور سان اچي ٽڪري ۽ ٢٢ سالن جي نوُجوان نينگر, بنا ڪنهن ڏوهہ جي, چيچجي وئي. ڊرائيوَر بچي ويو. پٺيان ويٺل ماءُ پيءُ بہ ٿورن زخمن سان پاهر نڪري سگهيا پر مالنيءَ کي مغز تي زخم رسيو. اِسپتال ۾ پهچندي ئي کيس مئل چيو ويو.

مالني, راشوءَ کي هميشہ پيار سان 'راش' سڏيندي هئي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن جو حادثو نہ ڏٺو هو. هوءَ هن جي گهر وئي, جتان اِسپتال ۾, پوءِ اُتي سندس اکين اڳيان کيس ڪائيءَ تي ڪنيو ويو. راش اهڙو نظارو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هوءَ روئندي آئي ۽ روئندي مساڻ ۾ بہ پين سان گڏ هلي وئي. پنهنجي ساهيڙيءَ جي چٽيل لاش کي, اِليڪٽرڪ جي چکيا تي رکندي, بٺيءَ جي اَندر ويندو ڏٺو. مالنيءَ جي ماءُ ۽ پاجائيءَ سان گڏ روئندي رهي پر وريو ڪاجهہ بہ نہ. ڪاجهہ منٽن ۾ ئي هڪ وڏو آواز آيو ۽ سندس ساهيڙپ جو جڻ پڇاڙي اچي وئي.

هوءَ گهر واپس آئي پر هڪ هڪ نظارو, گويا فلم جي هڪ هڪ سين ٻڻجي هِنجي ذهن ۾ هلندي رهي. هوءَ ڪيئن مالنيءَ سان وڏو اِمتحان ڏيڻ

ويئي هئي، ڪيئن ڪيس وڏي فرم ۾ نوڪري ملي هئي، ڪيئن راشيءَ کي سال ۾ چار لک مليا پر مالنيءَ کي ٽي لک، جنهن ڪري ٿورن مهنن کانپوءِ هن نوڪري ڇڏي ڏني هئي. وڊيڪ پگهار واري ڪمپني ڳولهي رهي هئي.

اِن وچ ۾، هِن ايم.ڪام جي اِمتحان جا ٻه ٽرمس راشيءَ سان گڏ رکيا هئا ۽ اِهو اِمتحان ڏيڻ بعد ٻنهي ايم.بي.اي. جي ٻه ڊگري گڏ وٺڻ جو پڪو اِرادو ڪيو هو. مالنيءَ جي گهر ۾ ڪوبه شغل ٿيندو هو ته راشيءَ کي ضرور سڏ ٿيندو هو. هفتو گذري ويو آهي پر اڃان راشيءَ کي ساهيڙيءَ جي ياد ستائي رهي آهي.

اِن دؤران گهر جي وايومنڊل کي هڪ ٻئي حادثي ۾ ڪٽنب جي سيني ڀاتين تي اثر ڇڏيو آهي.

ڪشور لال رات جو اُٿيو، باٿروم ۾ ويو پر سڌو ٽئين ماڙي تان گرائونڊ فلور تي وڃي ڪريو ۽ مغز چٿجي ويس. موت جو سڏ کيس به ڳ هلي ويو.

سندس بلڊنگ جي مئنيجر رپيئرنگ گذريل ڪجهه مهنن کان چالو هئي. فليٽ ۾ ٻه باٿروم هئا. هڪ باٿروم کي ٺهرائڻ لاءِ هڪ ٻئي جي مٿان جتي باٿروم هئا اُنهن کي کوٽائي ڪانٽرئڪٽر هڪ ئي وقت ٺهرائڻ چاهيو. اُن بعد ٻنهي باٿرومس کي ٺهرائڻو هوس. اِنڪري هڪ باٿروم کي هڪ ٻئي هيٺان سيني باٿرومن کي کولائي ڇڏيو هو. هوند کيس عارضي طور پلاءِ ووڊ هٽي جو وڏو سوراخ بند ڪرائڻ کپندو هو. پر هِن اِئين نه ڪيو. ڪشور لال اوندهه ۾ رات جو اُٿيو ۽ هڪ ٺهيل باٿروم بدران ٻئي کليل باٿروم ۾ هلي ويو ۽ سِڌو وڃي گرائونڊ فلور تي وڃي ٽڪاءُ ڪري پيو ۽ سندس مغز ڦاٽي پيو جو اُن مهل ئي پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويس. هِنجي هم ساٿڻ به ٿوري وقت کانپوءِ جاڳي ۽ پنهنجي پتيءَ کي ڳولهڻ لڳي. ڪنهن به ڪمري ۾، هال ۾، باٿروم ۾ ڪونه هو. هوُ آخر ڪيڏانهن ويو؟ هوُ گ رائونڊ فلور جي باٿروم ۾ وڃي ٽئين ماڙي تان ڪِريو هو. سڀ حيران. اِئين موت جو سڏ. ڪير ڪڏهن ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ٿو هلي، اِهو ڳالهه آهي، ڪنهن کي خبر ڪانهي.....

■■■

# ڏاڏي جو پوٽين ڏانهن خط

ننڍي هوندي هميشه هناج ۾ هوندين هيون. رچيتا برائوني ٻليءَ کان ڊڄندي هئي ۽ راشي ٻليءَ پٺيان گھمندي هئي. جنهن مهل اسڪول وڃڻ جو وقت ٿيندو هو، هوءَ ڏاڪڻ هيٺيان اڳ ئي انتظار ۾ ويٺي هوندي هئي ۽ راشي ته اڌ نيرڻ ڪندي ڪجھ ٻاچائي بسڪيٽ، پيسٽري برائونيءَ لاءِ کڻي ايندي هئين ۽ ائين ٻليءَ کي تو هيري چڙيو هو ۽ پنهنجي ٽيچر کي خوش ڪرڻ لاءِ هميشه ٻه چار گل کڻي ويندي هئين ۽ مان وري تنهنجا اهي انگل سمجھي نيون نيون شيون بازار مان ڳولهي ڳولهي وٺي ايندو هوس ۽ وقتي ته ڪالوني ۾ گھمندي پين جي ڪونڊين مان گل ٿورا پٽي ايندو هوس. رچيتا ! توکي پوني جو ڪيڪ ۽ اتي جا شوبري بسڪيٽ ننڍي هوندي کان ئي وڻندا هئا ۽ آهن اڄ ٻه اهي ڳولهي تو لاءِ بنا چوڻ جي ميسر ڪندو آهيان.

جيڪڏهن اوهان مان ڪو پوٽو هجي ها ته ٻه اوترو ئي ڪريان ها جيترو اوهان ٻنهي جي پٺيان پيا گھمون. اوهان جو هجڻ، اوهان جون ادائون ۽

اوهان ۾ اڪيل موهہ، پوٽي ۽ پوٽيءَ ۾ ڇڻ فرق ئي غائب ڪري ڇڏيو آهي.

اوهان ٻئي اسڪول مان ڪاليج ۾ ويون ۽ وڏيون ٿي ويئيون آهيو. خبر تڏهن پئي جڏهن ٻڌايو ويو تہ اوهان ٻئي پارت کان ٻاهر وڃي ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهي پڙهي پنهنجو ڪئريئر ٺاهڻ ٿيون چاهيو.

مون کي ياد آهي جڏهن راشي، ڪاليج سان دهلي جي ٽرپ تي وئي هئي؟ جيئن ئي کيس خبر پيئي تہ مون کي هاسپيٽل ۾ ائڊمٽ ڪيو ويو آهي ۽ دل جو آپريشن ٿيڻ وارو آهي، هوءَ ان ٽرپ تان اڌ مان ئي واپس موٽي سڌو هاسپيٽل ۾ ايئرپورٽ تان ئي هلي آئي هئي ۽ ان وقت چيو هئائين ”دادا مان اوهان جي نئين سوئٽ ڪار ڪٽي ڇڏي آهي، مان آفيس ۾ ڪار ۾ ويندس. مون کيس ناڪار ڪرڻ بدران چيو هو ’پل ’پوٽو هجي ها تہ بنا ٻڌائڻ جي ڪار ڪٽي وڃي ها پر پوٽي آهي، اها تہ ساڃاهہ رکي اٿائين.

اڃان ايم ڪام جو فائنل امتحان جو رزلٽ ئي نہ آيو اٿس، هن وڏيڪ پڙهڻ جو فيصلو ٻڌايو هوءَ ايم.بي.اي جو انٽرينس امتحان جلد ڏيڻ واري آهي پاس ٿيڻ تي، ٽن سالن لاءِ ائمريڪا ويندي ۽ اتي جي يونيورسٽي ۾ فنانس جو ڪورس ڪندي ۽ وڏي ڊگري وٺندي. هن ئي ٻڌايو تہ ننڍي پوٽي بہ بايوٽيڪ ۾ ڊسٽنڪشن کڻڻ تي ٿيون سال پاس ڪري، لنڊن ڊگري وٺڻ لاءِ ويندي، ٿي سڳهي ٿو کيس ڪاليج ۾ پهريون نمبر اچڻ تي برٽش سرڪار وٽان اسڪالرشپ بہ ملي.

مون ڪلندي چيو هو ”ڇريون آهيو ڇا؟ مذاق ٿيون ڪيو-؟... جڏهن ننڍيون هيون، مون کان سواءِ رهڻ نہ چاهينديون هيون يا اوهان کي ڇڏي مان ڪيڏانهن ٻاهر نہ وڃان... هاڻ وڏيون ٿيون آهيو تہ ماڳهہ پاڇڻ ٻاجاءِ ٻڌائي رهيون آهيو، ڇا اوهان پنهنجي ماءُ پيءُ کان پڇيو آهي؟

جڏهن خبر پئي تہ ماءُ ۽ پيءُ آهي اوهان جي ڪئيرئر ٺاهڻ جي وچم نہ ٿا اچڻ چاهين ۽ اوهان ڪن ٻين جي ٻارن وانگر وديش مان ڊگريون ٿيون وٺڻ چاهيو، مان چپ ٿي ويو آهيان. ڇا چوان، ڪنهن کي چوان؟ پاڻ کي سمجهاڻو پوندو...

اسان ٻنهي جي وڏي عمر، پٽ ٻاهر هاڻ پوٽيون بہ ٻاهر وينديون.

بس جتي هجو خوش هجو، ٻاچڙيون!

اوهان جو دادا. ■■■

# تون سنڌ ۾ رهي پئه!

ان ڏينهن لڳ ڀڳ سڀ پنهنجي پنهنجي ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ ان لاءِ ئي ترسيل هوس. اسين درازن ۾ رهيل هئاسون. سخي سائينءَ جا ڪي صبح کان ئي پاسي وارن ڳوٺن مان مريد آيل هئا. مان ان وقت سندس آفيس ۾ ويٺو هوس. هيڏي وڏي آفيس آهي. هڪ طرف ڪين مليل ٽرافيون رکيل آهن، ڪي انعام مليل اُڪريل پليٽون به آهن ۽ ٻيءَ پت تي ٻاهران وڏي شاهي شوڪيس ٺهيل آهي، جنهن ۾ دنيا ڀر جا وڏن وڏن ليکڪن جا لکيل ڪتاب ٺاهي رکيل آهن. گويا شخصي لئبرري هجي . ان ۾ 'سپون' مخزن ڪي به سينگار لاءِ ڏني وئي آهي ۽ پاروءَ جو لکيل 'ستر مٽڪا' ۽ منهنجا لکيل ڪتاب 'شادي جي پهرين رات' ۽ 'اڄ جون ڪهاڻيون' ڪيٽ جي شيشي مان سڏي رهيا آهن.

وڏي شاندار ٽيبل جي پرئين پاسي، سخي سائينءَ جي ليدر چڙهيل ڪرسي پئي آهي، پاسي ۾ ڪامپيوٽر ۽ ٽي چار ٽيليفون. اڳيان آيل مهمانن يا گڏجاڻي ڪرڻ وارن لاءِ ٽي سهڻيون ڪرسيون رکيل آهن ۽ پاسي ۾ ٽي

سوفا، جنهن تي نو ماڻهو تہ آرام سان سمائجي ٿا سگهجن.

ان وڏي آفيس جي هال سان ڳنڍيل ٻہ ننڍا ڪمرا آهن، هڪ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ سڀ سهوليتون آهن ۽ ٻئي ۾ فرج وغيره رکيل آهن.

آيل مهمان ڪو خاص گهوٽ ڪنوار جو مسئلو کڻي آيا هئا ۽ انهن جي اڻبڻت جو نبيرو ڪرڻ لاءِ سخي سائين اڳيان منجهيل سُٽ جو ڍيرو رکيو هئائون. مان اتان کسڪي ويس. حويلي کان ٻاهر نڪري ٽانگي ۾ ويهي پنهنجي ڳوٺ راڻيپور هليو آيس. هاجنا شاهہ جي پاسي کان ڦري بازار ۾ ريلو مل پڪوڙائيءَ جي دڪان کي ڳوليندو رهيس. اهو دڪان تہ نہ مليو، پر ان جي پاسي واري گهٽيءَ جي ڪنڊ تي هڪ وڏو پپر جو وڻ هوندو هو، اهو ڳولي لڌم، اٽڪل 56 سال اڳہ ان پپر جي وڻ جي ٿڙ جا چوڏا مون ۽ الله رکيءَ گڏ لاٿا هئا ۽ ٻنهي گڏيل نشاني ان ٿڙ تي اُڪيري هئي، پر اڄ اها مون کان نہ لڌي. لڳي ٿو ڪنهن اها مٽائي ڇڏي يا مٽجي وئي هئي.

پنهنجي حويليءَ جي سڀ کان مٿي واري ماڙيءَ تي اسين سڀ پاڙي جا ٻار 'دادن دادين' راند ڪندا هئاسون. سينئي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي الڳ الڳ راند ڪرڻ لاءِ ڪردار ملندا هئا. پر الله رکي هميشه، ان حويليءَ جي مالڪڻ ٿي رهڻ چاهيندي هئي ۽ ڪٽ تي ويهي حڪم هلائيندي هئي. ان ٻاراڻي راند جي ڪردار هن کي سچ پچ جي مالڪڻ بڻجڻ جو حسين خواب اندر ۾ پڪو ڪري ڇڏيو هو.

الله رکي، ايتري حسن ۾ پڙ هئي، جو هن جي بدن جو هر انگ مدهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، مان زميندار ۽ شاهوڪار هوس، نہ صرف راڻيپور ۾ وڏي حويليءَ کان سواءِ ڪيترين ئي جايون هيون، دڪان مسواڙ تي ڏنل هئا، کوه ۽ دواخانو غريبن لاءِ مفت ۾ کليل هو.

ڪراچيءَ ۾ ويهہ فليٽن واري بلڊنگ هئي، جنهن ۾ ١٦ فليٽون مسواڙ تي ڏنل هيون ۽ هر سال جيترو ٻہ ناڻو ڪمائبو هو، ان مان راڻيپور ۾ جاين ۾ تبديل ٿيندو ويندو هو. ٻئي طرف الله رکيءَ جي سونهن ساري رياست ۾ مشهور هئي.

هن دفعي مان لاڳيتو به سال راڻيپور ۾ رهيل هوس. مون کي پورو ياد ناهي ته ان جو سبب ڪهڙو هو، ڪا مڙيوئي ويڙن هئي، جنهن ڪري ڪراچيءَ ۾ نه رهي، اسان راڻيپور ۾ اچي رهيا هئاسون. نه ته سال ۾ موڪلن ۾ مهنو کن ايندا هئاسون ڪراچيءَ جي سرائي ڪوا ٽر واري اسڪول مان نالو ڪيائي آيو هوس ۽ راڻيپور جي اسڪول ۾ اچي پڙهيس ۽ ان ماستر کان ٽيوشن گهر ۾ گهرائي وٺي پئي. جنهن الله رکيءَ کي به پاڙهيو ٿي. وقت بچائڻ لاءِ ماستر صاحب، الله رکيءَ کي به اسان جي اوطاق ۾ اچي پڙهڻ لاءِ چيو هو. منهنجي مائٽن الله رکيءَ کي اسان وٽ اچي پڙهڻ جي خوشيءَ سان اجازت ڏني هئي.

هوءَ گڏ پڙهندي مٿي ماڙيءَ تي رانديون ڪندي منهنجي موهه ۾ ڦاسي وئي ۽ هڪ ڏينهن هاجنا شاه درگاهه تي ويندي، ڪنهن خانه بدوش چوڪريءَ کان پنهنجي الڳ الڳ هنڌن تي مشين سان منهنجو نالو لکائي آئي. هن کي ايتري ته پڪ هئي ته هوءَ مون وٽ ئي ته شادي ڪري ايندي. ان حويليءَ جي ئي ته هوءَ مالڪڻ بڻجندي، پوءِ پنهنجي بدن تي ڪٿي به هوءَ 'ٽا' لکائي ٿي سگهي. اهو مشين سان اُڪريل نالو ڊاهي نه سگهبو آهي. اها هن کي به ڄاڻ هئڻ کپندي هئي. ان وقت ته مون به ان کي ايترو غلط نه سمجهيو هو. مان به هن جي ان پاڳلپڻي تي عاشق ٿي پيو هوس ۽ ڪانئس پڇڻ لڳس ته شاديءَ کان پوءِ حويليءَ ۾ هن کي ڪهڙو ڪمرو پسند هوندو. هن کي ڪهڙي قسم جا زيور پسند ايندا. سنها سنها سونا زيور يا سون جا ٿلها ڳٽ؟ هڪ دفعي هوءَ ٽيوشن وٺڻ لاءِ اڳ پهچي وئي هئي، ۽ ماستر صاحب کي اچڻ ۾ به ٿوري دير ٿي هئي. هن کي اچانڪ پياس ستايو، مون کيس چانديءَ جي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو. هوءَ شرمائجي وئي ۽ چيائين 'چانديءَ جي گلاس ۾؟' مون کيس چيو عجب چو ٿي کائين، صبح ۽ رات جو کير به هت چانديءَ جي گلاس ۾ ملندءِ؟ تون هن گهر ۾ اچ ته سهين.' هوءَ اهو ٻڌي عجب مان نهارڻ لڳي ۽ پاڻي پيئڻ لڳي. مون کي پڪيءَ طرح ياد آهي پاڻي پئيندي هن جي حسين ٻاچيءَ مان پاڻي اندر ويندو ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

وڏي ٿلهي جي وچ ۾ پپر جي وڻ کي ڇڏي، جيڪو ٽن وڏن رستن کي ملائي بيٺو هو، هڪ بازار پاسي، هڪ اسٽيشن ڏانهن ۽ ٽيون الله رکيءَ جي گهر طرف. الله رکيءَ جي گهر ڏانهن رخ رکيم. ڏاڍو ڏپ به پيو ٿئيم ۽ گڏو گڏ ائين پيو محسوس ڪريان ته هن جي سامهون ڪهڙي منهن سان وڃان؟ هوءَ ڇا چوندي، هن ڇا سوچيو هوندو؟ حقيقت ۾ ان دوران اسان کي ڪراچيءَ واپس وڃڻو پيو هو، ۽ مهينو کن پوءِ ديش جي ورهاڱي جي پٽرائي ڪئي وئي هئي. راڻيپور جي حويلي گهرو سامان، زر ۽ زيورن سان سٽيل هئي ۽ ايترو جلد اهو سڀ ڪجهه ٿي ويندو ۽ اسين راڻيپور مان ڀڄين واپس نه اچي سگهنداسين.

مون ٽانگي واري جي مدد ورتي ۽ کيس الله رکيءَ جي گهر اندر موڪليو. گهر جي ٻاهران اها ئي ننڍي پت لڳل هئي، مٿان شيشي جا ٽڪر ۽ ڪاٺ جي دروازي کولڻ سان اهو ئي چين چين جو آواز آيو 'ادا' اندر وڃي ڏس ڪير آهي، ۽ چئين ته انڊيا مان سندن ڪو مهمان آيو آهي ۽ گڏجڻ ٿو چاهي.

مون ٽانگي واري کي اندر ته موڪليو، پر منهنجي دل جي دڙڪڻ تمام تيز ٿي وئي، ڏپ چوڌاري وڪوڙي ويو هو. پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي. الله رکي زنده آهي يا نه. هوَ هتي ڇو هوندي، هن جو ته هي پيڪو گهر آهي. هوءَ ته ضرور شادي ڪري وئي هوندي، ڪنهن وڏي عملدار سندس سڱ گهري ورتو هوندو! گهر ۾ سندس ماءُ پيءُ يا رئيس ڪو پيو هوندو ته هو مون سان الائجي ڪيئن هلت ڪندا. مون ٽانگي کي ٿورو اڳيان هلائي بهاريو ۽ ائين به سوچي ڇڏيو هوم ته جي الله رکي نه هوندي ۽ سندس ڪو پيو هوندو ۽ منهنجو اچڻ کيس گوارا نه هوندو ته ٽانگي جي گهوڙي کي ڀڄائي ويندس ۽ ٽانگو ڪٽي به رستي تي ڇڏي، ٻئي ٽانگي ۾ واپس درازا هليو ويندس.

منهنجو سارو خيال ان ٽانگي واري ڏانهن هو، جيڪو ان گهر اندر ويل هو، واپس هو ڪهڙي حالت ۾ ٿو نڪري يا ڪهڙو نياپو ٿو آڻي! اهو ڪاٺ جو دروازو چين چين آواز ڪندي وري کليو، ان مان ٽانگي

واري سان گڏ هڪ عورت ٻاهر نڪتي. ڪرتو ۽ پاجامو پاتل، ٻچيءَ چوڏاري ڪاري شال اوڍيل، چنڊ جي چانڊني کان اُڏاري ورتل سونهن، وارن ۾ چانديءَ جون تارون، اکين ۾ پيار پرپيا سڏ، نرڙ تي عمر ڏيکاريندڙ گهنج، چهڙي ۽ ٻچيءَ تي انتظار ۽ عجب پرپيا احساس! هوءَ ٽانگي طرف وڌندي آئي ۽ مان هيٺ لٿس. 'ابا! تو هان ڪي ڪنهن سان ملڻو آهي؟ اوهان ڪٿان آيا آهيو؟'

'الله رکي؟... 'اڙي تون منهنجو ٽاڪر آهين ڇا؟' بدن ڪنبڻ لڳو، دل ڪي ڌوڏو اچي ويو. زبان مان ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ نه ٿي اُڪليو. هن مون ڪي سڃاڻي ورتو، هٿ پڪڙي گهر اندر وٺي آئي. ٽانگي وارو وات ڦاڙي نهاري رهيو هو. گهر جي چوطرف نهاري، اُتي پيو ڪير آهي، جائزو وٺي رهيو هوس. هوءَ منهنجي دپ کي سمجهي وئي ۽ پاڻهي چيائين، 'گهر ۾ ڪو به ڪونهي...' هڪ هڪ ٿي سڀ رب و ٿ پهچيويا...لڳي ٿو مان به تنهنجي انتظار ۾ زنده رهي آهيان... تون مون کي هت ڇڏي چو وئين ۽ وئين ته واپس چو نه آئين؟'

'الله رکي! توکي خبر آهي مان اچانڪ ڪيئن ويو هوس. اسان کي ڌنڌي ۾ وڏو نقصان پئجي ويو هو. جو ڪراچيءَ واري آفيس سان گڏ هڪ سئنبڪيٽ ٺاهي هئيسين ۽ ان معرفت سنڌ جي الڳ الڳ شهرن ۽ ڳوٺن مان اناج وٺي، بنگال پارٽ جي هڪ اسٽيٽ ۾ موڪليو هئوسين ۽ اتان رقم اچي ان کان اڳ ئي ديش جو ورهاڱو ٿي ويو... هي منهنجي ڳل ۽ نڪ تي نشان ڏسين ٿي، اهي تو پهرين نه ڏٺا ها، ۽ هاڻ به انهن ڏانهن تنهنجو ڌيان نه ويو آهي، ڇو جو اُن خوشيءَ ۾ ئي گم آهين ته مان تو وٽ آيو آهيان... اهي نشان ڪراچيءَ ۾ اسان جي گهر مٿان مهاجرن حملو ڪيو هو ۽ سڀ سامان، روڪ ۽ زيور ڦرڻ لاءِ هنن چاقن ۽ ڇرن جو استعمال ڪيو هو ۽ منهن تي ۽ پٺيءِ تي گهاو ڪندي، هو تجوڙي کولي سارو ملڪيت مال ڪٽي ويا ۽ ان ڌڌڪي ۾ منهنجي پيءُ جي دل جي دڙڪڻ بهجي وئي ۽ ننين پائرن پيڻ کي سوئٽن سان گڏ مون پارٽ موڪلي ڇڏيو هو... مان ٽرين جي ٽڪيٽ وٺي راڻيپور اچڻ وارو هوس، جو اڳئين ڏينهن ڪراچي اسٽيشن تي سنڌ جي ڳوٺن مان اچڻ وارن هندن جو خون ڪيو ويو ۽ هلندڙ ٽرين مان ڪن هندن کي اُڇلايو به ويو هو ۽ ڪو به هاڻي روڊ تان راڻيپور

اچڻ لاءِ ئي تيار نہ هو ۽ ائين منهنجي تو سان پريم جي ورهاڱي جي لِهس، پاڇاٽي ڪئي. مان بہ مجبور هندستان هليو ويس.' مون توکي اتي بہ ڏاڍو ياد ڪيو، پر ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيس...هاڻ تون ٻڌاءِ تنهنجي اڌ صدي ڪيئن گذري؟'

'حالتن کي جاچي مون کي بہ توکي وسارڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ابي ۽ اميءَ منهنجو وواه هڪ پير جي پٽ سان ڪري ڇڏيو. جنهن گويا منهنجي سونهن کي پائي وڏي کيپ ڪٽي هئي ۽ هڪ ڏينهن منهنجي بدن تي لڪيل 'تا' وڏو قهر ڪيو...مون کي خوب ماريو ويو، ان 'تا' جو راز سلائڻ لاءِ مون ساڻ حد سختيون ڪيون ويون. مون کي ڪاڌو ڏيڻ بند ڪيو ويو، پر مون ڪجهہ نہ ڪڇيو. اهي منهنجي محبت جون نشانيون هيون، اُهي مون نہ سليون...مون کي خبر هئي تہ سچ ٻڌائڻ سان بہ مون کي ڪهاڙو هٽي ڪُٽو ويندو، ۽ چپ رهڻ سان بہ! روئي روئي مان بيمار ٿي پيس. مون کي ٽي.بيءَ جي بيماري ٿي پئي، منهنجي خاوند شڪي قسم جو انسان هو، هن منهنجي دوا درمل ڪرائڻ بجاءِ مون کي پيڪن ۾ موڪلي ڏنو...منهنجو ابو ۽ امي منهنجي هيءَ حالت ڏسي سهي نہ سگهيا ۽ رب وٽ پهچي ويا...نندپڻ تہ تو سان گذاريم. جڏهن جو اني ماڻٽي هئي، توکي ورهاڱي مون کان جدا ڪري ڇڏيو...هاڻ ٻڍاپي ۾ تون سنڌ ۾ رهي پئہ، مان تنهنجي شيوا ڪري زندگي گذارڻ ٿي چاهيان...' الله رکي جو اچانڪ ساهہ منجهڻ لڳو، هن کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي. مون ٻاهران ٽانگي واري کي ڪوٺيو ۽ کنهن ڊاڪٽر کي ڪوٺڻ لاءِ چيم. ان وچ ۾ هن جي منهن تي آهستگيءَ سان ٿڦڪيون هڻڻ لڳس. پر هن کي ڊاڪٽر هٿ نہ لڳو ۽ اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ هو هڪ حڪيم کي وٺي آيو، حڪيم ناڙ (نبض) کي جاچڻ بعد چيو، 'هن جو پران پکيئڙو تہ اُڏامي ويو آهي.'...مون الله رکيءَ جي ڇهري کي چميو ۽ کيسي مان آندل هڪ منبي ڪيي سندس ٻاچ ۾ پاتي، جنهن تي اُڪيريل هو 'تا'.

آس پاس ۾ رهندڙن کي سڌ پئي، هو آيا. هن جي مائٽن کي اچڻ لاءِ نياپو موڪليو ۽ مان گلابن جي گلن جون ڪنڍيون آڻڻ جو بهانو ڪري، اتان

ڪسڪي آيس.ڳويا سڄي زندگيءَ کان دور هليو آيس، ڳيدين ۽ انگر لڙائيءَ جو ميدان ڇڏي ڀڳس. مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. اچانڪ هي سڀ ڇا ٿي ويو. هڪ خوف مون مٿان حاوي پئجي ويو هو. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مون کي ڌپ ٿي رهيو هو. هن جا مائٽ الائجي منهنجو اتي هجڻ گوارا ڪري سگهندا يا نه! مان انڊيا مان آيل هوس. اهو هنن کي ڪيئن لڳندو؟ جيڪڏهن هو تنگدل هوندا ته ٿي سگهي ٿو هو پوليس کي ڪوٺين ۽ الله رکيءَ جو موت ڪيئن ٿيو؟ مان هن وٽ ڪيئن هوس وغيره؟ مون کي لڳو چپ چپ ۾ اتان هليو وڃڻ ئي سياڻپ پريو ٿيندو.

ٿانگي وارو سنڌي مسلمان هو، هن کي وشواس ۾ ورتم ۽ ڪيس ٻن ڏينهن جو عيوضو به ڏئي ڇڏيم ۽ ڪيس هن گهر جي خبرچار ڏيڻ لاءِ سچل سرمست جي درگاهه کان ٻاهر نڪرڻ تي. هڪ پي.سي.او آهي. اتي اچي هن لاءِ رات جو ۹ بجي ترسندس. هو آيو ۽ ٻڌايائين ته الله رکيءَ جا مائٽ سڀ پنج مون کي ڳولي رهيا هئا. انهن مان هڪ شخص ته ماڳهين غصي ۾ اچي ويو هو ۽ چيائين پڪ ئي پڪ شام واري ٽرين ۾ هو سکر کان يا ڪراچيءَ کان انڊيا پاڇي ويو هوندو. پڪ اهو ئي هندو هوندو. جنهن جي ڪري الله رکي شادي نه پئي ڪري...

مون ٿانگي واري کان پهريون پيرو سندس نالو پڇيو، چيائين، خميسو ! ادا خميسا! هڪ ٻي مهرباني ڪر، مان ته ان گهر ۾ نٿو وڃي سگهان، تون صبح جو ۹ بجي مون ساڻ هت گڏجج، مان توکي هڪ گلن جي چادر ڏيندس ۽ سچل سرمست جي درگاهه جي مٿيءَ لپ، اها قبر ۾ جڏهن الله رکيءَ کي آرامي ڪيو وڃي، منهنجي پاران ان مٿان وجهج. مالڪ ڀلي ڪندو...!

۽ ائين ننڍپڻ جو پهريون پيار هميشه لاءِ وڃائي واپس موٽيس.

(هن باب کي، ڪهاڻي ڪري الائجي گهٽين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اردو، هندي مراٺي ۽ انگريزي به آهن)

■■■

# جسم پرزا پرزا

ها، هن جو نالو ديوي آهي. هي جسم به ديوي جو آهي، جنهن جا ٽي ٽڪرا ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن سندس سسي سالم نه هجي ها، چهرو سڃاڻڻ ۾ نه اچي ها ته ڪنهن عورت جو جسم ئي لڳي ها.

هوءَ ڪير هئي، سندس آکه ڪهڙي هئي، ڪا به خبر ناهي، هوءَ ڏهن سالن کان سنڌي ڪلچرل پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندي هئي ۽ سندس نالو ديوي هو ۽ سنڌونگر مان ايندي هئي جنهن آرتوار ڏينهن سنڌي پروگرام هوندو هو، صبح جو سويل سنيري گهر جي ڀاتين کي ناشتو پهچائي، ماني رڌي نڪري پوندي هئي ۽ اسين جيستائين سيتا سنڌو ڀون هال ۾ پهچون، هوءَ اسان کان اڳه ئي اتي پهچي ويندي هئي.

مان ڪڏهن پڇندو هوسانس ايترو جلد ڪيئن ٿي پهچين، جيسين گهر گڏيل ڪٽنب ۾ رهندي، سس، ڏيراڻي، گهوٽ ڪو به نه ڪاجهه نٿو چوئي؟ جواب ڏيندي چوندي هئي 'هت اچڻ لاءِ ڪو به جهليندو نا

هي پاڻ جلدي جلدي ڪرڻ ۾ ساٿ ڏيندا آهن.

اڳيئين پروگرام ۾ هوءَ ٻاهر ئي بيٺي هئي، موٽر مان لهڻ شرط ئي چيائين پئوچ ڪوليو.... پئوچ ڪوليو... اوهان لاءِ چاڪليٽ ڪٽي آئي آهيان مان عجب ڪائيندي پئوچ ڪوليو، هن دٻئي جا چاڪليٽ ٻه ان ۾ وڌا.... پر مان سوچي رهيو هوس هن کي ڪيئن خبر پئي ته مان لڪي لڪي چاڪليٽ کائڻ پسند ڪندو آهيان....' اجان ٿورو اڳيان وڌيس ته چيائين هيءُ مٺائي جو پئڪيٽ ٻه موٽر ۾ رکان ٿي، اوهان لاءِ منهنجي ڌيءَ وٺي آئي آهي.مون چيو وري ٻئي دفعي ڇا وٺي ايندا؟ هاڻ ئي ٻڌائي ڇڏيو....'

مون کي ڪھڙي خبر نه هوءَ خود ئي ٻئي دفعي اچي ئي نه سگهندي، مون کي ياد آهي، ڪجهه مهنا اڳ جڏهن بيمار هوس هوءَ هر مندر درٻار وڃي دعائون پنندي هئي ۽ هر دفعي ڪو نه ڪو تعويز يا سڳڙو ڪٽي ٻڌي ويندي هئي. هن جو اسان ۾ ايترو موه ڪئين ٿيو ۽ ڇو ٿيو هو، اهڙو ڪھڙو سنٻنڌ هو هنجو اسان ساڻ؟

هڪ دفعي مون هن کان پڇي ورتو آخر تون اسان جي ڇا ٿئين؟ ڪٿان آئي آهين.... ايترو جلد هيترو پريان ڪيئن ٿي پهچي سگهين ''مان توهان ۽ مما کي ايترو يائيندي آهيان، جو پنهنجي ماءُ پيءُ جي اوهان مان سڳنڌ ملندي آهي....صبح جو سوير ان ڪري گهر مان نڪري وقت سر هت پهچندي آهيان، جيئن مما جي شروعاتي رام نام جي ڌني ٻڌي سگهان ۽ سندس سنڌي ڪلام ٻه''

پروگرام پوري ٿيڻ کان پوءِ گڏ اچي ماني کائيندي هئي، پر پاڻ کائڻ کان آناڪاني ڪندي هئي پر اسان جي کاڌي جي اون رکندي هئي. ماني کان پوءِ ڪيترا ئي دفعا بهانو ٻڌائي ٽڏو گهرائيندي هئي يا ماڳهه آئيسڪريم ٻه آڻيندي هئي اسان جي گهر جا ياتي خود وائڙا ٿيندا هئا ته آخر هوءَ ڪير آهي!!

پروگرام ۾ ايندڙ پروگرام پورو ٿيندي هلي ويندا آهن پر هوءَ اسان کي اُماڻي پوءِ سنڌونگر لاءِ نڪرندي هئي ۽ جي وس پڄيس ها ته اسان ساڻ ئي گڏ هجي ها.

هن کي ڏسندي هن جي موهه کي جاچيندي هڪ ٻيءَ ديوي جي به اچ ياد پيئي هوءَ ڪراچيءَ ۾ اسان جي گهر جي پرسان واري فليٽ ۾ اچي رهي هئي. اُها فليٽ به اسان جي هئي، جا صرف ان جي علاج لاءِ هن جا مائٽ ڳوٺ مان هنڪي وٺي آيا هئا ۽ اسان جا مهمان ٿي اچي فليٽ ۾ رهيا هئا.

هن ڪراچيءَ واري ديوي جو الائڻجي ڪيئن مون ۾ موه پئجي ويو هو. مان ان وقت اسڪول ۾ پڙهندو هوس، ۽ ڪڏهن ڪڏهن وٽس ويندو هوس ۽ جڏهن هوءَ تندرست ٿي ڪراچي کان واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي رهي،هئي چنبڙي سڏڪا پريندي رهي ۽ وري نه ڳڏي.

رکي رکي ائين به خيال ايندا آهن ته ڪٿي اها ديوي ساڳي ته ناهي، جا ڪراچي ۾ ڳڏي ۽ وري ممبئي ۾ اچي ڳولهي لڌائين!

ان ڏينهن سنڌونگر به ڪنهن دربار ۾ پنهنجي هڪ ساهيڙي سان گڏ ڪنهن دربار ۾ ستسنگ تي ويئي، منجهند جو ينبدارو به کاڌائين، پرساد وٺي گهر ٿي موٽي ، ته گهٽي برسات جي ڪري ريل جا پٽا ڪراس ڪندي ٽرين جي هيٺان اچي ويئي، سندس جسم پرزا پرزا ٿي ويو، سندس چهرو الڳ صرف ساڃاٽپ لاءِ ئي سالم رهيو. سندس اهي هٿ به جسم کان ڌار ٿي ويا، جيڪي وقتي دعا ڪرڻ لاءِ منهنجي مٿي تي گهمندا هئا.

اڄ سيتا سنڌو پون ۾ ٻيو پروگرام آهي پر ديوي نه ايندي، اچڻ وقت دروازي وٽ به بيٺل نه هوندي، اهي پيار پريون آسائتيون اکيون به نه ڏسڻ ۾ ايندي‌ون نه ئي وري اهو جسم ئي پسي سگهبو، جو اڃان تائين ور ور ڪري اکين آڏو هليو ٿو اچي، جتي به هجي اسين ڪيس زندگي پر ياد ڪنداسين.....

■■■

# دوست جو خط

يار چا ٿو پڇين. اَندر جو حال ته سان ئي اوري سگھندو آهيان. هيءُ خط لکندي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻو ٿو پوي، متان ڪو پڇي وٺي. ڪنهن ڏانهن ٿو خط لکان ۽ ڇا ٿو لکان !

ٻيا اپو ته نه آهي پر هڪ زندگيءَ جو عجيب دؤر آهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي، جن پٽن کي ننڍي هوندي ڪلهن تي کڻي گھمايو. هاڻ هو ڪاڄهه به اسان جو سمجھن نٿا يا ڪاڄهه به ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهن.

ڪالهه سمنڊ جي ڪناري تي هڪ واقفڪار گڏيو. چيائين جڏهن ٻچڙا ان کي سزا ڏيٺي هوندي آهي، تڏهن به چار پٽ ڏيئي ڇڏيندو آهي ته پل پيا موهه جي پيڙا ۾ پيڙجون.

تنهنجو پٽ وديش ۾ ڪيئن ٿو گذاري؟ ڪمائيءَ جو حصو توکي گھر جي خرچ لاءِ موڪليندو آهي؟

منهنجو سڪيلڊو پٽ ته زندگيءَ جي ضرورتن کي سمجھي ئي نٿو. هڪ نوڪري ڇڏي ڏنائين. ٻيءَ نوڪريءَ لاءِ سينگاپور ويو آهي. ان نوڪريءَ ۾ به مزو نٿو اچيس. چا ڪپيس، ڪهڙي نوڪري ڪپيس، ڪا پوري چاڻ ئي نٿو ڏئي. زال اٿس. ٻار اٿس. هيترو سارو خرچ اٿس. هڪ نوڪريءَ تي ضرور ڄمڻ ڪپيس. پر ڪا به صلاح ڪيس اساڄي ته وٺي ئي نٿي. بس يار، من تي ٻوجهه هو، توکي لکي ڇڏيم. ■ ■ ■

# ڪلاڪار سان فوٽو

ان وقت پرتيما، شواجي پارڪ جي پاسي ۾ جتي فاير برگيڊ جون پاڻيءَ سان باھر وسائڻ واريون ١٠ مشينون بيٺل آھن ۽ اُتي ڪم ڪندڙ گھنڊ وڄڻ ڪي يا ڪنھن اطلاح ملڻ تي، ھر ڪم اڌ ۾ ڇڏي ھلندي ھلندي ڪپڙا پائيندي، مشينن سان چنڊڪ اُڏامندي ٻاھر ھلي ويندا ھئا. ٻنھ ان جي سامھون تہ ننڍپڻ ڪان وڏي ٿي ھئي، اسڪول ۾ پڙھي، ڪاليج بہ ويئي پر ڪنھن مھاراشٽرين سندس وڏن وارن جو قدر نہ ڪيو پر ڪاليج جي پھرين ڪلاس ۾ ئي ساٿس ھڪ سائوٿ انڊين گڏجي ويو، سو امي ناٿن ھڪ ڏينھن ممبئي ۾ اڪيلو پيئنگہ گيسٽ ٿي ڪنھن فئمليءَ سان رھندو ھو.ھن جي اُڏامر تيز ھئي ھن ڪي وديش ۾ نوڪري ملي ويئي حال ھو ٻاھر ھليو ويو. ڪجھہ سالن ڪان پوءِ موٽي آيو ائين تہ ڪنھن جا بہ مائٽ پنھنجي ٻار جي پسندي سولي نموني پسند نہ ڪندا آھن سا بہ وري جڏھن ڇوڪري سائوٿ انڊين نہ ھئي.ھن جي رھڻي ڪھڻي ٻي ھئي. ھن ٻي ٻولي ٿي ڳالھائي. پر ٻنھي ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ سياڻا نڪتا. ھنن وقت جي تقاضا ڪي سمجھي ورتو. وواہ جون تياريون ٿيڻ لڳيون ھو ٻئي شادي ڪري ٻاھر وديش ھليا ويندا.

ھڪ ڏينھن ھوءُ خريداري ڪري واپس گھر موٽيا تہ پاڙي ۾ ھو ھو ٿي

ويئي. ڪاڪو ڪالينات پلنگ تان هيٺ ڪري پيو هو. سڄي ڳهڻيءَ جا واقفڪار اچي ڪٺا ٿيا هئا. پرتيما به سواميناٿن کي پاڻ سان گهلي ان گهر ۾ گهڙي. گهر جو دروازو بند هو. اندر ڪو به آواز نه هو. پرتيما سوچي رهي هئي جيڪڏهن ڪاڪو سرڳواس به جي ٿي ويو هو ته به ڪو ته هن جي پرسان ويهي روئندو هجي روئڻ جو آواز ئي نه هجي هن همٿ ڪري در کي اندر ڌڪو ڏئي کوليو ڪاڪو ٻئي ڪمري ۾ اڌ ليٽيو پيو هو. پهرئين ڪمري ۾ سندس وڏي پيڙ مٿي تي هٿ رکي ويٺي هئي. ڪالهه هيڏو مهاراشٽرا جو ڊانسر ڪلاڪار هو ته به اجا تائين سرڪاري نمائيندو ڪو نه پهتو آهي. پرتيما کي اچانڪ سمجهيو ، سواميناٿن جي ڪن ۾ هن ڪجهه چيو ۽ پاڻ ڪاڪي جي پرسان ائين اچي ويٺي ، ڳويا هو هن سان فوٽو ڪيڏائي رهيو هو. سواميناٿن جلد جلد به ٽي فوٽو ڪيي ورتا ۽ چپ چپ ۾ گهر جي دروازي کي پيڪري ٻاهر نڪري آيا.

■■■